26/91

ماهوار

سُهڻي

هر مر جهر مر ڏيئڙا آهي سارو پنڌ،
ڪنهن جو ڪنهن جو ڪنڌ، جرڪي ٿوان جوت ٻر!

- شيخ اياز

ڪتاب نمبر..................
ڏالومل سوٽي لائبريري

معياري ادب پيش ڪندڙ

ماهوار

سُهڻي

آڪٽوبر — ١٩٧٢ع

سال: ٣ نمبر: ١٠

ايڊيٽر
طارق اشرف

قيمت: ٠٠—٢ سال لاءِ: ٠٠—٢٠

سهڻي پبلشرس
الهندو ڪچو
حيدرآباد، سنڌ.

SOHNI PUBLISHERS
F/45-750 WEST KUTCHA
HYDERABAD, SIND

ترتيب

پنهنجي طرفان....	طارق اشرف	٣

ڪهاڻيون

اکيان بيوس لڳيان....	غلام نبي مغل	١٨
نہ گهر جو نہ گهاٽ جو	نجم عباسي	٣٢
پهچي وبو پانڌي، ڏيئڙو ڪٺي ڏاهہ جو	فهميده ميمڻ	٤١

شعر

بيتَ، وايون	شيخ اياز	٥٦
وايون، نظم، بيتَ	قمر شهباز	٦١
وائي	سروپچندر 'شاد'	٦٤
نظم	إمداد حسيني	٦٥
نظم	سحر باوچ	٦٦
غزل	پير بخش پياسي	٦٧
غزل	مير محمد پيرزادو	٦٨
دوها	منظور قريشي	٦٨
غزل	انور	٦٩
وائي	صدرالدين قريشي	٦٩
وائي	شمشاد مرزا	٧٠

مضمون

وقت جو آواز (تقرير)	شمشيرالحيدري	٧٢
٤ - مارچ ١٩٦٧ع	مسعود نوراني	٧٥

تنقيد ۽ رايا

پڙهندڙن جا خط	پڙهندڙن وٽان	٨١

سيد سليم شاه قادري، شاهد پرنٽرز، صدر حيدرآباد سنڌ، مان ڇپرايو.

پنهنجي طرفان ....

سهڻي ۽ اڳتي قدم تي پابندي

▲ ماهوار ’سهڻي‘ جا ايڊيٽوريل ڪجهه مهنن کان پڙهندڙن ڏاڍا پسند ڪيا آهن. انهن پسند ڪندڙن ۾ شيخ اياز، پير حسام الدين شاه راشدي، غلام محمد گرامي، محمد عثمان ڏيپلائي، رسول بخش پليجو، تنوير عباسي، آغا سليم، آمر جليل، قمر شهباز ۽ اِمداد حسيني جهڙا وڏا ليکڪ به شامل آهن، ته نوان ليکڪ ۽ پڙهندڙ به. ايڊيٽوريل کي پسند ڪرڻ جو سبب اِهو آهي ته انهيءَ ۾ وقت جو آواز آهي، سنڌ جي سجاڳيءَ جو پيغام آهي، ڪي حقيقتون آهن ۽ سنڌ سان ٿيل زيادتين جو ذڪر آهي. مان ڪنهن به خوشفهميءَ ۾ مبتلا نه آهيان، نه اهو سڀ ڪجهه ڦونڊَ ۾ پرچي چٽي رهيو آهيان. نه، اهڙي ڪا به ڳالهه ڪانهي. ڪجهه عرصو اڳ ’روح رهاڻ‘ مخزن ۾ ’حميد سنڌي‘ به مسلسل ڏاڍا سٺا ايڊيٽوريل لکيا هئا، انهن ايڊيٽوريلن کي به سيني وڏن ليکڪن، نون ليکڪن ۽ پڙهندڙن ڏاڍو پسند ڪيو هو. جيئن اڄ ليکڪن ۽ پڙهندڙن سهڻيءَ کي هڪ ’تحريڪ‘ جي نالي سان نوازيو آهي. ڪڏهن اهو نالو ’روح رهاڻ‘ کي ڏنو ويو هو. روح رهاڻ واقعي تحريڪ هئي. هن فقط چڻنگ نه ڏني هئي، بلڪ باهه جا پنيٽ ٻاري ڇڏيا هئا. ۽ انهيءَ چوڻ ۾ ڪوبه وڌاءُ ڪونهي، ته ون يونٽ جي ٽٽڻ ۾ ’روح رهاڻ‘ وڏو ڪردار ادا ڪيو هو. ڇاڪاڻ ته ’روح رهاڻ جا ايڊيٽوريل يا جيڪي لکڻيون روح رهاڻ ۾ ڇپبيون هيون، انهن سنڌي قوم ۾ وڏي سجاڳي آندي. ماڻهن ۾ هوش آيو، جوش وڌيو، تحريڪن جنم ورتو ۽ نيٺ ون-يونٽ جو ڦهري ڪوٽ ڊهي پٽ پيو.

▲ پر ڪٿي آهي اڄ ’روح رهاڻ‘ ۽ ڪٿي آهي ’حميد سنڌي؟‘ حميد سنڌي خدانخواسته گذاري ڪونه ويو آهي، اڃا جيئرو آهي. البت روح رهاڻ تي ايوبي آمرانه دوُر ۾ پابندي وڌي وئي. انهيءَ جو عظيم ڏوهه فقط اهو هو ته هُنَ سنڌي قوم کي جاڳائڻ جو ناقابل معافي ڏوهه ڪيو هو. روح رهاڻ بند ٿي وئي. حميد سنڌي خاموش ٿي ويو. پر اهي وڏا ليکڪ اڃا به جيئرا آهن، اڃا به سنڌ تي لکن پيا. نوان

لکندڙ به اچا آهن. پڙهندڙ به اچا آهن. پر ڪيڏي نه افسوس جي ڳالهه آهي ته روح رهاڻ بند ٿي، جن وڏي واڪ اهو ٿي چيو ته: روح رهاڻ هڪ تحريڪ آهي، روح رهاڻ سنڌ آهي. انهيءَ سنڌ تي جڏهن پابندي پئي، ته سنڌي ائين خاموش رهيا، ڄڻ روح رهاڻ سنڌ جي سچڻ مخزن نه بلڪ دشمن هئي، چڱو ٿيو جو بند ٿي وئي. انهيءَ جو نڪرڻ سنڌي ٻولي ۽ سنڌ لاءِ هاڃيڪار هو. جڏهن روح رهاڻ بند ٿي هئي، مون سمجهيو هو، وڏي هلچل هلندي، وڏا هنگاما ٿيندا، رت وهندو، ماڻهو گهرن مان نڪري ايندا. جنهن مخزن سنڌي قوم کي سجاڳ ڪيو آهي، اها جاڳيل قوم ڪڏهن به خاموش نه ويهندي. پر ٿيو ڪجهه به نه. موت جهڙو سڪونت ڇانيو رهيو. روح رهاڻ بند ٿي وئي. حميد سنڌي بي حس ۽ بي قدر قوم کان مايوس ٿي، سنڌي ادب مان ئي منهن موڙي ويو هليو (في الحال).

▲ اڄ وري 'سهڻيءَ' کي 'سنڌ جي تحريڪ' جو نالو ڏنو ويو آهي. وڏا ۽ نوان ليکڪ ايڊيٽوريل تي داد پيا ڏين. پڙهندڙ هر مهيني سوَن جي تعداد ۾ خط لکن پيا ته: 'سهڻي هاڻ هڪ تحريڪ آهي. سهڻيءَ سنڌ کي سجاڳ ڪيو آهي. سهڻي سنڌ جو ۽ اسانجو آواز آهي. سهڻي اسانجي دل جي ڌڙڪڻ آهي. اسين سهڻيءَ لاءِ پنهنجو سِرُ به ڏيندا سين. اسين نهايت احسانمند آهيون جو اوهين اهڙي جرئت ۽ بيباڪيءَ سان اهڙو سچ پيا لکو ۽ سنڌ لاءِ آواز پيا اٿاريو.' پر آءٌ خوش ٿيڻ جي بدران سوچيان پيو، ته ڪٿي تاريخ پنهنجو پاڻ کي ته نه پئي دهرائي. ساڳيو روح رهاڻ ۽ حميد سنڌي وارو حشر سهڻي ۽ طارق جو به ته نه ٿيندو. مونکي نه انهيءَ جو ڏک آهي، نه ئي فڪر، ته منهنجو ڪهڙو حشر ٿيندو. ڏک ۽ فڪر اٿم ته اهو، ته جيڪڏهن روح رهاڻ وارو ساڳيو حشر سهڻيءَ جو به ٿيو، ۽ سنڌي عوام ائين ئي خاموش رهيو، ته ڇا ڪو پيو رسالو به اهڙي سَتل ۽ بي حس قوم لاءِ همت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو؟

▲ اسانکي معتبر ذريعن کان پتو پيو آهي، ته ماهوار 'سهڻي' ۽ ڪتابي سلسلي 'اڳتي قدم' تي تمام جلد پابندي وڌي ٿي وڃي. انهن پنهنجن جو به ساڳيو ڏوهه آهي، جيڪو روح رهاڻ جو ڏوهه هو — يعني سهڻي ۽ اڳتي قدم حق جو آواز بلند ڪن پيا، سنڌي عوام کي جاڳائين پيا. ۽ اهو عظيم ۽ ناقابلِ معافي ڏوهه آهي. سنڌي قوم کي ڪڏهن

ٻه نه جاڳائڻ گهرجي، اهو ڏوهه جهڙو ڪم آهي، ۽ انهيءَ جي سخت سزا ملڻ گهرجي.

▲ هيءَ، آها ساڳي حڪومت آهي، جنهنڪي اسان ووٽ ڏنا آهن، جنهن لاءِ اسان هلچلون هلايون هيون. جنهنجي حمايت اسان ايوب جهڙي آمر جي دؤر ۾ به ڪئي هئي ۽ سندس پارٽيءَ جي حمايت ۾ ايوب جي ڏينهن ۾ بيان ڏناسين، جلسا ڪياسون، جلوس ڪيياسون. پين ڳالهين کي ته ڇڏيو، پر جڏهن ويجهڙائيءَ ۾ اردو ٻازن ٻوليءَ وارا 'فساد' ڪرايا، ته به اسان سنڌين ضبط سان ڪم ورتو، ڇاڪاڻ ته اردو ٻازن جي سازش هئي ته پيپي جي حڪومت کي ڊاهجي. ۽ اسان پيپي جي حڪومت کي بچائڻ خاطر عقوبتون سٺيون، پنهنجا پيارا پيارا ڪونڌرشهيد ڪرائي به بدلو نه ورتوسين، ته جيئن عوامي حڪومت کي نقصان نه رسي. ٻوليءَ جي ٽيل هنگامن ۾، صدر پيپي جي اپيل تي اسان سنڌين ٿي عمل ڪيو، جيتوڻيڪ اسان سان ظلم ٿيو هو. پر هاڻي اِها عوامي حڪومت سنڌي عوام جا ئي حق کسڻ چاهي ٿي. اسانکي ته يقين ٿي نٿو اچي ته اهڙو غير منصفانه ۽ غلط قدم کڻو ويندو. شملا ناهه تي صدر پيپي کي مبارڪباد ۽ حمايت جون تارون اسان ئي ڪيون. انهيءَ جي پيٺ ۾ اردو ٻازن انهيءَ معاهدي جي سخت مخالفت ڪئي. اسان ئي صدر پيپي جي انهيءَ ڳالهه جي حمايت ڪئي ته: بنگلا ديش کي تسليم ڪيو وڃي. ۽ عوامي حڪومت جي اها حالت آهي ته سنڌي رسالن تي ڪات ڪهاڙا ڪٺن! عوامي حڪومت جا عهديدار پاڻ تي ڪا تنقيد برداشت نٿا ڪن، نه خاميون ٻڌڻ چاهين ٿا. جيڪڏهن اها واقعي عوامي حڪومت آهي. جيئن صدر پيٽو چوي ٿو ته: مان عوام جي پيدائش آهيان' ته عوام کان ڳالهائڻ جو حق ڇو ٿو کسيو وڃي؟ جيڪڏهن حق جو آواز ٻڌڻ جي عوامي حڪومت ۾ طاقت ڪانهي، ته عوامي حڪومت کي گهرجي ته پيپلس پارٽيءَ ڪانسواءِ سڀني پارٽين تي پابندي وجهي ڇڏي، 'مساوات' ۽ 'هلال پاڪستان' کان علاوه سڀئي اخبارون ۽ رسالا بند ڪري ڇڏي. ته جيئن حڪومت تي ۽ سندن وزيرن تي ڪنهن به قسم جي تنقيد نه ٿئي. اسانکي اها به پڪ آهي ته صدر پيٽو يا ممتاز پيٽو اهڙا اڻجاڻ ڪونهن، جو سنڌ جي عوامي پرچن کي بند ڪن. اهي سندن هيٺيان آفيسر، خاص ڪري غير سنڌي آفيسر ۽ غير سنڌي سي-آءِ-ڊي جو

طبقو آهي، جيڪي حڪومت کي غلط خبرون ڏئي سنڌي رسالن تي
ڌي پابنديون وجهائڻ ٿا چاهين، ته جيئن سنڌي عوام ۾ موجوده حڪومت
جي خلاف نفرت ڦهلجي.

▲ اسانکي عوامي حڪومت کي ڪابه گذارش ڪرڻي ڪانهي. نڪا ڪا بيبک گهرڻي آهي، پر سنڌي ليکڪن ۽ پڙهندڙن کي ڪجهه عرض ضرور ڪرڻو آهي. آءٌ انهن لکندڙن ۽ پڙهندڙن کان پڇڻ ٿو چاهيان. اوهين جو چئو ٿا ۽ لکو ٿا ته: 'سهڻي سنڌ جي تحريڪ آهي. سهڻي سنڌ جو آواز آهي. سهڻي اسانجي دل جي ڌڙڪن آهي.' ڇا اوهين انهيءَ ڌڙڪن کي بند ٿيڻ ڏيندا؟ سنڌ جو آواز بند ٿيندو، اوهين خاموش رهندا؟ سنڌ جي تحريڪ کي ختم ڪيو ويندو، اوهين چپ ڪيو ويٺا هوندا؟ سهڻيءَ جي ساراهه ۾ اوهين جيڪي سوين خطَ لکندا رهيا آهيو، ڇا اُهي فقط ڇپجڻ لاءِ هوندا آهن؟ ته جيئن پڙهندڙ اوهان لاءِ اهو سوچين ته اوهين ڪهڙا نه محبِ وطن آهيو، ڪيترو نه جذبو آهي اوهان منجهه. ڇا اِهي سڀ لکڻيون ۽ خطَ فقط شهرت لاءِ آهن. مان ڪولهي ٿو ٻڌائڻ چاهيان ته ايوبي ۽ يحيٰ جي آمرانه حڪومت هجي، يا اسانجي چونڊيل 'عوامي حڪومت' هجي، سنڌ سان هميشه ناحق ٿيندو آيو آهي، ۽ ٿيندو رهندو!! ۽ حقيقت ته اها آهي ته اسين آهيون به انهيءَ قابل جو اسان سان نا انصافي، حق تلفي ۽ سختيون ٿيڻ گهرجن. اسان ۾ جذهن همت ڪانهي، اسين جذهن ستل آهيون، اسان ۾ جذهن اتحاد ڪونهي. اسين فقط تعريف جا خطَ، اخبارن ۾ مراسلا، جذباتي تقريرون ۽ بيان بازي ڪرڻ چاهُون ٿا ته پوءِ اسان سان اِهي جٺيون ضرور ٿيڻ گهرجن. پر سنڌي لکندڙن ۽ پڙهندڙن کي اهو ٻڌائڻ ٿو چاهيان، ته هن دفعي سهڻي ۽ اڳتي قدم بند ٿيا، ته شايد ٻيو ڪو مٿي ڦريل، سنڌيءَ ۾ مخزن ڪيڻ جي ڪوشش نه ڪندو. اها ڳالهه ڪانهي ته محبِ وطني طارق اشرف ۽ مدد علي سنڌيءَ تي ختم آهي. نه، پر اهڙي بي حس ۽ بي قدر قوم لاءِ ڪير اڳتي نڪرندو. هاڻ اسانکي ڏسڻو اِهو آهي، ته لکندڙ ۽ پڙهندڙ سهڻي ۽ اڳتي قدم جي بند ٿيڻ تي ڇا ٿا ڪن. اسين، سنڌين کي بغاوت تي ڪونه ٿا آڀاريون، ڇاڪاڻ ته اها اسانجي پنهنجي حڪومت آهي، انهيءَ کي اسان ووٽ ڏئي ڪامياب ڪيو آهي. صدر ڀٽو ڀيريون ۽ شايد آخري سنڌي صدر آهي. پر اهو ضرور چونداسين

تہ پنھنجا جائز حق وٺڻ لاءِ تحريڪون هلائيون آهن، جدوجهد ڪئي آهي، سختيون سهيون آهن، جيلن ۾ وڃبو آهي- ۽ تڏهين ئي حق ملندا آهن. اها ڳالهہ ڪا نئين ڳالهہ ڪانهي. ذوالفقارعلي ڀٽي ئي اسانکي اِها واٽ ڏسي آهي. انهيءَ جوئي چوڻ آهي تہ: 'حق' ڀيستائين نہ ملندا، جيستائين، عوام اوهان سان نہ هوندو، تنهنڪري عوام کي پاڻ سان شامل ڪريو ، اوهين ضرور فتحياب ٿيندا .' ڀٽي سان بہ عوام شامل هو، تڏهن ئي هن ايوب ۽ يحيٰ جهڙي آمرن کي شڪست ڏني . هاڻ اسين بہ ذوالفقار علي ڀٽي وانگر عوام ڪان مدد گهرون ٿا، عوام کي سڏيون ٿا ، تہ هو اسانکي سڏ ڏين . اسين سنڌ لاءِ آواز اٿاريون پيا، اسين سنڌين کي سجاڳ ڪريون پيا ، اسين سنڌ لاءِ جدوجهد ڪريون پيا. اسان ڪوبہ ڏوهہ جهڙو ڪم نہ ڪيو آهي، جو انهيءَ جي سزا ۾ اسانجي رسالن تي پابنديون وڌيون وڃن. اسانکي اميد آهي تہ اسانجو عوام هاڻ خاموشيءَ سان پنهنجن رسالن تي پابنديون وجهڻ ڪونہ قبوليندو، بلڪ ذوالفقار علي ڀٽي جي هلايل تحريڪ وانگر تحريڪ هلائيندو ، ميدان ۾ نڪري ايندو ، جدوجهد ڪندو ، سختيون برداشت ڪندو، جيلن ۾ وڃڻ لاءِ تيار ٿيندو . جيستائين منهنجي ذات جو تعلق آهي، جيڪڏهن سهڻيءَ تي پابندي وڌي وئي ۽ آهي سنڌي سچڻ، جيڪي اڄ سهڻيءَ جي ساراهہ مان نٿا ڍاپجن ، جنجي لکڻين ۾ سنڌ ۽ فقط سنڌ جو نعرو آهي، آهي جيڪڏهن خاموش رهيا، تہ بہ آءٌ خاموش نہ رهندس، آءٌ اڪيلو بہ ميدان ۾ نڪري ايندس، آءٌ اڪيلو بہ بک هڙتال ڪندس، آءٌ اڪيلو بہ جيل ۾ ويندس، آءٌ اڪيلو بہ ڦاهيءَ تي چڙهڻ لاءِ تيار آهيان ، چاهي سنڌ جا پيا سچڻ ساٿ نہ ڏين.

اُردو باز شاعر

▲ سنڌي ٻولي جي بِلَ تي فساد ڪرائيندڙ اردو باز فسادي شاعر 'رئيس امروهيءَ' چيو آهي تہ : 'هاڻ هر ڳالهہ وساري ڇڏجي ، ۽ سنڌي - اردو جي اتحاد جي ڳالهہ ڪجي. منهنجي نظم 'اردو ڪا جنازه' کي چڱيءَ طرح ڏسندا تہ انهيءَ ۾ ڪجهہ ڪونهي.' (جنگ اخبار، ١٠ سيپٽمبر ١٩٧٢) رئيس صاحب، اوهين چئو ٿا تہ اوهانجي نظم ۾ ڪا ڳالهہ ڪانهي. يعني هرويرو سنڌين کي ڇتي ڪتي ڇڪ پاتو هو، تنهنڪري چريا ٿي پيا هئا. اسين اوهانکان پڇون ٿا ، تہ

جيڪڏهن بقول اوهانجي، اوهانجي نظم ۾ ڪجھ به ڪونهي، ته پوءِ اوهان اِهو نظم عين انهيءَ ڏينهن ڇو لکيو هو، جنهن ڏينهن سنڌ اسيمبليءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جو بل پاس ٿيڻ وارو هو. ڇو سڄي 'جنگ' اخبار ڪي ڪارا حاشيه ڏنل هئا، ڇو هر پيج تي لکيل هو، 'اردو ڪا جنازه هے ذرا دهوم سے نکلے.' جڏهن نظم ۾ ڪا ڳالھ نه هئي ته پوءِ اها مسخري ڇو ڪئي وئي هئي. ماڻهو مري ٿي نه ، ۽ سندس جنازو ڪيجي، انهيءَ مان ٻه معنائون ڪيبيون ، يا ته اوهانکي انهيءَ سان شديد نفرت آهي، جنهنجي اظهار خاطر توهان جنازو ڪڍيو، يا اوهان عوام کي جنازو ڏيکاري اشتعال ڏيارڻ چاهيو ٿا. پهرين ڳالھ اوهان سان لاڳو ڪانهي، ڇاڪاڻ ته اوهين چئو ٿا ته: 'اردو، اِسانجو ايمان آهي، اسلام کي بچائڻ لاءِ اردوءَ جو هئڻ لازمي آهي ، پاڪستان ٺهيو ئي اردوءَ کي بچائڻ خاطر.' تنهنڪري اردوءَ سان نفرت جو ته سوال ئي پيدا نٿو ٿئي، البت اوهانکي پنهنجن ماڻهن کي اشتعال ڏيارڻو هو، سنڌين جو قتل عام ڪرائڻو هو، پيپلس پارٽيءَ کي ناڪام ڪرڻو، صدر ڀٽي ۽ ممتاز ڀٽي کي سندن موجوده عهدن تان هٽائڻو هو، پنجاب کي سنڌ ۽ صدر ڀٽي جي خلاف اُڀارڻو هو، ڪن ڳالهين ۾ وقتي طور اوهين ڪامياب به ٿيا. هاڻ اوهين چئو ٿا ته: نظم ۾ ته ڪا ڳالھ ڪانهي. رئيس صاحب ، نظم ۾ ته گهڻو ڪجھ هو ، پر انهيءَ مان اوهانکي اُهو ڪجھ ڪونه وريو، جيڪو ڪجھ اوهان چاهيو هو، ڇاڪاڻ ته اوهان ڪوڙا هئا، دوکيباز هئا، اوهان سڄو مڪر ڪيو هو. اوهان چئوٿا ته انهيءَ نظم ۾ ڪجھ نه هو. اسين چئون ٿا انهيءَ نظم ۾ باھ هئي، انهيءَ نظم ۾ نفرت هئي، انهيءَ نظم ۾ اشتعال هو، انهيءَ نظم ۾ بغاوت هئي، انهيءَ نظم ۾ ڪوڙ هو. انهيءَ نظم ۾ فريب جي انتها هئي . ٻيا اڃا به ڪجھ ڇئجي؟ جنازو انهيءَ جو نڪرندو آهي، جنهنجو موت ٿيو هجي، ڪنهنجو موت ٿيو هو، جو اوهان جنازو ڪڍيو؟ ها، اوهان امن جو جنازو ڪڍيو، اوهان سک ۽ چين جو جنازو ڪڍيو، اوهان بيگناهن جو جنازو ڪڍيو، اوهان ملڪ ۽ قوم جي وقار جو جنازو ڪڍيو . اوهان اهو نظم ملڪ کي تباهه ڪرڻ خاطر لکيو. ڪوڙ ۽ فريب جون سڀئي حدون اوهين ٽپي ويا. اردو جيڪا پاڪستان جي عوام جي اڪثريت جي ٻولي ڪانهي ، تنهنکي پاڪستان جي قومي ٻوليءَ جو درجو حاصل آهي. ملڪ جي

ٽن صوبن جي واحد سرڪاري زبان آهي. سنڌ ۾، سنڌيءَ کي فقط صوبائي ٻوليءَ جو درجو مليو ٿي ته اوهان اردوءَ جو جنازو ڪڍي ڇڏيو. اوهين چئو ٿا ته منهنجي نظم کي چڱيءَ طرح ڏسو، انهيءَ ۾ ڪابه اهڙي ڳالهه ڪانهي. اسين اوهانکان پڇون ٿا، ڇا اوهان سنڌي ٻوليءَ واري بل کي چڱيءَ طرح ڏٺو هو؟ انهيءَ ۾ اوهانجي يا اوهانجي ٻوليءَ خلاف ڪابه ڳالهه، ڪو فقرو ڪونه هو. پر اوهانکي ته فساد ڪرائڻا هئا، عوامي حڪومت کي ناڪام ڪرڻو هو، انهيءَ جي اوهان پوريءَ ريت ڪوشش ڪئي. هاڻ اوهين چئو ٿا ته اهي سڀئي ڳالهيون وساري ڇڏيون- ڪيئن وساريون! ڇا شهيد عبدالرزاق کي اسين وساري سگهون ٿا، ڇا شهيد دوست محمد پراچه کي اسين وساري سگهون ٿا، ڇا اسين انهن سڀني بيگناهه سنڌين کي وساري سگهون ٿا، جنکي اوهان شهيد ڪيو. ڇا اسين وساري ڇڏيون ته اوهان سائين جي- ايم- سيد تي بم اڇلايو. ڇا اسين وساري ڇڏيون ته اوهان ذوالفقارعلي ڀٽي، ممتاز ڀٽي ۽ ميررسول بخش ٽالپر جون قبرون ٺاهيون هيون. ڇا اسان وساري ڇڏيون ته اوهان اسانجي ليڊرن جا نالا گڏهن تي لکيا هئا. ڇا اسان وساري ڇڏيون ته اوهان بيگم نصرت ڀٽو ۽ ڀٽي جي نياڻي بينظير، جيڪا سنڌ جي نياڻي آهي، تن لاءِ ڀتين تي فحش گاريون لکيون هيون. اسين ڪيئن ٿا وساري سگهون، جيڪڏهن ڀٽي جي اپيل تي اسين خاموش ٿي ويا آهيون، ته اوهان اهو نتيجو نه ڪيو ته سنڌي بيغيرت قوم آهي، نه ائين هرگز ڪونهي.

▲ تازو اردو بازن جي ليڊر جي- آءِ مدني چيو آهي ته: 'سنڌ ۾ اڌو اڌ آبادي اردو ڳالهائيندڙن جي آهي.' ڪوڙ ڳالهائڻ ۾ اوهانجو ڪو شريڪ ڪونهي. چوندا آهن، بيشرمائي ته بادشاهي. مدني صاحب جيڪڏهن اوهانجي ٻولي ڳالهائيندڙ اڪثريت ۾ آهن، ته پوءِ اوهانجا ليڊر راولپنڊيءَ ۾ ڏينهن جا ڏينهن ويهي، ٻوليءَ وارا ڪالم نه ڪيرائين ها. ٻوليءَ وارو ڪالم نه نڪري ها، ته اوهان ۽ اوهانجي مودودي جماعت، جيڪا اردوءَ جي حمايت لاءِ پوريءَ ريت تيار هئي، اوهان پنهي جي ڪوشش جي باوجود به اوهانکي پتو پئجي وڃي ها، ته اردو ڳالهائيندڙ سنڌ ۾، يا پاڪستان ۾ ڪيترا آهن. هاڻ جڏهن آدم شماري واري فارم مان ٻوليءَ جا ڪالم ڪڍيا ويا آهن، ۽ اوهين چئو ٿا ته اردو ڳالهائيندڙ اڪثريت ۾ آهن، ته پوءِ اوهين خاموش ڇو آهيو؟ ڪنهنکي ٿا

بيوقوف بنايو. ٻوليءَ وارو ڪالم رهڻ ڏيو ها، ته اچا ڪارا پڌرا ٿي پون ها. پارٽ مان جيڪي ٻه لڏي، آيا آهن، انهن سڀني جي ٻولي اردو ڪانهي. ڪاٺياواڙين جي ڪاٺياواڙي آهي، راجستان وارن جي مارواڙي، فقط ڏهه سيڪڙو يو-پي ۽ سي-پي جا اهڙا ماڻهوآهن، جنجي ٻولي اردو آهي. اوهان ڪراچيءَ تي پي ڪُڏيا، پر هاڻ اوهانجي خاموشي اوهانکي ٻڏائي ڇڏيو هوندو، ته ڪراچيءَ ۾ اردو ڳالهائيندڙن جو تعداد ڪيترو آهي. ڪراچيءَ ۾ تمام وڏو تعداد مڪرانين جو آهي، جنجي ٻولي مڪراني آهي، انهيءَ ڪان علاوه ٻروچ ۽ پٺاڻ به رهندا آهن، جنجيون پنهنجيون ٻوليون آهن. ڪاٺياواڙين جي پنهنجي ٻولي آهي، خواجن جي پنهنجي، پارسي ۽ ٻوهرا گجراتي ڳالهائين، ڪرسچن انگريزي، تنهن ڪانسواءِ سنڌين جو پڻ وڏو تعداد رهي ٿو. خود ڪراچيءَ ۾ ئي اردو ڳالهائيندڙن جو تعداد ڏهه سيڪڙو مس آهي. اتي ته اوهين ڏڪ ڪائي ويا. اوهين پنهنجي گهٽائي جا نعرا پيل هڻو، پر ڪو ٺوس ثبوت ته ڏيو. هاڻ ڏهه سال آٿوَ، ڪوشش ڪري پنهنجي حمايتين ٻهارين کي سڏايو يا ڏهه سال مسلسل ڪوششون ڪريو، سرڪاري ڪاغذن ۾ ڦيرڦار ڪريو، مودودي جماعت سلامت آهي، پئسي جي اوهانکي پرواهه ڪانهي، شايد ايندڙ ڏهن سالن ۾ اوهين پنهنجي مڪر ۽ فريب سان انهيءَ ڪوڙ کي سچ ڪري سگهو. پر اهو به ياد رکجو، سنڌ سڄاڳ آهي، سنڌ ڇا، بلڪ پنجاب، سرحد، بلوچستان، بلڪ هر ٻولي ڳالهائيندڙ سڄاڳ آهن، هر ڪنهنکي پنهنجي ٻولي مٺي آهي. اوهانجو ڪوڙ شايد ڦٻي نه سگهي. ائين نه ٿئي ته هينئر ته فقط رئيس امروهي 'اردو ڪا جنازه' نظم لکيو ۽ مودودي جماعتن جي مُلن انهن جنازن جي جنازه نماز پڙهائي، پر اوهانجي ارڪانن جي ڪري اردوءَ جي اصلي جنازي کي ڪلهو ڏيڻو پوي. پر اهو ڏوهه اسانجو نه، اوهانجو پنهنجو هوندو. سنڌيءَ ۾ چوندا آهن: 'جيڪي وڃان وڃان ڪن، سي ترسي ترسندا ڪيترو.' جنازي جي وائي اوهان ڪٿين آهي، خدا اوهانجي ڳالهه قبول ڪري.

هلال پاڪستان، ڪراچي

▲ پيپلس پارٽيءَ جيڪي چڱا ڪم ڪيا آهن، انهن سان سنڌ لاءِ جيڪڏهن ڪو سيڪان چڱو ڪم ٿيو آهي، ته اهو آهي، ڪراچي واري **هلال پاڪستان** ۽ جيڪو عقلمنديءَ جو ڪم ڪيو آهي،

اُهو آهي انهيءَ جو ايڊيٽر **سراج** کي ڪرڻ. پيپلس پارٽيءَ جو سنڌين تي اهو وڏو احسان آهي. هن اخبار اهو ڪم ڪيو آهي، جيڪو پنجويهن سالن ۾ ڪنهن به سنڌي ليڊر نه ڪيو، ڪنهن اديب نه ڪيو، ڪنهن اخبار نه ڪيو، ڪنهن ڪتاب نه ڪيو. هلال پاڪستان کي نڪرندي ڇهه مهينا ڪن مٿس ٿيا آهن، پر انهن ڇهن مهينن ۾ هن سنڌين ۾ اُها سجاڳي پيدا ڪئي آهي، جيڪا سنڌ ۾، صدين ۾ به پيدا نه ٿئي ها. بنا ڪنهن وڌاءَ جي اهو چئي **سگهجي** ٿو ته 'هلال پاڪستان' (ڪراچي) سنڌين جو آواز آهي. هن اخبار کي، خاص ڪري هن اخبار جي ايڊيٽر سراج کي اسين سلام ٿا ڪريون. ڪراچي جون نام نهاد اردو باز اخبارون (جن ۾ اردو ۽ انگريزي ٻئي اچي وڃن ٿيون) پنجويهن سالن کان سنڌ جي خلاف زهر اوڳاڇينديون رهيون آهن. انهن سنڌ جي مفاد خلاف کليو ڪلايو لکيو آهي ۽ ڪم ڪيو آهي. اسانجي آواز کي هميشه دٻايو آهي، اهي اخبارون هميشه غير جمهوري ۽ آمرن جي حڪومتن جو ساٿ ڏينديون رهيون آهن. انهن پاڪستان جي ٻين صوبن کي سنڌين خلاف هميشه غلط تاثر ڏنو آهي. پر اسانوٽ ڪو به ٻيو طريقو نه هو، جو اسين پنهنجي بچاءَ ۾ ڪجهه چئي سگهون، ڪو به اظهار جو ذريعو نه هو. اسانجون سنڌي اخبارون اهڙيون نڪرنديون رهيون آهن، جو سنڌي جذبو رکڻ جي باوجود به اسانکي اهي اخبارون پڙهڻ يا وٺڻ جي خواهش نه ٿيندي هئي. جذبي جي تسڪين خاطر جيڪڏهن وٺندا هئاسين، ته پنجن منٽن ۾ پوري اخبار ختم. انهنجي ڇپائي نهايت خراب، خبرون نه هئڻ برابر ۽ پراڻيون. وڏي ڳالهه اها، ته سنڌين جو آواز اهي اخبارون به بلند نه ڪنديون هيون. 'عبرت' اخبار جا مالڪ ايوب جي پارٽيءَ جا، اهي ڪيئن ايوب جي خلاف لکن. 'مهراڻ' اخبار جيئي **سنڌ** جي نعري جي ٿي خلاف، هاڻ وڃجي نه ڪيڏانهن. وري حيدرآباد مان هلال پاڪستان نڪتي، شروع شروع ۾ پيرزادي صاحب جي مقبوليت ۽ نالي جي ڪري ڏاڍي مقبول ٿي، پر پوءِ جڏهن چڙ ته اخبار نه رهي، بلڪ پيپلس پارٽيءَ جو **پيرزادو** رهجي ويئي. اسين سنڌي جڏهن بلڪل مايوس ٿي وياسين، تڏهن اونداهي ٻاٽ ۾ اوچتو چنڊ ڪڙڪي پيو. هلال پاڪستان وڏي شان شوڪت سان ڪراچيءَ مان نڪتي. اها اخبار فقط انهيءَ ڪري چڱي ڪانهي، جو اها ڪراچيءَ مان نڪتي هئي، نه، بلڪ انهيءَ جو ڪارڻ سراج

هو. جنهن بہ پيپلس پارٽيءَ جي عهديدار سراج جو نالو ايڊيٽر لاءِ تجويز ڪيو، ڪيس جس هجي، صحيح معنيٰ ۾ اهو مبارڪ جو مستحق آهي. اسانجي سنڌي اخبارن جا عامل صحافي ڏاڍا پراڻا ۽ مشهور آهن، پاڻ جهڙو چاٺو، سياست جو ماهر، ادب جا پارکو، مضمون جي چوندڻ ڪندڙ پيو ڪنهنکي سمجهندا ڪونهن. اخبار جي واهيات هجڻ جي گلا ڪبي، تہ منهن چبو ڪري چوندا: 'اوهانکي ڪهڙي خبر، اسانکي تجربو آهي.' ڪوڙا آهن اهي، سراج هننکي ڪوڙو ڪري ڏيکاريو. سراج عامل يا ڪامل صحافي ڪونهي، پر هڪ پڙهيل لکيل ۽ قابل ماڻهو آهي، ۽ هڪ پراڻي ڪڪ ۽ نام نهاد تجربي ڪار ڪان لک دفعا سٺو آهي.

▲ اردو اخبارون اسانجي اخبارن کان ڇو وڌيڪ پڙهيون وڃن ٿيون؟ انهنجي ڇپائي تمام سهڻي، خبرون نيون ۽ گهٽيون، مضمون لکندڙ سڀ وڏا اديب. پر اسانجا پراڻا عامل صحافي تہ اديبن کي شايد مسخرا ۽ چامڙا سمجهندا هئا، ۽ انهن ڪڏهن بہ اديبن کي اهميت نہ ڏني، پاڻ ئي بيڪار، بي مقصد مضمون مسلسل لکندا رهيا، ۽ پڙهندڙن کي ڪَڪَ ڪندا رهيا، ۽ ڪين ايترو بيزار ڪيائون جو پڙهندڙن سنڌي اخبارون پڙهڻ ئي ڇڏي ڏنيون. پر سراج ايندي شرط ئي هلال پاڪستان ۾ سيئي پڙهيل لکيل، ۽ نوجوان رتُ ڪنيو، جن ۾ ڪم ڪرڻ جو جذبو آهي ۽ نواڻ جا قائل بہ آهن. سراج ايندي ئي شرط وڏن ليکڪن کان اخبار لاءِ لکرايو. امر جليل اڄ جو مشهور ترين ۽ مقبول ترين ڪهاڻيڪار آهي، هنجو روز ڪالم اچڻ لڳو. سنڌيءَ جي عظيم شاعر شيخ اياز ڪڏهن بہ اخبار لاءِ نہ لکيو، پر سندس نوان شعر هلال پاڪستان ۾ آيا. تنوير، قمر شهباز ۽ ٻين ڪيترن وڏن توڙي نون اديبن هن اخبار لاءِ لکيو ۽ لکن پيا. اهوئي ڪارڻ آهي، جو اها اخبار سنڌي عوام ۾ ايڏي مقبول آهي ۽ سنڌ جي قومي اخبار بڻجي وئي آهي. هلال پاڪستان سنڌ سنڌ کي سجاڳ ڪيو آهي، سنڌ جي حقن لاءِ آواز اٿاريو آهي، حڪمران پارٽيءَ جي اخبار هئڻ جي باوجود بہ حڪومت جيڪي غلط قدم کنيا آهن، انهنجي خلاف کليو کلايو لکيو آهي. انهيءَ جي مقبوليت جو اهو بہ هڪ وڏو ڪارڻ آهي.

▲ هڪ اندازو آهي تہ ڪراچيءَ مان نڪرندڙ اردو اخبارن ۾ 'حريت' ٻارنهن هزار، 'مشرق' سورنهن هزار، 'جسارت' اٽڪل ويهہ هزار ۽

'جنگ' اٽڪل اسي هزار نڪري ٿي. اهي سيئي اخبارون گهڻي عرصي کان نڪرن پيون ۽ جنگ تہ پاڪستان جي ٺهندي ئي نڪتي. انهن اخبارن کي، موجود حڪومت کان اڳ جون حڪومتون نوازينديون پڻ رهيون آهن. پر هلال پاڪستان کي نڪرندي ~تہ ڇهہ مهينا ڪن ئي مس ~ ٿيا آهن. پر ٻڌجي ٿو تہ هيءَ اخبار هاڻ ساڍا ارڙهن هزار ڇپجي پئي، يعني اردو اخبار حريت ۽ مشرق کان گوءِ کڻي ويئي ۽ جلدي متعصب اخبار جسارت کي بہ پٺتي ڇڏي ويندي. هلال پاڪستان جي انهيءَ تعداد اردو اخبارن کي وڏو نقصان پهچايو آهي، ٻئي پاسي سنڌين جو پئسو سنڌي اخبار تي سجايو پيو ٿئي. جسارت مودودي پارٽي جي اخبار آهي، انهيءَ کي ڪو بہ محب وطن ۽ غير تمند سنڌي وٺڻ برداشت ئي نٿو ڪري، نقصان ٻين اخبارن کي پيو آهي. اسانکي ايترو بہ پتو پيو آهي، تہ هڪ وڏي اردو اخبار جو مالڪ بہ ڏينهن حيدرآباد ۾ اچي رهي پيو ۽ پنهنجي ايجنٽ کان اها معلومات ورتائين تہ سنڌ ۾ سندس اخبار ڇو گهٽجي وئي آهي. ايجنٽ ٻڌايو تہ سنڌ دشمنيءَ سبب اوهانجي اخبار گهٽجي وئي آهي، ٻئي پاسي سنڌ جو آواز بلند ڪرڻ جي ڪري هلال پاڪستان وڌندي ٿي وڃي. اردوباز اخبار جي مالڪ ڪراچي وڃي پنهنجي اخبار جي پاليسي مٽائي ۽ سنڌين جي خلاف لکڻ بند ڪيو سندس ڪالم نويس تہ ايترو بہ لکيو: تہ پوئيون ڳالهيون وساريو، اتحاد جون ڳالهيون ڪريو.

▲ اسانوٽ اڄا بہ هزارين بلڪ اڌ لک کان بہ وڌ اهڙا سنڌي آهن، جيڪي اردو اخبارون وٺن ٿا، جڏهن اهي سڀ بہ بند ڪن، ۽ انهيءَ جي پيٽ ۾ سنڌي اخبارون وٺن (هاڻ تہ عبرت بہ سڌري وئي آهي) تہ اهي اردو باز، جيڪي وڏي دعوي سان لکن ٿا تہ: 'پاکستان میں سب سے زیادہ چھپنے والا اخبار' پوءِ اِهي، اِها هام تہ هڻي سگهندا، ۽ ٻئي پاسي سنڌ دشمني جي پاليسي ڪين ڇڏڻي پوندي. اسانجي پئسن سان ئي، اِهي اسانجي خلاف زهر اوڳاڇين ٿا.

▲ هلال پاڪستان جتي اسان تي ايترا ثورا ڪيا آهن. اتي اخبار جي ڪيندڙن سان اسانکي هڪ شڪايت پڻ آهي. (سراج سان نہ، چاڪاڻ تہ هو اخبار جو مالڪ ڪونهي) اخبار جي پاليسي مهيني ڪن کان ڪجهہ ڦري وئي آهي. پهرئين جو کليو کلايو سنڌ جي حمايت ۾ آواز اٿاربو هو، کليو کلايو سنڌ جي دشمنن جا پول پڌرا ڪيا ويندا

لکڻ جي جيڪا اڳ آزادي هئي، هاڻ اُها ڪانهي. اسانکي معتبر ذريعن مان پتو پيو آهي، ته پارٽيءَ، ايڊيٽر کي جهليو آهي، ته گهڻو سچ نه ڳالهايو. ڪجهه حقيقتن کان منهن موڙيو. ڪجهه خاموشي اختيار ڪيو، ڪجهه نظر انداز ڪريو. پر اسين پڇون ٿا ته آخر ڇو؟ جڏهن جسارت، حريت ۽ ٻيون اردو اخبارون ۽ رسالا نه فقط سنڌ ۽ سنڌين خلاف ڪليو ڪلايو لکن پيا، بلڪ ماڻهن کي غلط خبرون ڏيو، غلط تاثرپيا ڦهلائين. سنڌين ۽ عوامي حڪومت کي بدنام پياڪن. ته پوءِ هلال پاڪستان تي پابندي ڇو! اهو نه فقط سنڌ لاءِ هاڃيڪار آهي، بلڪ خود حڪومت کي به نقصان رسي رهيو آهي. ٻئي پاسي جنهن اخبار عوام ۾ ايڏي سجاڳي آندي هئي، انهيءَ ۾ جو اها اوچتي تبديلي آئي آهي، تنهنڪري پڙهندڙ مايوس ٿيا آهن. تنهنڪري اسين پارٽيءَ جي واسطيدارن کي گذارش ڪريون ٿا، ته خدارا هن اخبار تي لکڻ ۽ چوڻ جي پابندي نه وجهو، ايترو ته هنکي به لکڻ ڏيو، جيترو اردو باز اخبارون لکن ٿيون، اها اخبار ٿي انهن کي پُڄي سگهي ٿي، ۽ اها اخبار ٿي انهن لاءِ ٻُنجو آهي.

▲ جڏهن ڪراچيءَ جي هلال پاڪستان جو ذڪر نڪتو آهي، ته حيدرآباد جي هلال پاڪستان جو ذڪر نه ڪرڻ نا انصافي ٿيندي. اِها اخبار انهن ڏينهن ۾ نڪتي هئي، جڏهن سياست ۾ پيپي جو عروج هو. عوام ۾ پيپو بيحد مقبول هو. انهيءَ دور ۾ اها اخبار نڪتي ۽ يڪدم مشهورٿي وئي. انهيءَ ڪري نه ته اخبارتمام سٺي هئي، نه فقط پيپي ۽ پيپلس پارٽيءَ جي ڪري. پر ڪجهه وقت اخبار جو سيٽ آپ به ڪجهه ڇڳيرڙو رهيو ۽ خبرون به ڏينگ جون اينديون هيون. پر هاڻ هن اخبار جي نڪرڻ جو ڪارڻ اسانکي سمجهه ۾ نٿو اچي. اخبار جو نه سيٽ آپ چڱو آهي، نه ڇپائي، نه مواد چڱوآهي، نه ڪو چڱو اديب هن اخبار لاءِ لکي ٿو، ۽ ٻڌجي پيو ته هاڻ هن اخبار جو تعداد به گهڻو گهٽجي ويو آهي. بهتر آهي ته انهيءَ اخبار لاءِ ڪو چڱو، ۽ سراج جهڙو قابل ماڻهو ايڊيٽر رکجي، يا اخبار بند ڪجي. هي هڪ عوامي پارٽيءَ جي اخبار آهي، ۽ عوام جو پيسو ائين ضايع نه ٿيڻ گهرجي. هيءَ اخبار هاڻ اهڙي هنڌ تي پهتي آهي، جو ماڻهو پڙهڻ ٿي پسند نٿا ڪن. تعجب ته اهو آهي ته اخبار جو موجوده ايڊيٽر صاحب وڏي فخر سان اخبار تي وڏن اکرن ■

پنهنجو نالو وڏن اکرن ۾ ٿو ڏي، جيڪڏهن ڪنهن مجبوري تحت مون جهڙو ننڍڙو ماڻهو به هن اخبار جو ايڊيٽر هجي ها، ته مان پنهنجو نالو اخبار ۾ اصل نه ڇپيان ها، ٻئي پاسي اهڙي شاندار اخبار ڪڍڻ جي باوجود سراج جو نالو اخبار تي اهڙي هنڌ، ۽ ايترو ننڍو ايندو آهي، جو گهڻن کي اڃا تائين اها خبر ڪانهي، ته اخبار جو ايڊيٽر آهي ڪير.

ڪنڊڪوٽ جو سانحو

▲ مودودي جماعت، اها جماعت آهي، جنهن پاڪستان جي ٺهڻ جي مخالفت ڪئي هئي، ۽ مودودي صاحب ته قائد اعظم کي به ڪافر سڏيو هو. پاڪستان جي ٺهڻ کانپوءِ به اها جماعت پوريءَ طرح پاڪستان کي تباهه ڪرڻ جون ڪوششون ڪندي رهي آهي. اوڀر پاڪستان (بنگلا ديش) ۾ به انهن سدائين فساد ڪرايا، اسلام جي نالي ۾ انهنکي ايترو ته ڪَٽڪُ ڪيائون، جو انهن اسلام کان ئي توبهه ڪري ورتي ۽ پاڪستان کان الڳ ٿي ويا. مودودي جي مُلّن، اوڀر پاڪستان ۾ قتل عام ۾ به پوريءَ ريت حصو ورتو، پر جڏهن سندن قتل جو وقت آيو ته انهن اولهه پاڪستان جو رخ رکيو. جڏهن کان عوامي حڪومت وجود ۾ آئي آهي، اهي زخمي نانگ وانگر وراڪا کائين پيا. اليڪشن ۾ انهن خزانا لُٽايا، ڍانڊليون ڪيون، فساد ڪرايا پر اليڪشن ۾ ڪامياب نه ٿيا. اليڪشن کان اڳ انهن ۽ انهنجي اخبارن اهو تاثر ڏنو هو ته اها پارٽي پاڪستان ۾ سڀ کان وڏيڪ ووٽ کڻندي. سنڌ جو شهر ڪنڌڪوٽ به اهڙن شهرن مان هڪ آهي، جتي مودودي جماعت پنهنجي ڪاميابيءَ جون وڏيون ٻٽاڪون هنيون هيون، پر ٿيو اهو ئي، جيڪو ٿيڻ گهربو هو، سنڌين مودودي پارٽيءَ کي ٺڏي ڇڏيو، ۽ پيپلس پارٽيءَ جو اميدوار ڪامياب ٿي ويو. تڏهين کان ئي مودودي جماعت ڪنڌڪوٽ جي امن امان ۾ رخني وجهڻ جون پوريون ڪوششون ڪري رهي آهي. هننجي سڄي ڪوشش اها آهي، ته اتي ڪو وڏو فساد ڪرائي عوامي حڪومت کي بدنام ڪري سگهجي. سڀ کان اڳ انهن ڪنڌڪوٽ ڪاليج جي پرنسپل قمر شهباز (جيڪو هڪ محب وطن سنڌي آهي) جي خلاف تحريڪ هلائي. سندن اخبارن هنجي خلاف تمام گهڻو زهر اوڳاڇيو، پر وريو ڪجهه به ڪونه. پر ٦- سيپٽمبر ٧٢ع تي اِهي هڪ اهڙي ناپاڪ ڪوشش ڪرڻ ۾ ڪنهن حد تائين ڪامياب ٿي ويا.

▲ ٦- سيپٽمبر پاڪستان جو يوم دفاع آهي، اهو نهايت احترام سان ملهايو ويندو آهي، پر انهيءَ ڏينهن مودودي جماعت ۽ سندن چاڙتن جيڪو وحشتناڪ ۽ شرمناڪ ڊرامو ڪنڌڪوٽ ۾ ڪيڏيو، انهيءَ جي پڌڻ سان وار وار ڪانڊارجيو وڃي، ۽ شرم کان ڪنڌ جهڪيو وڃي. اسلام جي انهن نام نهاد ٺيڪيدارن هڪ پوڙهي هندوءَ تي ڪوڙو الزام مڙهي، بي گناهه هندن جي گهرن ۽ دڪانن جي عام ڦرلٽ ڪئي. اسانکي جيڪا معلومات پهتي آهي ، انهيءَ مطابق گهٽ ۾ گهٽ هندن جا پنجويهه دڪان ۽ گهر لٽيا ويا ۽ ڪيترن هندونياڻين جون عصمتون لٽيون ويون. گهڻن عورتن جي ڪنن مان زوري زيور لاٿا ويا، هڪ جي ڪنن مان زيور نه لٿو ته ڪن وڍيا ويا. هڪ نياڻي، جنهنجي ويجهڙائيءَ ۾ شادي ٿيڻ واري هئي، انهيءَ کي جهنگ ۾ وٺي، ڪيترن ئي انهن نام نهاد اسلام جي ٺيڪيدارن مقدس عزت لٽي. ڇا اسلام اسانکي اهو سيکاري ٿو؟ ڇا اهو انهن جو اسلام آهي؟ ڇا ڇهين سيپٽمبر تي انهيءَ ڪري يوم دفاع ملهائجي ٿو؟ اسين ڪنڌ ڪوٽ جي سرڪاري آفيسرن کان پڇون ٿا، ته اسلام جي انهن ٺيڪيدارن ڏينهن ڏٺي اها بربريت ڦهلائي، پر اوهان ڇا پئي ڪيو؟ مودودي جماعت اهو ذليل ناٽڪ فقط انهيءَ ڪري ڪيو، ته عوامي حڪومت بدنام ٿئي، عوام تي اهو تاثر پوي ته عوامي حڪومت ۾ اهڙا ظلم پيا ٿين. پٺي پاسي جڏهن پارٽ ۾ اها خبر پوي ته آتي به هندو - مسلم فساد ٿين ۽ شملي وارو ناهه ناڪام ٿئي.

▲ مودودي جماعت مزدورن وارا فساد ڪرايا، پارٽ ۾ پاڪستاني جنگي فوجي قيدين جي مائٽن کي برغلائي جلوس ڪيڙايا، سنڌي ٻوليءَ تي ماٺهو مارايا، شملي معاهدي جي مخالفت ڪئي، جڏهن ڪجهه به نه ورين، ته ڪنڌ ڪوٽ ۾ بي گناهه سنڌي هندن جون عزتون ۽ مال ملڪيت لٽيائون. اسانجي همدردي ڪنڌڪوٽ جي بيگناهه سنڌي هندن سان آهي، هندن جي نياڻين جي عزت نه لٽي وئي آهي، سنڌ جي نياڻين جي عزت لٽي وئي آهي. اسين حڪومت کان مطالبو ٿا ڪريون، ته انهيءَ سانحي ۾ جيڪي به شرپسند شريڪ هئا، انهن کي عبرتناڪ سزائون ڏنيون وڃن. ڇاڪاڻ ته عزت جو لٽجڻ ڪا گهٽ ڳالهه ڪانهي.

جيئي سنڌ ــ جيئي سنڌ جي عزت

ــ طارق اشرف

اکيان ٻيوس لڳيان...
نہ گهر جو، نہ گهاٽ جو
پهچي ويو پاڻڌي، ڏيئڙو ڪٽي ڏاهہ جو

کهاڻيون

غلام نبي مغل
نجم عباسي
فهميده ميمڻ

غلام نبي مغل

اکيان ٻيوس لڳيان...

جنوري شروع ٿي چڪي هئي. صبح جا ڇهه لڳي چڪا هئا. اڃا سج ڪني ٻه ڪانءُ ڪيڏي هئي. آءٌ جيڪب آباد جي اسٽيشن ۾ داخل ٿيس. راتوڪا ٻريل بلب اڃا تائين سرديءَ ۾ روشني منجهه ڪنبي رهيا هئا. جيتوڻيڪ پليٽ فارم ۽ اسٽيشن جو هال مسافرن سان سٿيو پيو هو، پر چوطرف ماٺ هئي. ائين پئي لڳو ڄڻ سرديءَ جو ٿهه مٿن پيل بلانڪيٽن، اجرڪن ۽ پين اوڍڻن تي پوريءَ ريت ڇانيل هو.

اتر سنڌ جي هن سرحدي شهر جي ريلوي اسٽيشن تي هيترن مسافرن هوندي به ائين پئي لڳو، ڄڻ هاڻ ئي راڪاس گهمي ويو آهي. آءٌ مفلر ڪي ڪنن تي ويڙهي، گرم ڪوٽ جو ٽيون بٽڻ پائي آهستي آهستي اڳتي وڌيس. چوطرف مسافر زالون، مرد ۽ ٻار، هڪ ٻئي جي پر ۾، پاڻ ڍڪي، ليٽيا پيا هئا. هڪ پاسي ٻه - ٽي ٻروچ ڪونگهرن جي مقابلي ۾ رڌل هئا. ڪابي پاسي ٽڪيٽ گهر ۾ اندر ٻه ڄڻا ريلوي يونيفارم سان وينا هٿ سيڪي رهيا هئا. سندن چهرا بي نور ۽ ٿڪل لڳا پئي. آءٌ هال ٽپي پليٽ فارم تي پهتس. اُت ٻه ڪُلي، ڪڇن ۾ هٿ ڏيئي پاڻ ۾ آهستي آهستي ڳالهائي رهيا هئا. آءٌ پرسان لنگهيس ته ٻنهي مان هڪڙي مونکي سلام ڪيو ۽ چيو، ”سائين سردي آهي؟“

مون جواب نه ڏنو ۽ مُرڪي اڳتي ريفريشمنٽ روم ڏانهن هليو ويس. پٺيان ٻئي ڪُليءَ جو آواز ٻڌم: ”اها اٿئي ڪوئٽا! اڃا ڪوئٽا ۾ برف پوندي، اڃا سردي وڌندي.“ مون اهو ٻڌي سوچيو: سنڌ ۾ سردي ٻه ٻاهران اچي ٿي.

ريفريشمنٽ روم ۾ گهڙندي ئي هڪ وڻندڙ گرمائش جو احساس ٿيو. اندر ٻه نوڪر ڪم ۾ رڌل هئا. در جي ڪلڻ ۽ بند ٿيڻ جي مخصوص آواز سندن ڌيان مون ڏانهن ڇڪايو. ٻئي پٺاڻ ڇوڪرا ٿي لڳا. ڪجهه ساعتن ڪانپوءِ مون ڪوٽ جي کيسي مان ڪالهوڪي اخبار ڪڍي ۽ پڙهڻ لڳس، ته ايتري ۾ هڪ ڇوڪرو هٿ صفا ڪندو

مون وٽ آيو. ”سائين ناشتو.“

”نہ ناشتو نہ ڪپي،“ مون چيو، ”ڪافي ملندي؟“

هن ڪنڌ ڌوڻيو. ”ڪٿي اچان؟“

مون ڪافي اڃا پوري ئي نہ ڪئي هئي تہ ريل ڪار جي آمد جو اطلاع گھنٽيءَ ذريعي ٿيو ۽ مون ريفريشمنٽ روم منجھہ ئي محسوس ڪيو تہ ٻاهر سٽل راڪاس جاڳڻ شروع ٿيو آهي. آواز آهستي آهستي وڌڻ لڳا — ۽ جڏهن ٻاهر نڪري پليٽ فارم تي آيس، تہ ماحول جيڏرو جيڏرو پئي لڳو. ڄڻ حياتي ڪر ڀيڄي اُٿي آهي. ويٽر ڏاڪٽي پاسي کان ريل ڪار جي تيز ۽ اڳتي وڌندڙ روشنيءَ پليٽ فارم جي بدن ۾ گرمائش جي لهر ڊوڙائي ڇڏي ۽ سڀ پنهنجي سامان سڙي کي سنڀالڻ لڳا. ٻروچن جا ٻجڪا ڪلهن تي ۽ هٿ سٽرن تي — ڪن ڪنهان!

آءُ اڳتي وڌيس ۽ ريل ڪار جي اڳئين ڊٻي ۾ چڙهڻ جي ڪوشش ڪيم. پنهنجي اڳيان ڪيترائي ڳوناٺا پنهنجي قسمت وانگر اٿيا سٽيا چڙوچڙ، وائڙا ۽ موڙهيل — چڙهڻ لاءِ آتا هئا. مونکي هڪ عجيب احساس ٿيو تہ سنڌ جو هيءُ ماضي ۽ حال، ڪيترو نہ اُبهرو، اڻچاڻ ۽ گگدام مثل آهي. ۽ مستقبل ڪيڏو نہ پر اميد، اڳرائي ڪندڙ، گھري نند مان سجاڳ ٿيل ۽ چڙو چڙ آهي. پلا مستقبل ڪي ماضي يا حال وٽان ڪا ٽيڪ ملندي! احساس ڄڻ مايوسيءَ جي پليٽفارم تي بيٺل هجي. سمجهيم تہ سنڌ جي مستقبل لاءِ اسانجو ماضي ۽ حال ئي بيحال بي ست ۽ رنڊڪ آهي. پر مستقبل جا گھوڙا ڏاڍا سرڪش آهن.

اڳئين ڊبي ۾ رش گھٽ هئي. منهنجي سامهون واري سيٽ خالي هئي ۽ پرسان هڪ ٻيو صاحب ويٺو هو. ٿوري ڳالھہ ٻولھہ هلي تہ خبر پئي تہ، بئنڪ آف بهاولپور جو مئنيجر آهي. مون انئين ئي چرچي خاطر پڇومانس تہ، ”اوهان رهاڪو بہ بهاولپورجا هوندا؟“

هن يڪدم وراڻيو، ”ها سائين، مان بهاولپور جو آهيان. اوهان ڪيئن سڃاتو؟“

مون بنا سوچڻ جي جواب ڏنو، ”بهاولپور بئنڪ جو مئنيجر ضرور بهاولپوري هئڻ کپي- ٻيو ڪير ٿي سگھي ٿو.“

”نہ سائين، هن بئنڪ ۾ بهاولپوري اسين بہ-ٽي آهيون، ٻيا

گهڻو ڪري ملتان، مظفر ڳڙهه ۽ لائلپور جا آهن."
"بهاولپورين سان واقعي ظلم آهي،" مون چيو . " سنڌ ۾ به ڪين پورا حق تنا ملن. سنڌ ۾ ته سينئي ڪي حق ملن ٿا." هو مون ڏانهن ڏسڻ لڳو ۽ مون دل ۾ جملو پورو ڪيو: 'سواءِ سنڌين جي.' آءٌ منهن ڦيري شيشي سان بند ٿيل دريءَ جي ٻاهر ڏسڻ لڳس.
منهنجي ڪابي پاسي دٻي جي ٻئي طرف ٻروچ، ٻه ٻه آمهون سامهون ويٺا هئا. منجهن پوڙها ۽ ٻه جوان هئا. پوڙها ٻئي آمهون سامهون ڪارا ڪٽا ويڙهيو سيڙهيو، هڪ پير مٿي سيٽ تي رکيو ويٺا هئا. انهن ٻن پوڙهن مان هڪ جي ڏاڙهي صاف اڇي ۽ پنهنجي مرضي سان وڌيل هئي، پنيان وارن جو چوٽو پڻ نظر آيو پئي. نڪ ڊگهو ، پيشاني ٻاهر نڪتل ۽ ڳل گهنجيل ۽ پيريءَ جي شگفتگي سان ڀرپور. اکين ۾ حياتي جي چهڪ گهڻي هئس. ڳالهه ڳالهه تي ٽهڪ پئي ڏنائين ۽ سندس ٽهڪ دٻي جي سرد ۽ چميل ماحول ۾ ائين ٿي ڦهلجي ويا، ڄڻ برف جي ناديءَ جي وچ ۾ ڪو زوراٺتو سڙئو لڳندو هجي. ٻيو پوڙهو عمر ۾ ڪجهه لانيرو هو. سندس ڏاڙهي به ٻي پيري ۽ ٻي سُري هئي، پر گهڻي ڪاري هئي. ڳالهين جو ڳهير تي ڏنو . ٽهڪن ۾ اڇي ڏاڙهيءَ واري ڪي وارو وناڻو پئي آيو. ساڻن گڏ ٻن جوانن مان هڪ بلڪل پنڊ پهڻ ٿيو ٻاهر پليٽفارم ڏانهن ڏسي رهيو هو ۽ ٻيو جوان اکيون پوريو، ساڄو هٿ لونڊڙي تي رکيو ، ڪنڌ هڪ طرف لاڙي بلڪل علامه اقبال واري پوز ۾ ويٺو هو. پوءِ خبر پيم ته اهي پوڙها ٻروچ ڏاڏا چرچائي هئا ۽ هڪ ٻئي کي چرچا هڻيو، ٽهڪ ڏئي رهيا هئا. منهنجي پنيان به سيٽ تي مسافر اڇي ويٺا هئا ۽ ائين محسوس ٿيو ڄڻ گوڙ گهمسان ٿيو هجي . هو تمام زور زور سان ڳالهائي رهيا هئا. سندن موضوع شايد راتوڪي جوا هئي.
ريل ڪار ڇٽڻ ۾ ڪي منٽ وڃي رهيا هئا، ته هڪ اڌڙوٽ شخص منهنجي آڏو اچي بيٺو ۽ سامهون خالي سيٽ ڏانهن اشارو ڪندي پڇيائين، "شائين خالي آهي؟" مون ڪنڌ سان هائوڪار ڪئي . هو سنت ئي واپس آيو، ساڻس گڏ هڪ زال هئي ، جيڪا هنڌڪي ڪپڙن ۽ شال ۾ ويڙهجي سيڙهجي آئي هئي— مون سمجهيو ڄڻ بهار جي موسم آئي. سپ ويٺل پوڙها جوان ، اڌ سٽل ، اڇيون ڏاڙهيون ، ڪاريون ڏاڙهيون ، صاحب نوڪر سرت ۾ اچي ويا ۽

سيني جي منهن تي مند ڦرڻ جا احساس هئا.
مون چيو، ”ڪاڪا هن پاسي زنانو پاسو آهي. هت ڪيئن تا ويهاريو....“
ڪاڪي اڌ ۾ ڳالهه ڪپي، ”پائي، بناني پاسي متا پيا ڦاٽن، شائين خون تي پيو آهي. شوڪري مارٽي توري اٿم.“
انهيءَ تي واقعي اسان اتي ڏٺو ته زناني پاسي واهه جو جهيڙو متل هو. ٻه ٻروچاڻيون پاڻ ۾ اٽڪيون هيون، هڪ ڏندو هٽي ٻيءَ جو مٿو ڦاڙي وڌو. زالن جو ٻائيتال جيئن پوءِ تيئن وڌندو پئي ويو. ٻن ٽن ٻارن جي ريهه پئي پئي. گارڊ صاحب اچي پهتو، پر وڙهندڙ ڌرين جا مڙسالا اڳيا پهتا ڪين هئا. گارڊ پنهنجي صاحبي هلائي پر هليس ئي نه. هڪ پاسي هڪ مائي پنهنجي ٻار کي پيرن تي ويٺي هنگايو. گارڊ کان ڦڏو وسري ويو.
”اي مائي، سرڪاري گاڏي خراب ڪرين ٿي.“
مائيءَ تمام سهڻي نموني ۽ ڌيرج سان وراڻيو، ”نه ابا خراب نه ٿيندي، مان ميڙي ڇڏيندس. تون به ننڍي هوندي ائين هنگيو هوندين.“
گارڊ اڃا وڌيڪ ڪجهه ئي ڪڇي، هڪ ٻي مائيءَ اچي گارڊ کي ڳچيءَ کان جهليو، ”اسانجي زالفان ڏکي آهي. اسان سان گڏ مڙسالا نه آهن، تون سرڪاري ماڻهو آهين اسان سان انصاف ڪر.“
ايتري ۾ جنهن زال ڌڪ هنيو هو، تنهنجو مڙس اچي ويو ۽ گارڊ انهيءَ تي اصل ڏاڪا ٻڌي چڙهي ويو. هن همراهه جون ٻه ٻه ويون، ڇهه ٻه ويون. ڏٺئين ته جوٽس ته نيڪ ناڪ هٽي ۽ ڌڪ ٻي ڌر کي لڳا هئا ۽ هاڻ گارڊ ماڳهين پوليس پوليس پيو ڪري. سنڌ جي ڳوناٹن کان وڌيڪ پوليس کي ڪير سڃاڻين. سو وچي ڦتيل مائيءَ جي پيرن تي هٿ رکيائين، ”ادي امان، بشڪ ڪر.“ وري جوٽس ڏانهن آلر ڪري چيائين، ”پڙوي، تو کي شرم نه آيو. هتان مُڪ وهائيين ته گونهه ڪڍي ڇڏيائين، اُت پاڻهون پڌ....“ مطلب ته پروچ کي الله ساڇهه ڏني، پوليس جي اڪر ساڇهه ڏني ۽ منٿون ميڙون ڪري، جوءِ کي اُتان لاهي ويو ۽ گارڊ جي به جان ڇٽي.
پوڙهي ڪاڪي جيڪا پاڻ سان بهار جي مُند آندي هئي، سا بلڪل منهنجي سامهون ويهي رهي.

"شائين، ڏنو ينائي پاسي وارو دبو،" ڪاڪي چيو.

مون ڪلي ڏنو ۽ محسوس ڪيم ته گونگهٽ ۾ پڻ مُرڪ ڦهلجي ويئي آهي. مونکي ائين لڳو، ڄڻ گونگهٽ ايترو وسيع آهي، جنهن ۾ بي انت گناهه سمائجي سگهن ٿا، جنهن مان بي انت موهه جا چشما ڦٽي سگهن. گهونگهٽ ڪري سندس منهن نظر نه پئي آيو، پر گهونگهٽ سڄو سندس سونهن جي شعاع سان روشن هو. باقي سندس گول ڪرايون ۽ هٿ شاهد هئا ته اڳتي ڪهڙي قيامت هوندي. گلابي رنگ جي ڪراين وٽ اٽڪيل ڪاريون چوڙيون واهه جون هيون. دل ۾ چيم: 'واهه ڪاڪا واهه، الائي ڪهڙا چڱا ڪم ڪيا اٿئي، جو رب اهڙي سونهن توکي بخشي آهي.'

آءٌ پنهنجن ئي خيالن ۾ ايترو محو هوس، جو ريل ڪار ڇٽڻ جي خبر ئي نه پئي. اوچتو سامهون ويٺل اڇي ۽ ڪاري ڏاڙهي وارن ٻروچن ۾ ٿهڪڙو پئجي ويو. نظر ڪيم ته اڇي ڏاڙهيءَ وارو ٻروچ کِلي پيو، پر ڪجهه ڪکو وکو لڳو، پر ٻيا ڪاري ڏاڙهيءَ وارو ٻروچ ۽ علامه اقبال جي پوز وارو ٻروچ ۽ ٻيا کِل ۾ ڀڏا پيا هئا.

ڪاري ڏاڙهي واري ٻروچ، اڇي ڏاڙهي واري کي چرچو هڻندي چيو: "ٽيشڻ تي ستو پيو آهي. همراهه جي ڪونگهرن جو اصل زبپٽ هجي. اوڙو پاڙو تپائي ڏنئين. اوچتو ائين لڳو، ڄڻ هندستاني جهازن ڪو شهر تي لامارو ڏنو، اصل گولين جو وسڪارو ٿي ويو: ڊ ڊ ڊ ڊا ڊو ڊرام— ٽيشڻ تي اصل آتل پتل ٿي ويئي، بابو سپ ڊوڙندا آيا. ستل جاڳي پيا، جاڳلين ڇرڪ ڀريا. سائين انڪوائري ٿي ته خبر پئي، هن پاڻ واري همراهه کي ننڊ ۾ ڪي پيٽ ۾ وٽ پيا. همراهه مڙيئي ڏاڍو بدن جو، سو گهٽي جهل روڪ ڪيائين، پر گولين جو ترڙاٽ هيئان ٿي ويو ۽ ٻن ڏن ٻمن جو ڊوڙيو مٿان ٿي ويو. همراهه کي ماڳهين نقص امن ۾، عنيوس ٿي لاڪپ ۾. پوءِ مٿون آزيون ڪري جان ڇڏائي اٿئونس."

اڇي ڏاڙهيءَ واري ٻروچ کليو نه پئي ۽ ڏاڙهيءَ هيئان اٿيي ۽ وارن ۾ رتيل ڳجي نه کنهي رهيو هو. منهنجو ڌيان انهن چرچائي ٻروچن ڏانهن هو، اوچتو محسوس ڪيم ته سامهون ويٺل ٻهار جي منڊ ڪو ٿڌو ساهه کنيو. ڏٺم ته شال ۾ ويڙهيل بدن ڪجهه آڀريو ۽ هيٺ ڦٽي ويو.

سوچيم: ڪٿي بهار جي مند، ڪٿي ٿڌو غمگين ساهه! اهڙا ساهه تہ انسان جو هانءُ ڏاري ڇڏين. وري دل ۾ ٿي پاسي ۾ ويٺل اڌ اکيون بوٽيل ڪاڪي سان مخاطب ٿيس: 'اڙي مار پئي ڪاڪا، ڪٿي هن بهار کي پنهنجي پيارِي ڪان تہ جدا ڪيو نہ پيو وڃيو وڃين.' رشڪ آيم انهيءَ تي جنهن هن بهار کي پيار ڪيو هوندو ۽ سدا جيئرو رهندو آهي، جنهنکي هن بهار پيار ڪيو هوندو.

مون ڪوشش ڪئي، منهنجون نظرون گونگهٽ جي آرپار هليون وڃن، پر سڄي جسم ۾ سرديءَ جي لهر ڇانئجي ويئي. عجيب قسمت آهي، بهار جي مند سامهون آهي ۽ مان سردي جي لهرن ۾.

ريل ڪار هلي پئي. ٻاهر سج ڪني ڪيدي هئي، پر بلڪل نبل ۽ بي ست، ڪرڻا آهستي آهستي ڦهلجڻ لڳا هئا. نظرن جي حد تائين سردي، ويراني ۽ هلڪي روشني ماحول تي ڇانيل هيون. حياتيءَ جا ساز ريل ڪار جي انجڻ ۽ منجهس ويٺل سردي ڪان بچيل انسانن سان وابستہ هئا. ائين پئي لڳو، ڄڻ ريل ڪار نہ پر زندگي دنياوي پٽن تي ويرانيءَ ۽ اوندهہ کي چيريندي سموري دنيا ۾ پکڙجي پئي وڃي. اوچتو ريل ڪار سست ٿي ۽ ٿورو اڳتي هلي بيهي رهي. اڃا پهرين اسٽيشن دل مراد بہ ٿي ميل اڳتي هئي، پر ريل ڪار کن ساڻتن خاطر بيٺي ۽ چار پنج همراهہ تڪڙا تڪڙا انجڻ مان لهندا سامهون ڪچن گهرڙن ڏانهن وڃڻ لڳا ۽ ريل ڪار وري هلڻ لڳي.

"اسٽيشن تہ نہ آهي،" ٻهاولپوري مئنيجر مونکان پڇيو، "پوءِ گاڏي ڇو بيٺي؟"

"واقعي اسٽيشن نہ آهي،" مون چيو. "هنن مسافرن کي هت لهڻو هو شايد."

"سائين مونکان ٻڌ،" ڪاڪي ڪر کڻندي چيو. "سائين بابوءَ ڊليور کي وري خرچي پاڻي ڪرايو هوندئين نہ ائين رُڪندي آهي گاڏي هن لين تي."

"ڪمال آهي،" ٻهاولپوريءَ وري چيو. "گهٽ ۾ گهٽ اسانوٽ پنجاب ۾ تہ ائين ڪونہ ٿئي."

"سائين منهنجا،" مون چيو. "پنجابي ريلوي اسٽاف ڪري سنڌين کي گهٽ ۾ گهٽ اهو فائدو تہ آهي. جت چاهين اُت روڪائين

گاڏي .“

هو کلڻ لڳو، ”سنڌي ڏاڍا اُستاد آهن.“

آءٌ به کلڻ لڳس.

”ٿائين ائين نه ڪن...،“ ڪاڪو وري شروع ٿيو. ”بابو ۽ پيا سڀ بک مرن. وڏي آهي به بنهي ڏڙين کي شڪ.“

چئن پنجن منٽن ڪانپور اسٽيشن دلمراد آئي. مسافر زالين مردين پليٽفارم بدران پٽي پاسي بيٺا هئا. هڪ ٻه ٽانگي وارا به موجود هئا. سامهون ڪافي پريان بستي جا آثار پئي ڏنا ۽ ساوڪ جي ڦهليل ميدان مان ڦڏو سڌو ڪچو رستو پئي ويو. گاڏي بيهندي پٽي در کليا ۽ سيءَ جا سٽڪا پوري دٻي ۾ ڦهلجي ويا. ڪي ماڻهو چڙهيا ۽ ڪي لٿا، پر گوڙ هو. دري مان ڏٺم ته ٽانگا پريان، مڙيا ۽ سامهون ڪچي رستي ڏانهن هليا ويا ۽ ريل ڪار به وسل هڻي، سردي ۽ خاموشيءَ جو هانءُ ڏاريو. گاڏي وري هلڻ لڳي.

ٻروچن ۾ وري چرچا شروع ٿي ويا. ڪلن جا ڪوڪريا پئي پيا. هبل اڇي ڏاڙهيءَ وارو ٻروچ مڙيئي سرسي هو ۽ ور ور ڪيو ٿي جُلهه ڪيائين. علامه اقبال جي پوز واري ٻروچ هاڻ پوزيشن بدلي هئي ۽ شاهه لطيف وانگر ’منهن ڏيئي مونن ۾ غربت منجهه گذار‘ ويٺل هو. مون سمجهيو ته هنکي اسلامي فلسفي ۽ صوفي ازم سان غير ارادي طور تي ڪا وابستگي آهي.

منهنجو خيال وري به بهار جي منڊ ڏانهن مُڙيو. هوءَ اڃا به ساڳي اڻ بدليل حالت ۾ ويٺي هئي. ائين پئي لڳو ته ڪنهن هٿ سرديءَ جي موسم ۾ بهار جي منڊ کي آرڊر ڏيئي تيار ڪرائي اسانجي دٻي ۾ گهرايو آهي، پر بهار جي منڊ نهايت ڪنجوس پئي ڏني. سموري بهار سندس گونگهٽ ۾ اچي مڙي هئي. الله ڪري ته ڪو گونگهٽ ليڙون ليڙون ٿي پوي، من بهار جون ڪي جهلڪيون ڏسجن. سونهن ۽ سڪ جا اهي رشتا جهونا آهن. سونهن سدائين سڪ وڌائي آهي. وٽس اڻ مٽيو خزانو آهي. پر عشق جي نصيب ۾ شايد سُڪ آهي.

منهنجي سيٽ جي پوئين پاسي ڪو طوفان ڪڙو ٿيل هو. تمام زور سان ڪو تڪرار پئي هليو. ڳالهه ڪا واٺي ۽ مسلمان جي هئي. مسلمان چار پنج لڳا ٿي ۽ واٽيو هڪڙو. هئا به پاڻ ۾ يار.

ڳالهه جو ڇيهه اتي اچي ٿيو ته واٽئي ڪاوڙجي چيو: ”ڪهڙا مسلمان ڪهڙا هندو- سڀ گناهگار آهيون. توهين گناهه ڪيو ته پاڪ صاف، ڇو جو مسلمان آهيو ۽ مان ڪي ڪريان ته واٽئي واٽئي جو پٽ!“ انهيءَ تي سندس پيا سڀ ساٿي کلڻ لڳا. هڪڙي چٽي کلندي کلندي چيس، ”پيٺان واٽيا، ڏاڍو حرامي آهين، سڃاڻون تو کي. تنهنجي هلت چلت مشڪوڪ آهي، پاڙيا، مسلمانن جو ملڪ آهي.“

سڀ کلڻ لڳا. واٽئي کي باهه لڳي: ”ها، آءٌ واٽئي جي نالي ۾ پڌجي ويندس ۽ توهين مُسلا آهيو. چٽي ويندؤ. مونکي پڌايو توهان ۾ ۽ مون ۾ ڪهڙي بُرائي نه آهي. توهين سڀ جوا ڪريو، مان به. توهان شراب پيو، رنڊي بازي ڪريو، ڪوڙا ڪيس ڪريو هڪ ٻئي تي، پنهنجي مسلمان ڀائرن سان نڳيون ڪريو. بلاشڪ توهانجي سنگت ۾ مان به آهيان، مون ۾ به اهي عيب سڀ آهن. توهان کان سرس نه ته توهان جهڙو ضرور هوندس. باقي ڪَـڏو ڪهڙي ڳالهه تي ٿا. نه توهان ڪڏهن مسيت ويا آهيو. ٻارهين ڇهين مهني جي ڳالهه ٿٿو ڪريان، نڪي مان مندر ڏانهن منهن ڪيو ويٺو آهيان. پوءِ به پري پيڙيءَ ۾ واٽيو ڳرو.“

سندس دوست وري کلڻ لڳا ۽ هڪ اچا وڌيڪ پريس، ”تنهن هوندي به اسان تو کان مٿي آهيون.“

”هون، ڳالهه تو ڪري،“ واٽئو وريءَ نه مڙيو. ”گهڻي ٽين ٽين ڇا جي ٿو ڪرين ’مسلماني‘ جي زور تي ٿا پڌايو نه پاڻکي. گهڻو گوڙ ڪيوَ ۽ جي مونکي به ڪاوڙ آئي نه اهو چم ٽڪر ڪٽائي جي ٿي پيس اوهان جهڙو نه پوءِ ڇا ڪندؤ؟ پوءِ جهڙا ڪرتوت اوهانجا، تهڙا منهنجا. منهنجو ڏوهه رهيو به وڃين انهيءَ چم ٽڪري تي آهي نه. تو ۾ ۽ مون ۾ فرق آهي به اهو نه؟“

سڀ کل ۾ ٻڏي ويا ۽ هڪ چٽي کلندي کلندي چيو: ”واٽيا ڏاڍو حرامي آهين. پر تي مسلمان نه اسانکي ثواب ته ملندو.“

مون مُرڪي ڏنو ۽ سوچيم اسين مسلمان هن دؤر ۾ ڇڙو ثواب پنيان ڪاهجي پيا آهيون.

سامهون ويٺل بهار جي مند ٿوري ڇـُري پـُري ۽ مون به دل ۾ چيو: ’ها تون به ڪو ڇـُر پـُر — ڪا جهلڪ ڏيکار — ڪو ثواب ڪماءِ — ملنگن جي دعا ڪٽ‘ پر بهار جي مند دعائن ڪٽڻ

۽ ثواب ڪمائڻ جي موڊ ۾ صفا ڪانہ هئي. 'تنهنجي مرضي!' گاڏي اڏين ئي هلي پئي. هڪ ٻي اسٽيشن آيڏانو بہ مسڪينن وانگر آئي ۽ غريبن وانگر ٻوٽتي رهجي ويئي. اوچتو غريبن جي الله ٻڌي ۽ مسڪنن جي موج ٿي ويئي. بهار جي منداڻتي جهلڪ ڏسڻ ۾ آئي. منهنجي ڳالهہ برحق هئي. منداڻتي ميبهن جي ڪنوڻ نہ ڪوتي. جڏهن هن پاٽڪي ويڙهيل شال کي ناهي ورائين ٿي، تہ گهونگهٽ مان ڪنوڻ چمڪات ڪيو ۽ سندس نظرن سان نظرون مليون. خنجر نظرن مان لهي سيني ۾ ڪُپي ويو. قتلام ٿي ويو، چڻ دل مٿان ريل ڪار هلي ويئي. ڪاريون ڪاريون وڏيون اکيون، قاتل اکيون. اصل اکيون سهڻل جون برن مشعالا.... ڪجل جوڙ بنايو.

مان چڻ گم ٿي ويس. پر پريان ويٺل اڇي ڏاڙهي واري ٻروچ جي خطرناڪ گنهگار مونکي واپس آئي ريل ڪار ۾ ويهاريو. مون ٻروچ ڏانهن ڏٺو، هُو مُرڪيو پئي ۽ ائين لڳم چڻ چئي پيو: 'پل لڻ ڪر جوانڙا. مان بہ ائين ڪندو هوس.'

ائين هلندي هلندي وري ريل ڪار بيٺي. اسٽيشن ٿل اڃا ڪافي پري هئي. ڪجهہ همراهہ وري لهي روانا ٿي ويا. بهاولپوريءَ مونڏانهن ڏٺو ۽ اسان ٻنهي مرڪي ڏٺو.

”گاڏي تہ ليٽ ٿي ويندي،“ بهاولپوريءَ چيو.

”عوام جي مرضيءَ سان هلندڙ گاڏيون ليٽ بہ ٿي ويون تہ ڪا اربع خطا نہ آهي.“

اتي ڪاڪي وچ ۾ ٽپ ڏنو، ”شائين بابن جا جاوا آهن نہ. ڪاٿي ڪائي قاتي پيا آهن. پيشان انگريز راڄ هلائي ويو....“

اُن وقت سيني جون نظرون وڃي انهن پوڙهن ٻروچن تي پيون، جيڪي پاڙ ۾ چرچا ڪري رهيا هئا. اڇي ڏاڙهي واري کي ڪاري ڏاڙهي واري جو ڪو چرچو نہ وڻيو هو ۽ سندس ٻروچڪي کي مڙيئي ڪو ڇيهو رسيو هو. پاڙ ۾ اتڪندي بڇيا هئا.

سامهون ٿل اسٽيشن جا آثار شروع ٿي چڪا هئا. جلدي ئي گاڏي اسٽيشن ۾ داخل ٿي. ساڄي پاسي سرڪاري اَنَ جا گدام سموري ميدان ۾ اڪيلا اڪيلا بيٺا هئا، پيو ميڙ ئي خير هو. شهر ٿل اسٽيشن کان ميل ڏيڍ پري هو. هيءُ شهر ڪنهن زماني ۾ خيرپور جي ميرن جي شڪارگاهہ هو ۽ شڪار لاءِ منجهس ٿل نهيل هئا

جنهن تان هُو شڪار ڪندا هئا. آءٌ شهر بابت سوچي ئي رهيو هوس، تہ ٿورو پرتي، پليٽ فارم جي وچ تي جهڳڙو ٿي پيو. اڇي ڏاڙهي واري ٻروچ جا هٿ ڪاري ڏاڙهي واري ٻروچ جي ڏاڙهي ۾ هئا ۽ ٻئي جا هٿ اڇي ڏاڙهيءَ ۾ – واهہ جو ڇهڇٽو ٿي ويو. سيءَ جي باوجود پليٽ فارم پرجي ويو. هڪ ٻئي کي ٺٺون ڇڱيون هنيون. ماڻهو وچ ۾ پيا، سيني گهٽائي واڪا ڪيا پر ٻنهي ڪم ٻروچن جو هو. نيٺ کين الڳ ڪيو ويو. آءٌ بہ هيٺ لهي آيس تہ محسوس ڪيم بهار جي مند جون نظرون منهنجي پٺيان هليون آيون. ڦڏي جو سبب پڇيم تہ هڪڙي چٽي ٻڌايو، "سائين اڇي ڏاڙهيءَ واري کي ڪو چرچو هندائتو لڳي ويو آهي. همراهہ نيٺ ٻروچڪي ڏيکاري." ڪاري ڏاڙهي واري ڪو اڇي ڏاڙهي واري کي چيو تہ: گذريل جنگ ۾ جڏهن هندستاني جهاز شهري حملا ڪري رهيا هئا تہ هي همراهہ ڪو جهنگ جي خيال سان ڪنهن ڪرڙ جي ڪنڊ پاسي ويٺو هو. جهاز جي هن همراهہ پرواهہ نہ ڪئي. جهاز واري پهرين سمجهو تہ توپ لڳل آهي، پر اها مشنري سمجهہ ۾ نہ آيس ۽ لامارو ڏيئي فوٽو ڪڍي ويس. هاڻي همراهہ هو جهنگ جي خيال واري حالت ۾ ۽ اها ڳالهہ مڙس جي شان وٽان نہ آهي، تہ سندس اهڙا فوٽو بہ وٺ هجن سي بہ دشمن جي قبضي ۾ — انهيءَ ڳالهہ تي جيترو اڇي ڏاڙهيءَ واري سوچيو تي اوتري باهہ ٿي لڳس. مائٽي ياري سڀ وسري ويس. نيٺ ٻنهي کي الڳ الڳ دٻي ۾ چاڙهيائون ۽ فساد ٽري ويو.

دل ۾ سوچيم: واهہ ٻروچ واهہ! منهنجي دل جي مراد پوري ڪرائي تو — پل تو کي چرچا لڳن سدائين لڳن، اوهانجي اڇي-ڪاري ڏاڙهيءَ پٽ ۾، بهار جي مند گهونگهٽ کڻي ٻاهر ڏٺو ۽ سڌي نظر بہ مون ڏانهن هيس ۽ مون اکين ئي اکين ۾ سندس انهيءَ مهرباني تي ٿورا مڃيا ۽ تازي درخواست پڻ ڪيم. درخواست منظور نہ ٿي. مان اتي ئي ٻاهر پليٽ فارم تي پتلون جي کيسن ۾ هٿ وجهيو سوچي رهيو هوس تہ هيءَ مند الائي ڪيڏانهن پئي وڃي. الائي هي نياڳو ڪاڪو هنکي. پنهنجي پيار کان جدا نٿو ڪيو وڃي. جي ائين آهي تہ الله ڪري هي چنڊو ڪاڪو نرڳ ۾ وڃي. باقي جي هي مند وڃي پئي پنهنجي پياري، ڏانهن تہ پوءِ ڪاڪي پنهنجي حياتيءَ جو سڀ کان چڱو ڪم ڪيو آهي. ڪاڪا زنده آباد — جي محبوب

جي ڇهري تي عاشق جي پيار جو سبڪ نہ آهي ۽ اڪثرين ۾ چاهيندڙ جي چاهہ جي چمڪ نہ جهلڪي تہ پوءِ ڇاجو چاهيندڙ ۽ ڇاجو عاشق. ڪوڙو ڪوڙي جو پٽ! پر هت سڀ آثار موجود هئا.

ايتري ۾ ريل ڪار وسل ڏني ۽ مان اچي پنهنجي سيٽ تي ويٺس. ڪيترائي مسافر بدليل هئا، پروچن جي خالي سيٽن تي هاڻ ڪي ڪنگلا خوش پوش مسافر ويٺا هئا. سندن موضوع ڪي قدر علمي ۽ تهذيبي هو. سندن ٿوري گفتگو مان پتو پئجي ويو تہ هو ڪنگلا خوش پوش نہ پر صحافي ۽ دانشور هئا. مون دل ۾ سوچيو پڇي پاسو ڪر، نہ تہ ڪاٿي ويندا. سندن علمي ۽ دانشوري سوالن جا جواب في الحال جيڪب آباد ضلعي جي رهاڪن ۽ ڏکامورن جي سمجهہ ۽ فهم کان نهايت بالاتر هئا. انهيءَ ڪري سندن شخصيت احترام جو ڳي هوندي آهي، پري پري کان! منهنجي پر سان ويٺل بئنڪ جي مئنيجر ٻڌايو تہ هي صحافي علم ۽ دانش جا مرڪز آهن. سندن مختصر گفتگو ٿي.

”سائين ڪاڏي تياري آهي؟“

”بس سائين گشت ۾ آهيون،“ هڪ بزرگ صحافي وراڻيو. ”رات نل ۾ رهبس. ڪجهہ غريبن سان همدردي ڪئيسبن ۽ ڪجهہ ڪامورن کان انٽرويو بہ ورتم.“

”اسانجو هڪڙو دوست بدلي ٿي آيو آهي ڪند ڪوٽ....،“ مئنيجر صاحب ٻڌاين.

”سائين فلاڻو صاحب نہ،“ بزرگ صحافي وراڻيو. ”سائين ڇا چئجي، نهايت باغ بهار شخصيت آهي. تمام باالخلاق، ملنسار ۽ سنجيدو ۽ فهميدو.“

”خبر پيا لکو ڇا،“ ٻئي صحافيءَ چيو. آءٌ کلڻ لڳس. ”اهڙو تہ نہ آهي اهو صاحب. ڳالهہ اڃا تحقيق طلب آهي.“

مطلب تہ ڳالهہ اتي ختم ٿي ويئي. مئنيجر صاحب ٻڌايو تہ ”سائين انهن ٻنهي صحافين مان هڪ نهايت اعليٰ پيماني جو شاعر مست ملنگ آهي. اسلام سندس رڳ رڳ ۾ آهي، هڪ نانگ ڇڪ هنيس. نيٺ نانگ ماريو ويو ۽ سندس حضور ۾ پيش ڪيو ويو. پاڻ نهايت حقارت سان نانگ سان مخاطب ٿيا، ”اڙي تو کي شرم نہ آيو بي حيا، جو مون جهڙي ملنگ صفت ۽ معصوم کي ڏنگ هنيو اٿئي. پڪ تون ڪميونسٽ ۽ ملحد ٿو ڏسجين.“ بهرحال هن مسلمان درويش صفت

انسان کي ڪميونسٽ نانگ جو ڏنگ ڪو نقصان رسائي نه سگهيو. سبحان الله! الله جو شان آهي! دروغ بر گردن راوي!

ريل ڪار هلي پئي. اوپر طرف سج سائين پنهنجي سڪن واري روشني ڦهلائي چڙي هئي. اسين به اوپر ۾ آهيون پر اجا سائينءَ جي روشني اسانجي ذهن ۾ ڪانه لٿي آهي. اسين رڳو ان جي هلڪي گرمائش ۾ آسائتا آهيون. ريل ڪار ۾ في‌الحال ٿوري وقت لاءِ مات هئي. پروچ ڪونه هئا. پنهان مسلمان به خاموش هئا ۽ شايد واڻيو به ڪن تعميري خيالن ۾ گم هو. شايد چم ـ تڪر سندس ذهن کي ويڙهيل سيڙهيل هجي. سامهون صحافي ۽ دانشور ويٺا هئا. سي نه اٿين ٿي ڪم سخن با تدبير ۽ اعليٰ پيماني تي مات ۾ هئا. سامهون نويڪلي ڪنڊ ۾ ٽڪيٽ چيڪر هڪ همراهه کي نهايت آرام ۽ پنهنجائپ واري هلڪي لهجي ۾ سمجهائي رهيو ته جيڪڏهن ٽڪيٽ ڪٽائيندين ته جيڪب‌آباد کان ڪٽبي ۽ ادائي رپيا هڪڙا ۽ ادائي رپيا ڀيا ڏنڊ، معنيٰ پنج رپيا. اجايو رڳي ويندين غريب تو ڏسجين. ٻه رپيا مونکي ڏيئي ڇڏ ، ڪنڊڪوٽ اسٽيشن جي ٻاهر ڪرڻ منهنجو ڪم . اهو تڪرار هليو پئي. نيٺ حل ٿي ويو هوندو. ڪهڙي وڏي ڳالهه آهي.

هيبت شهيد اسٽيشن تي ڪجهه پوليس وارا ٽن نوجوانڙن کي هٿڪڙيون هنيو، اسان واري دٻي ۾ چڙهيا. چؤ طرف اکيون پٽجي ويون. پوليس وارا بي نيازي سان اچي ٻن پروچن جي مٿان ويٺا. جن اٿي ڪين جاءِ ڏني ۽ ڇوڪرا پوليس وارن کان پهرين اتي ويهي رهيا. مون ڏٺو ته ٻن ڇوڪرن کي اجا ڏاڙهيءَ جا آثار به پوريءَ ريت نه هئا . پر سندن منهن تي معصوميت به نه هئي. عجيب بي‌پروائيءَ سان ويٺا هئا.

ڪاڪي مونکان آهستي سان پڇيو، ”شائينءَ شا ڪيو آهي هنن، ڏارو هنيو اٿن؟“

مون هڪ پوليس واري کان پڇيو، جيڪو اسانجي سيٽ تي اچي ويٺو هو، ”نه سائين، جيئي سنڌ وارا آهن!“

بهاولپوري مئنيجر ۽ هڪ ٻه ٻيا دهلجي ويا ۽ ڪاڪي به ڪين الائي ڇا سمجهيو. هنجون اکيون اجا وڏيڪ پٽجي ويون. مون مرڪي چيو، ”ڪاڪا وڏا ڏاڙيل آهن.“

”شائين جيل ۾ ڏاڍي شختي آهي.“

آءٌ سوچ ۾ هوس ته جيئي سنڌ ڏاڙيل پارٽي جا هي همراهه شعاعون آهن انهيءَ سچ سائينءَ جون، جيڪو هاڻ پوريءَ ريت ڏند مان نڪري نروار ٿي چڪو هو.

ريل ڪار ۾ وينل پروچن ۽ پين هڪ ٻئي ڏانهن پٺي ڏنو. هن ننڍي ٿهيءَ جي ڏاڙيلن ڪين ڪو متاثر ڪيو هو. هڪ ڪرڙوڊ پروچ سري اچي هڪ نوجوان جي ويجهو وينو.

”جوانڙا ڪر خبر ڪهڙو ڏوهه ڪيو اٿئي؟“

”ڏوهه ته تمام گهڻا ڪيا اٿم،“ چوڪر مرڪندي ڳالهايو. گهڻو ڪري سيني وينلن جون نگاهون وچي مٿس ڪتيون.

”آخر ڇا ڪيو اٿئي، ڪو ڏاڙو هنيو اٿئي، ڪا ٻانهن ڪنئي اٿئي يا ڪو ماڻهو ماريو اٿئي؟“ پروچ چيو.

”نڪو، انهن مان ڪجهه به نه ڪيو اٿم،“ جوان وراڻيو.

”آءٌ وڙهيو آهيان.“

”ڪنهن سان.؟“

”گورنمنٽ سان، سيني وڏيرن ۽ جاگيردارن سان ۽ سنڌ جي نمڪحرامن سان.“

”ڏاڍو مڙس ڇٻين؟“ پروچ ڪلي ڏنو. ”سائين وڏي دشمني آهي. پلا اڪيلو آهين يا ڪي واهرو به اٿئي.

”سنڌ سڄي واهرو اٿم!“

ڳالهيون اڃا به هليون پئي، پر مون ڏٺو پئي ته هنن نوجوانن جون اکيون بيوس سنڌ جي سونهن سان لڳيون آهن. عجب عشق هو سندن نيڻن ۾ـ سدا جيئي اهو عشق!

منهنجي منزل اچڻ واري هئي. مون پنهنجي بيگ مٿان لاهي هيٺ رکي. سامهون بهار جي مند ڏانهن ڏٺم بلڪل بيجان ـ بوتو ـ! ڪاڪي مونکان پڇيو، ”شائين ڪٿان پيو اچين!“

”ڪاڪا سکر کان!“

”رهين به شکر؟“

”نڪو هت پرديسي آهيان، تمام ڏورانهون پنڌ ڪري آيو آهيان.“ دل ۾ چيم، ’سکر جي سونهن به نه رهايو. ائين ئي سڪڻو موٽيو آهيان.‘

” ٽاڏي بولا خان ڪان به پري آهي تنهنجو شهر- مان هڪ ڀيري ويو هيش اتي.“

”انهيءَ ڪان به اڳتي لاڙ منجهان ـــ جتان لاڏل جي نٿ گهڙائبي آهي.“

ڪاڪي ڳالهه پوري نه سمجهي. پر بهار جي مند ۾ چرٻر آئي ۽ گهونگهٽ ڪٽي لاڏل کي ڏٺئين. مون دل ۾ چيو: لاڏل پرايو آهي ۽ هن به گهونگهٽ هيٺ ڪري ڇڏيو، ڇو مونکي تي ٻڌائين نه پاڻ به پرائي آهي!

سامهون ڪنڌ ڪوٽ آيو پئي. رفتار ڍري ٿي ويئي هئي. مون بهار جي مند ڏانهن ڏٺو، پر ڇڻ ٻُت- ڍڪيل ٻُت. گاڏي پليٽفارم تي بيٺي. چوڌاري گهما گهمي شروع ٿي ويئي، مون بيگ ڪڍي ۽ چيم، ”ڇڱو ڪاڪا، پاڻ ته پهتاسين پنهنجي منزل تي.“ مون ڪاڪي سان هٿ ملايو ۽ بهار جي مند ڏانهن ڏٺم. ساڳيو انداز ساڳي بي نيازي. ڇڻ ڪا ڳالهه ٿي نه هئي. مون ڪلي ڏنو ۽ بيگ کڻي هلڻ لڳس: ’تنهنجي مرضي!‘ مون اڳتي هلي وري مڙي ڏٺو. ائين ٿي ڏٺم. اجايو ڏٺم. هيٺ لهي پليٽفارم تي آيس ۽ در ڏانهن هلڻ لڳس ته محسوس ڪيم دريءَ ۾ به نيڻ مونکي ڏسي رهيا آهن، مون مُڙي ڏٺو- بهار جي مند آڏو هئي. به مٺي جي پيالن جهڙيون اکيون هيون. ياڳ وارا پيئندا! مون ڏٺو ماس ته گهونگهٽ هيٺ نه ڪيائين، پر اکيون پوري ڇڏيائين. اهڙيون ڪجليون اکيون جيڪي ڏينهن شينهن کي به رات بنائي ڇڏين. مون مُرڪي ڏٺو ۽ دل ۾ چيم: ’اي ڪنهن خوش نصيب جي محبوبا. تنهنجو ٿورائتو آهيان. تون به ڪٿ قاتل آهين. آءٌ به ڪٿ اڙيل آهيان. تون به بيوس، آءٌ به بيوس. پر نيڻن ۾ نينهن نلورو ساڳيو ٿي آهي. فقط دل گهريا پيا آهن. باقي بيوس اکين جو ڪو ڏوهه ڪونهي! جي منهنجي ڪري تون ڏکي ٿي هجين ته بخش ڪجائين. ڏکويل دلين جا پارا تا ڏاڍا ڏکيا آهن.

آءٌ آهستي آهستي در ڏانهن ويس پئي. پنهنجو پاڻ ۾ گم، نه اوچتو جيئي سنڌ جي هٺڪڙين جي ساز ڇڻ سجاڳ ڪيم، مڙي ڏٺم- جوانن جا منهن- مشعلن جهڙا- جيئرا جيئرا!

نجم عباسي

نہ گهر جو، نہ گهاٽ جو

ميڙ کي چيريندو، هڪڙو شخص نڪتو، ۽ اچي هنجي پيرن ۾ ڪريو. هنجي پيرن کي چنبڙي چوڻ لڳو: ”صاحب، اسانکي بچايو، اسانکي هتان ڪيڏي هلو، اسانجي حياتي خطري ۾ آهي، اسين بُک ۾ پاهہ ٿي رهيا آهيون، اسان ڪيترن ڏينهن کان ننڊ ڪانہ ڪئي آهي، اسانجا ٻچا ڪُسجي ويا آهن، اسانجا عزيز ماريا ويا آهن، اسانجي زالن سان زوري ڪئي وئي آهي....“

ڳالهہ ٻڌڻ وارو صاحب، ڊاڪٽر صاحب هو، ۽ عالمي ريڊڪراس جي عبوضيءَ جي حيثيت ۾ هتي آيو هو. هيءَ هنڌ، ڍاڪا شهر جو محمدپور وارو پاڙو هو. رپورٽون ٿيون هيون تہ هن ايراضيءَ ۾ غير بينگالين جو قتل عام ٿي رهيو آهي. انڪري ريڊڪراس وارن هڪ وفد موڪليو هو تہ اتي جي حالتن جي حقيقت روبرو وڃي ڏسي.

هي ڊاڪٽر، وفد جي ٻين ميمبرن کان الڳ ٿي، هڪڙي گهٽيءَ ۾ گهڙي آيو هو. اتي جي رهاڪن هن ولايتي صاحب کي ڏٺو تہ ڪيترئون مايون ۽ مرد، ماڪڙ وانگر هنکي وڪوڙي ويا، ۽ پوري روانيءَ سان پنهنجي دکن جو داستان ٻڌائڻ شروع ڪيو.

هنن مان گهڻن جا منهن پيلا هئا. هنن جون نگاهون هراسيل ۽ خوفزدهہ وار اٿيا، ڏاڙهيون اڻ ڪوڙيل ۽ ڪپڙا ميرا هئا. ڪن جون اکيون ڏرا ڏيئي ويون هيون، ۽ چپ خشڪ هئا.

جو شخص ان ڏنب مان نڪتو ۽ اچي ڊاڪٽر جي قدمن تي ڪريو، انجو نالو قدوس هو. هو قد جو پورو پنو، رنگ جو سانورو، بدن ۾ سگهارو ۽ صحتمند نظر اچي رهيو هو. هن وقت هنجي اکين ۾ ڳوڙها هئا، ۽ سڏڪا ڀري ڳالهائي رهيو هو. هو اصل بهار پرڳڻي جو باشندو هو، ۽ پاٽنا شهر ۾ پيدا ٿيو هو.

پاٽنا جو شهر. مسلمانن جو پاڙو. پيهريءَ جو وڳڙو. سخت

گرمي ۽ گهٽ ٿي. تکي تو واري آس، ڇڻ ته سچ، انسانن جي عشق ۾ ٻنهي هيٺ لهي آيو آهي. ماڌو آرام ۽ تذڪار لاءِ پنهنجن گهرن ۽ وڻن جي ڇانوَ، وڇڻ، جهلين، پنکن ۽ برف جو سهارو وٺڻ ۾ سرگردان.

اهڙي سمي سڙڪ تان آواز آيو، ”مسلمان ڀائرو، مسلمان ڀائرو، ظلم ٿي ويو....“ وري به ساڳيو آواز گونجيو، ”مسلمان ڀائرو، مسلمان ڀائرو! اندير ٿي ويو....“

ماڌو گهرن مان ائين ڀڳا، ڄڻ ته ڌرتي ڏبي هئي، ۽ ان شخص جي چوڌاري گرد گڏ ٿيڻ لڳا. ان شخص جي پٺيءَ تي قميص مٿان تازي وهيل رت جا داغ هئا. هو سهڪي ۽ ڏڪي رهيو هو. ماڌن جو هو چاتل سڃاتل هو. هو مسلم ليگ جو مکيه ورڪر هو، ۽ پارٽيءَ جي جلسن ۽ جلوسن جو انتظام ڪرڻ ۾ پڙ هو. چونڊن جي زماني ۾ پنهنجي جماعت جي اميدوارن جي ورڪ ڪرڻ لاءِ هنجي خاص ضرورت محسوس ڪئي ويندي هئي. هو نيشنل گارڊ جو سالار پڻ هو.

ماڌو سڙندا ويا. هن تقرير جي انداز ۾ ٻڌايو، ”مان ۽ ٻيو ڇوڪرو هندن کي اڪيلا ملي وياسين. هنن چاقن سان اسان تي حملو ڪيو. هو ڇوڪرو ته اتي ڪري پيو، مان جان بچائي هتي پهتو آهيان.... ڏسو هي رت وهي رهيو آهي. اسانجو قصور فقط اهو آهي ته پاڪستان جي گهر ڪريون ٿا.... اسين وير وٺنداسين، اسين وير وٺنداسين.“ پوءِ هن نعرا هڻايا: ”ليڪي رهبنگي.... پاڪستان.... نعره تڪبير.... الله اڪبر....“

ڄڻ پيٽرول کي تيلي لڳي. ماڌو جوش ۾ اچي ويا ۽ پنهنجن گهرن ڏي ڊوڙيا، ۽ جيڪو هٿيار هٿ آين سو کڻي ٻاهر نڪتا. لٺ، ڏنڊو، سوٽي، ڪات، ڪهاڙو، بندوق.

پوءِ هو رستن تي ٿي بيٺا ۽ ڇٺن ڇنجن واٽهڙو هندن کي ڍيري ڪري وڌائون. اها خبر شهر ۾ پکڙجي ويئي. هندن به جوابي حملا شروع ڪيا. سڄو شهر هندو مسلم فسادن جي لپيٽ ۾ اچي ويو، ۽ پوءِ پورو بهار جو صوبو. ڪيترائي قتل، قُرلُٽ ۽ باهين ڏيڻ جا واقعا ٿيا.

هي شخص، جو نيشنل گارڊ جو سالار هو، سو قدوس هو. اصل ٿيو هينءَ هو، ته قدوس هڪ مسلمان ڇوڪري کي ريهي

ريبي ڪنهن ويران جڳهه تي وني ويو، ۽ اتي چاقو ڏيکاري هن سان زوري ڪيائين. ڇوڪري جي ڏمڪائڻ تي ته هو مائٽن کي وچي ٿو ٻڌائي، قدوس بدناميءَ جي ڊپ کان، هنجو گلو ڪپي قتل ڪري ڇڏيو، ۽ پوءِ پاڻکي به پنيءَ تي چاقوءَ سان ڇهڪ ڏيئي، اچي مسلمانن کي هندن خلاف پڙڪايائين.

هندستان ۾ هندن ۽ مسلمانن جا ڀيريان فساد بهار صوبي ۾ ٿيا هئا. پوءِ ٻين به ڪيترن ئي پرڳڻن ۾ اها آگ ڀڪڙجندي وئي. نيٺ ملڪ جو ورهاڱو ٿيو. قدوس پنهنجي ديس ڇڏڻ ۾ دير نه ڪئي، ۽ اچي بينگال جي ڍاڪا شهر ۾ پهتو.

ڍاڪا جو شهر. شهر جي ٻاهران اترئين طرف، تيج ڳاٺون وٽ هڪڙي ڪالونيءَ جو خوبصورت باغيچو. ٽيپهريءَ جو وقت. ڏاڍي وڻندڙ ۽ چوهي هوا. سهڻا وڻ ۽ ساوا ٻوٽا پنهنجي من موهن ۽ رنگارنگي گلن سميت جهومي رهيا آهن، ۽ سونهن، ناچ ۽ مستيءَ جو بهترين ڏيک پيش ڪري رهيا آهن. پري پري تائين سارين جون سايون سايون ٻنيون، ڳاڙهن گلن وارا گل مهر جا وڻ، ور وڪڙ نهر ۽ جُهڙالو ڏينهن، فضا کي دلفريب بنائي رهيا آهن.

اهڙي سڳنڌ پرڻي وايو منڊل ۾ هن سر زمين تي پيار، اميد ۽ آئت ڀريا گيت گونجندا آهن، ۽ بينگالي اهي ڳائيندي ۽ ٻڌندي حالي ته پنهنجي حياتيءَ جا ڏکڙا ڀلجي روحاني تازگي محسوس ڪندا آهن.

پر هينئر اتي هڪ سياسي جلسو هو. ان ۾ لڳل لائوڊ اسپيڪرن جي ڦاٿل وات مان نغمن بدران بي سرا ۽ بي معنيٰ قومي ترانا، ۽ گاريون ۽ گپوڙا نڪري، پاڪيزهه فضا کي مڪروهه بنائي رهيا هئا.

هڪ تقرير ڪندڙ تقرير ڪري رهيو هو: "...اسان پاڪستان ناهيو، اسان پاڪستان خاطر جان ۽ مال جون قربانيون ڏنيون، اسان پنهنجا گهر ۽ گهاٽ، محل ۽ ملڪيتون، بنگلا ۽ ماڙيون، هٽَ ۽ ڪارخانا ڇڏي فقط اسلام ۽ پاڪستان واسطي هتي آيا آهيون. هتي جا رهاڪو اسلام کان بيگانا هئا، اسان اچي هنن کي اسلام جي شمع ڏيکاري، هنن کي نه رهڻ سهڻ جي تميز هئي ۽ نه کائڻ پيئڻ جي، هي هندن جا غلام هئا، هتي جي تهذيب هندو تهذيب آهي.

اسان هنن کي اسلامي راهه تي آڻڻ چاهيون ٿا. هنن جي زبان گڏهن جي زبان آهي. هو اسانجي اردو زبان جي مخالفت ڪن ٿا. هنن کي ياد رکڻ گهرجي ته پاڪستان اردو زبان لاءِ بڻيو هو. بينگالي غدار آهن، هندستان جا ايجنٽ آهن. عوامي ليگ ۽ ان جا اڳواڻ غدار آهن، اسلام جا دشمن آهن....“

اوچتو ميڙ جي هڪ پاسي مان بينگاليءَ ۾ نعرا بلند ٿيا، ۽ گڏو گڏ اسٽيج تي پٿرن ۽ سروٽن جي بارش شروع ٿي ويئي. هڪ سروٽو تقرير ڪندڙ جي نرڙ تي وڃي لڳو ۽ هو رت ڳاڙيندو، جان بچائڻ لاءِ وٺي ڀڳو.

هي تقرير ڪندڙ ساڳيو ئي قدوس هو.

شهر جي هڪ ميڙ ۾ هڪڙو شاگرد، قاضي نذرالاسلام جو بينگاليءَ ۾ نغمو ڳائي رهيو آهي:

– چئي ڏي، اي جوان مرد! چئي ڏي ته مان سربلند آهيان!
– ايترو سربلند، جو هماليه جي چوٽي به منهنجي اڳيان جهڪيل آهي؛
– مان سرڪش، سنگدل ۽ آتش زبان آهيان؛
– مان قيامت جو دوست، طوفان آهيان، دهشت آهيان؛
– مان دنيا جي لاءِ سراپا هلاڪت آهيان؛
- چئي ڏي، اي جوان مرد! چئي ڏي ته مان سربلند آهيان!
– مان باغي آهيان ۽ وطن جو سرڪش اولاد؛
– منهنجي راهه ۾ جيڪا چيز اچي ٿي، تنهن کي مان چوُر چوُر ڪري ڇڏيان ٿو؛
– پنهنجي خوديءَ کانسواءِ مان ٻئي ڪنهن جي به زير احسان ڪين آهيان؛
– مان اسرافيل جي صور جو پڙاڏو آهيان؛
– قيامت جي ديوتا جو جهنڊو ۽ جبرئيل جي لٽ آهيان ؛
– جڏهن بگڙجي اٿان ٿو، ته آسمان به مونکان لرزش کائي ٿو؛
– ۽ جهنم به مونکان ڪنبي ٿو؛
– مان شهاب ثاقب، مريخ ۽ دُمدار ستارو آهيان؛
– زهريلي نانگ جي ڦڻ آهيان؛

- مان ان ڏينهن مطمئن ٿيندس، جڏهن مظلوم جي آهه آسمان ۾ نه گونجندي؛
- جڏهن جنگ جي ميدان ۾ تلوارن ۽ خنجرن جا خوفناڪ ترانا ٻڌڻ ۾ نه ايندا.

ڪيترا ئي بينگالي شاگرد، ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڪاهي پيا هئا، ۽ نغمن ۽ نعرن سان، تقريرن ۽ تحريرن سان پنهنجي مظلوم ديس واسين کي سجاڳ ڪري، هنن جا حوصلا بلند ڪري رهيا هئا.

ڍاڪا جو نواب پور روڊ. هڪ هنڌ رستي جي آمهون سامهون ٻه وڏيون عمارتون ڏيان ڇڪائن ٿيون. انهن ۾ هيٺان چاليهارو کن هٽ آهن ۽ مٿان ڪيترائي گهر.

ماڻهن جو انبوهه انهن مان ڪيترن ئي هٽن جي پيچ ڊاهه ڪري رهيو آهي، ۽ گڏوگڏ ڦرلٽ به چالو آهي. هڪ عجيب وحشتناڪ هنگامون آهي. ماڻهو نعرا هڻي رهيا آهن، واڪا ڪري رهيا آهن، دڪانن جا دروازا ڀڃي رهيا آهن، شيشا ڇڪنا چور ڪري رهيا آهن، اردوءَ ۾ لکيل بورڊ لاهي ۽ ساڙي رهيا آهن. مٿان ڪيترن گهرن مان ٻاهه جون ڇپون نڪري رهيون آهن، ۽ دونهين جا بادل هوا جي تهن تي تري رهيا آهن. ڪيترا ماڻهو هٽن مان لُٽيل شيون ڪلهن ۽ ڪڇن ۾ قابو ڪيو ڀڄي رهيا آهن.

سڄي اوڀر بينگال ۾ اهڙا نظارا عام آهن.

هنن ٻنهي عمارتن جو مالڪ اهو ئي قدوس آهي. هنجي پنهنجي اصلي پرڳڻي ۾ پنهنجي ملڪيت پنجن هزارن جيتري به ڪونه هئي، پر هتي هن پنجن لکن جو ڪوڙو ڪليم پريو هو، ۽ انجي بدلي ۾ ڪيس هڪ هندو وڻجاري جون هي ٻئي ماڙيون مليون هيون، جن جو ملهه ويهن لکن کان وڌيڪ هو.

ڪليم جو سرشتو ڏاڍو سولو بنايو ويو هو. ڪو به پناهگير ڪي ٻه ٻه اهڙا ماڻهو، جي هنجا ڳوٺائي هجن، تنڪان تصديق ڪرائي اچي ته هنجي هندستان ۾ برابر هيتري ڪ هيتري ملڪيت هئي، ته هنجي اها دعويٰ قبول ٿي ڪئي ويئي. سڄو تولو ئي سندن هو. دعويٰ ڪندڙ به پاڻ، شاهد به پاڻ ۽ ڪامورا به سندن. حقيقت

۾ 'ڪليم' جو قانون پناهگيرن واسطي الھ دين جو جادوءَ جو چراغ ثابت ٿيو هو.

سو قدوس کي ڪوڙو ڪليم حاصل ڪرڻ ۾ ڪابہ رڪاوٽ ڪانہ ٿي. هنکي هي ٻئي ماڙيون مليون. انهن ۾ چاليهارو کن مسواڙي هٽ ۽ ڏهہ کن گهر هئا. هو انهنجو مالڪ ۽ لکاپتي بنجي ويو.

جيڪي بينگالي انهن هٽن جا اصل مسواڙي هئا، تنکي مالڪاڻو حق نہ مليو. نتيجو اهو ٿيو جو انهن مان ڪيترن کي اهي دڪان ڇڏڻ تي مجبور ڪيو ويو، حالانڪ اُهي اصل اتي جا رهاڪو هئا، ۽ ورهين کان وٺي اهي دڪان هنن جي گذران جو وسيلو هئا. هنن دانهون ڪوڪون ڪيون، پر ڪنهن 'قوت' بہ ڪونہ ڪيو.

بينگالين سان اهڙي قسم جون هزارين بي انصافيون ٿيون. پوءِ احساس جي هڪ لهر اڀري، دماغ کي چيڙڻ واري لهر، دل کي تڙڦائڻ واري لهر، ننڊ ۽ آرام ڦتائڻ واري لهر، جيڙو رهڻ لاءِ مقابلو ڪرڻ جي لهر. هنن محسوس ڪيو تہ هي ڏاريا مور ڳو ئي اسانجي هٿان ٻاڙ پٽڻ ٿا چاهين. هنن جو مٿو جاءِ آيو، ۽ پنهنجن جائز حقن حاصل ڪرڻ لاءِ جاڳي اٿيا. پوءِ دونهي دکڻ لڳي، ٽانڊا ٽمڪيا، چڻنگون اڏاميون، پيڙ متو، ۽ انجي تَو ۾ سارو ديس تپي ويو. نفرت جو جوالا مکي ڦاٽي پيو. ملڪ، قاضي نذر الاسلام جي نغمن جو نظارو بنجيو پيو:

المناڪيون ختم ٿيون، شعلا بلند ٿيا، دانهون ڇاتي ڦاڙي ٻاهر نڪتيون، هيبتناڪ طوفان آيو، سمنڊ جا بند ٽٽي پيا، آسمان ۾ لرزش آئي، هوا ۾ ڪنوڻين جا چمڪات ٿيا، ڌرتي ڏڪي، ديوتائن ڍالون سنڀاليون ....

هنن پنهنجا حق وٺڻ لاءِ ظالمن ۽ غاصبن تي وار ڪيو. غير بينگالين جي دڪانن کي لٽيو ويو، ۽ هنن جي گهرن تي حملا ڪيا ويا.

قدوس جي ٻڌي واپار جو دڪان بہ ڦريو ويو، ۽ هنجي ساري ملڪيت تباهہ ڪئي ويئي. پر هو پاڻ ۽ پنهنجن ٻارن کي بچائڻ ۾ وري بہ ڪامياب ٿي ويو، ۽ وڃي ٻئي هنڌ لڪو.

پوءِ پاڪستاني حڪومت فوجي ڪارروائي شروع ڪئي. بيقصور، بيوس ۽ بي هٿيار بينگالين تي بمن، بندوقن، بارود، باهين، توبن

۽ ٽئنڪن سان حملا ڪري، هنن جي رت جون نديون وهايون ويون ۽ باهه جو طوفان برپا ڪيو ويو. بينگالين جا گهر بار ۽ مال ملڪيتون تباهه ۽ برباد ڪيا ويا، ۽ دنيا جي بدترين وحشت جو مثال قائم ڪيو ويو.

بينگال ٻري رهيو آهي. ڍاڪا ٻري رهيو آهي. بينگالين جو نالو نيشان متائڻ لاءِ فوج پنهنجي پوري قوت سان ڪارروائي ڪري رهي آهي، جڻ ڪنهن دشمن ملڪ سان ڀرپور جنگ جوٽجي.

ڍاڪا ۾ شاگردن جي ڪن هاسٽلن کي، رات جي پيٽ ۾، بمن سان اڏايو ويو آهي، جنهنڪري گهڻا شاگرد سڌي ئي موت جو شڪار ٿي ويا آهن. ڪيترن ئي پروفيسرن ۽ دانشورن کي ڳولي ڳولي اهل عيال سميت ڪُنو ويو آهي. ڪوڙ پاڙن، بستين ۽ ڳوٺن کي باهيون ڏيئي ختم ڪيو پيو وڃي، ۽ انهن ۾ رهندڙن مان ڪو به سلامت ڪونه ٿو بچي. هزارين لکين عورتن جي آبرو لٽي پئي وڃي. لکن ڪروڙن جا دڪان، ملڪيتون ۽ مال متاع برباد ڪيا ۽ ڦريا پيا وڃن. ڏيهي پنهنجي ئي ڏيهه ۾ ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ جو شڪار ٿي رهيا آهن. ماڻهو پنهنجي ئي ديس ۾ پنهنجا گهر ڇڏڻ تي مجبور آهن.

هيءَ فوج به مسلمانن جي فوج آهي، جي بينگالي نه آهن.

فوج جي مدد لاءِ ٻيون ٽوليون به ٺاهيون ويون آهن، جنکي الشمس ۽ البدر جا پاڪ عربي نالا ڏنا ويا آهن. انهن ۾ رضاڪار ڀرتي ڪيا ويا آهن. هننکي فوجي هٿيار ڏنا ويا آهن ۽ هو به هزارين بينگالي ٻارن، عورتن، ٻڍن ۽ ٻي هٿيارن کي قتل ڪري رهيا آهن.

اڄهو هي هڪڙو رضاڪار ڏسو. هي لشڪر جي هڪڙي جٿي سان گڏ آهي. هو چونڊي چونڊي بينگالين جا گهر سپاهين کي ڏيکاري رهيو آهي. پوءِ سپاهي هنجي اشاري تي اهڙي گهر جو گهيرو ڪن ٿا، ۽ ٻارن ٻچن سميت انهن جو ڪوس ڪري ان گهر کي باهه ڏين ٿا. رضاڪار جي ڏسيل دڪانن کي باهه ڏين ٿا ۽ برباد ڪن ٿا.

اهو رضاڪار پنهنجي چاڙتن جي مدد سان ٻيوس بينگالي سهٽيون، ڪنواريون ۽ نوجوان نينگريون روز رات جو فوجي عملدارن جي عيش لاءِ انهن کي پهچائيندو هو. جنهن رات ٻيون عورتون نه ملي

سگهنديون هئس، ته ان رات هيءُ رضاڪار پنهنجون چايون ۽ مائٽياڻيون وچي انهن آفيسرن وٽ پهچائي ايندو هو.

هي رضاڪار ساڳيو قدوس هو. هنجي قوم وارن، پنهنجي پناهه ڏيندڙ بينگالين جو ڪوس ڪرڻ ۾ فوج جو پورو پورو ساٿ ڏنو. هو فخر سان پنهنجي فوجي آقائن کي ٻڌائيندو هو ته مون پنهنجي هٿ سان ٻه سؤ بينگالي جهنم رسيد ڪيا آهن ۽ هنن جا سوين گهر ۽ هٽ ساڙيا اٿم.

پوءِ هندستان وچم ٽپي پيو. ظالم جي ذليل ترين هار ٿي، ۽ بينگالين آزاد ٿي پنهنجو آزاد بنگلا ديش بنايو.

قدوس جهڙن ماڻهن لاءِ هاٿي پچڻ ۽ لڪڻ جي جاءِ ڪانه رهي هئي. بينگالي انهنکي معاف ڪرڻ وارا نه هئا، جن هنن سان غداري ۽ نمڪحرامي ڪئي هئي، جي خوني ۽ سازشي هئا. تنهن هوندي به پنهنجي اڳواڻ جي چوڻ تي هو زهر جو ڍُڪ پي ويا، ۽ پنهنجي بدلي جي باهه ٻاهر نڪرڻ نه ڏنائون.

مگر بهاري شور مچائيندا رهيا، ۽ دنيا وارن تي اثر وهارڻ جو جتن ڪرڻ لڳا ته هو مظلوم آهن، ۽ هنن تي ظلم ٿي رهيو آهي، ۽ هنن جون حياتيون محفوظ نه آهن.

ڪن بهارين پاڪستاني فوجي سپاهين کي پاڻ وٽ پناهه ڏيئي لڪائي رکيو هو، ۽ پوءِ وجهه ملڻ تي هي سپاهي وري بينگالين کي مارڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا. قدوس به اهڙن شخصن مان هو جن هيءَ شرارت ڪئي هئي.

ان تي بنگلا ديش جي حڪومت گهرن جي تلاشي وٺي، اهڙن سپاهين کي پڪڙي ۽ هٿيار هٿ ڪري رهي هئي. انڪري وري بهارين واويلا مچائي هئي ته اسانجو قتل عام ٿي رهيو آهي. جنهن تي ئي ريڊڪراس وارن جي هيءَ ٽولي جاچ ڪرڻ آئي هئي.

ڊاڪٽر ڏنو ته بهارين جي دانهن ۾ رڳو وڏاءُ آهي. فقط پنهنجن ڪرتوتن ڪري ئي انهن مان ڪي ٻاهر ڪم ڪار تي وڃي نه ٿي سگهيا ۽ بيروزگار هئا. عام قتل جا ڪٿي به اهڃاڻ ڪونه هئا.

ڊاڪٽر پنهنجي ڪم جي سلسلي ۾ هندستان ۽ پاڪستان جي ڪيترن ئي پرڳڻن ۾ سالن جا سال رهيو هو، ۽ اتي جي رهاڪن

جي عادتن ۽ اخلاقن کان ڀليءَ ڀت واقف هو. هن هميشه مسڪينن ۽ مظلومن جي خدمت ڪئي هئي.

هو ٻهار ۾ به رهيو هو ۽ سنڌ ۾ به.

جڏهن ٻهارين جا اهي فرياد ۽ آزي نيزاري ٻڌي رهيو هو ته هنکي ائين محسوس ٿي رهيو هو ته هنن جي دانهن ۾ ڪا سچائي ڪانهي، ۽ هنن جون شڪايتون جڙتو ۽ بي بنياد آهن. هنن جي پنهنجي ضمير جون ڇهنڀڙيون آهن. هو ڪنهنجي مڪر جي ڄار ۾ ڦاسڻ ڪان متيرو هو.

هن قدوس ڏي مهڙ ڪري پڇيو، "تنهنجو پنهنجو ٻار ٻچو يا ڪو ويجهو مائٽ به گذريل ڪجهه ڏينهن ۾ قتل ٿيو آهي؟"

هن اوچتي سوال تي قدوس گهٻرائجي ويو، ۽ ڪوشش جي باوجود به ڪو ڪوڙ ناهي ڪونه سگهيو. چيائين، "صاحب، پر منهنجي قوم جا ڪيترائي ماڻهو ماريا ويا آهن."

هن ٻين به ٻيلن مان ڪن کان اهڙا سوال پڇيا، پر انهن مان ڪنهن به ائين ڪونه چيو ته سندن ڪو رت جو رشتيدار تازو قتل ڪيو ويو آهي.

ڊاڪٽر کي هنن جي منهن تي صدين جي مڪاري ۽ منافقت جا پاڇا نظر آيا.

جڏهن ٻهارين چيو ته: اسانکي اولهه پاڪستان ۽ خاص ڪري سنڌ ڏانهن موڪلڻ جو انتظام ڪيو وڃي، تڏهن، هن محسوس ڪيو ته هنن لڏڻ واري قوم کي صاح پسند سنڌين مٿان مڙهڻ وڏي ۾ وڏي زيادتي ٿيندي، ۽ هنجي ضمير گوارا نه ڪيو ته هو پاڻ اهڙي گناهه ۾ حصيدار ٿئي.

فهميده ميمڻ

پهچي ويو پانڌي، ڏيئڙو ڪٽي ڏاهه جو

سليم منهنجو ننڍپڻ جو سنگتي آهي. ڳوٺ ۾ ساڳئي اسڪول ۾ پڙهياسين، تنهن کانپوءِ ڪراچيءَ وڃي ڪاليج ۽ يونيورسٽيءَ ۾ به گڏ رهياسين. ايم آءِ جو پهريون سال پاس ڪيم ته بابا سان ڪاروبار جي سلسلي ۾ ٻاهر وڃڻو پيو ۽ ڪيترا سال ملي نه سگهياسين. ڪجهه وقت تائين هڪ ٻئي کي خط پٽ لکياسين، پر پوءِ مصروفيتون وڌيون ته اهو سلسلو به بند ٿي ويو. ۽ هڪ ٻئي جي حالات کان اڻڄاڻ رهياسين. ان عرصي ۾ اها سا خبر پيم، ته سليم يونيورسٽيءَ ۾ اسانجي هڪ ڪلاس فيلو شائسته سان شادي ڪئي آهي. ان تي مونکي حيرت به ٿي هئي، ڇو جو جيتري قدر مونکي خبر هئي، سليم اسانجي ڪلاس جي هڪ ٻي ڇوڪري رابيل کي پسند ڪندو هو ۽ ان پٺيان چريو هو. اسين ٻئي گڏ رهندا هئاسين ۽ هو روز رات جو سمهڻ کان پهرين ڪلاڪن جا ڪلاڪ هنجو ذڪر ڪري ۽ سونهن جا قصيدا پڙهي مونکي بور ڪندو هو. جيتري قدر مون پاڻ ڏٺو هو، ته هوءَ کيس ڪا خاص لفٽ ڪانه ڏيندي هئي، پر سليم جو چوڻ هو ته نه فقط هن به کيس پسند ٿي ڪيو پر ٻنهي جو پاڻ ۾ 'چڪر' هلندو هو ۽ هنن جنم جنم گڏ گذارڻ جا وعدا ڪيا هئا.

رابيل ڪا تمام سهڻي به ڪانه هئي، پر تڏهن به سندس سانوري ڪومل مسڪرڙي ۽ سهڻين اکين ۾ ڪشش هئي. سنڌي اک ۾ هوئنن به هڪ مخصوص جوت هوندي آهي جنهن ڪري پري کان پڌري ٿيو پوي. عادتن جي لحاظ کان به هوءَ ٻين ڇوڪرين کان ڪافي مختلف هئي. نهايت ماٺيڻو ۽ گنڀير سڀاءُ هيس، هر ڪنهن سان فضيلت سان ڳالهائيندي هئي ۽ سندس ڳالهائڻ مان ذهانت ظاهر ٿيندي هئي. مونکي هڪ به دفعا هن سان ڳالهائڻ جو موقعو مليو هو تنهن مان اندازو لڳايو هئم ته سليم ڪوڙ ٿي ڳالهايو. مونکي اعتبار ئي ڪونه ٿي آيو ته ڪو هوءَ سليم جهڙي غير سنجيده ماڻهوءَ کي ڪا اهميت ڏيندي هوندي، پر دوست جي دل ٽوڙڻ مناسب نه سمجهي هن جون

ڳالهيون ٻڌي خاموش رهندو هوس.

سالن کانپوءِ سليم سان ملاقات ٿي ته اڪثندڙ ڳالهين جو سلسلو شروع ٿيو. هڪ ڀيري ڪي وساري ڇڏڻ جا ڏوراپا ڏناسين. مونکي هن سان گهڻيون شڪايتون هيون سو چئي ڏنومانس. ”يار چُپڙي ڪري شادي ڪيئي، اسانکي ڪوڙي دعوت به ڪانه موڪليئي. ٻڌو اٿم ته لوَ ميرج ڪئي اٿئي؟“

تڏو شوڪارو ڀري چوڻ لڳو، ”ڪهڙا تو حال ٻڇين، انهيءَ شاديءَ مان ته اڙجي ويو آهيان. الائي ڪهڙن گناهن جي سزا پيو ڀوڳيان.“

مون کان چرڪ نڪري ويو. ”پر اها شادي تو پنهنجي مرضيءَ سان ڪئي هئي!“

”اهائي ته مصيبت آهي نه، جو لو ميرج ڪئي اٿم سا به امان بابا جي مرضيءَ خلاف، هاڻ ڪنهنکي دانهن به نٿو ڏئي سگهان، چوندا ته: ’پاڻ پسند ڪئي هئي، اسين ڇا ڪريون.‘ مان ته نه دين جو رهيو آهيان نه دنيا جو.“ هن غمگين صورت بنائي چيو.

مونکي حيرت پئي ٿي، چيومانس، ”پر آخر ڪهڙي ڳالهه جي ڪري ايترو بيزار ٿي پيو آهين، مونکي ياد آهي شائسته چڱي سهڻي ڇوڪري هئي.“

”هڪ ڳالهه هجي ته مُنهن ڏجي. اول ته شادي فقط ضد ۾ ڪيم، پيو وري بيگم صاحبه اهڙي قوم مان آهي، جيڪا جتي وڃي اتي پاڻئي ته ڏندو ڪنيو ويني هجي ۽ سڀڪو سندس برتري مڃي. نڪي ٿي اما سان نهي، نڪو ڀيڻن سان، جيڪي ويچاريون ڪڏهن ڪڏهن اسان سان ملڻ اچن ته به ڏکوئجيو وڃن. ٿوري گهڻي ڳالهه تي وڏائي، ته ’منهنجا مائٽ هيئن، منهنجا مائٽ هوئن.‘“ سليم خارن مان هنجي اهل ڪندي چيو ته مونکي کل اچي وئي. ٿورو چيڙائڻ لاءِ چيومانس، ”نيڪ آهي، لوَ ميرج جو انجام اهو ئي هئڻ گهرجي.“

”سچ ته اهو آهي، ته اها لوَميرج ڪانه هئي پر ’ضد ميرج‘ هئي. پيار جو ته ڪٿي نالو نشان ڪونه هو. هرر پرو ضد ۾ اها شادي ڪيم.“

هنجي ڳالهه ٻڌي مونکي محسوس ٿيو ته هنجو مغز جاءِ

ڪونهي، ابتيون سبتيون ڳالهيون پئي ڪيائين ۔ مذاق ڪندي پڇيو مانس، ”اهو نئون ’ضد ميرج‘ اصطلاح وري ڪڏهن ايجاد ٿيو آهي؟“

منهنجي ڳالهه ٻڌي اڻ ٻڌي ڪندي هن سوال ڪيو، ”تو کي رابيل ياد آهي ؟“

”ها ها، ڇو نه ياد هوندي، روز رات جو سندس نالي جو ورد ڪري پوءِ سمهندو هئين،“ مون چرچي مان چيو. ”پر هينئر رابيل ڪٿان ياد پئي اٿئي، ذڪر ته پاڇائيءَ جو هو.“

”اڙي يار، ٻڌ ته سهي. رابيل مونکي پسند هئي، مون هنکي روح جي گهراين مان پيار ڪيو هو، پر هن منهنجي پيار جو قدر نه ڪيو، هن مونکي قبول ڪونه ڪيو.“ هن آواز ۾ درد سمائي چيو.

مونکي هنجون ڪيل ڳالهيون ياد پيون، چيومانس، ”پر تون ته چوندو هئين ته هن توسان جنم جنم گڏ گهارڻ جا وعدا ڪيا هئا.“

ڦڪي مُرڪ سان وراڻيائين، ”يئه ڀٽندو هوس. هن ته ڪڏهن سولو منهن ڏئي مونسان ڳالهايو به ڪونه هو... حيران نه ٿي، سچ پيو چوان، جيڪي تصور ئي تصور ۾ هن سان ڳالهيون ڪندو هوس، اهي ئاهي جوڙي تو کي ٻڌائيندو هوس.“

”پر...!“ منهنجي حيرت جي انتها هئي.

”پر پر ڪجهه نه چئو، منهنجي ڳالهه ٻڌ. منهنجي پيار جي ڪهاڻي ٻڌ،“ هن مونکي ڳالهائڻ جو موقعو ڏيڻ بنا چوڻ شروع ڪيو: ”رابيل مونکي تمام گهڻي پسند هئي. هنجو سانورو رنگ مونکي شاهه جي سر سارنگ جي ڪنهن سانوري ۽ بانوري ڪڪريءَ جي ياد ڏياريندو هو. هنجي ڪومل ۽ سندر مکڙي جي سندرتا منهنجي من ۾ لطيف لهرون پيدا ڪندي هئي، هنجي سادگي ۽ سونهن منهنجي تشنه آتما جو سڪون هئي، هنجي اکين ۾ مان پنهنجي وجود کي ٻڏندو ترندو محسوس ڪندو هوس، پر هنجي گنڀيرتا ۽ خود اعتمادي مونکي هن سان دل جي ڳالهه ڪرڻ کان روڪيندي هئي. ڪيترا دفعا ڪوشش ڪيم، ڪيس ڪنهن نه ڪنهن بهاني سان روڪيم، پر دل جي ڳالهه زبان تي نه آڻي سگهيس. هڪ ڏينهن ڊپارٽمينٽ ۾ اڪيلي ملي وئي، ڏاڍي همت ڪري پنهنجو حال اوريم. منهنجي ڳالهه ٻڌي سندس منهن تپي ڳاڙهو ٿي ويو. ـــ شرم کان نه ڪاوڙ

ڪان، چوڻ لڳي ، 'توهانکي اهڙي ڳالهه ڪندي شرم ڪونه ٿو اچي. آخر توهان ڇا ـــجهي مونسان اهڙي واهيات ڳالهه ڪرڻ جي همت ڪئي آهي .'

”پهرين ته مان ڏڇي ويس ۽ الائي ڇا ڇا وڦلڻ لڳس، پر پوءِ هنڪي اتان ويندو ڏسي سوچيم، ته وري الائي موقعو ملي يا نه، سو نمائي صورت بنائي، جيڪي فلمي ڊائلاگ ياد آيا دهرائيندي چيومانس، 'مس، ان ۾ شرم جي ڪهڙي ڳالهه آهي، پيار ڪرڻ گناهه ته ڪونهي. غلط نه سمجهو مونکي توهان سان بلڪل سچي ۽ پاڪ محبت آهي.'

”'ها ها، چو نه هوندي ۽ پڪ اها پهرين نظر ۾ خود بخود ٿي وئي هوندي، ان ۾ شرم جي ڪهڙي ڳالهه آهي، ڪير اوهانجي پيءُ سان اهڙي 'پاڪ محبت' ڪري ته توهانکي بلڪل شرم ڪونه ايندو. پر مسٽر، مونکي معاف رکو، منهنجا پائر اهڙا Broad minded ڪونهن. اهڙي ڳالهه ٻڌي هو توهان سان گڏ مونکي ٻه ڳترا ڳترا ڪري ڇڏيندا. اسان سنڌين ۾ ائين ٿي ٿيندو آهي،' هن قهر آلود نظرن سان ڏسندي طنزيه انداز ۾ چيو.

”مون هن سان انگريزي پئي ڳالهائي، سو شايد هن مونکي سنڌي ڪونه سمجهيو هو، توکي ته خبر آهي، منهنجي عادت جي، ڇوڪرين سان هميشه انگريزي ڳالهائيندو آهيان، سوچيم شايد سنڌي سمجهي ڍري ٿئي، سو سنڌيءَ ۾ چيومانس، 'ڪراچيءَ جهڙي شهر ۾ رهي به اهي ٿي Conservative سنڌين واريون ڳالهيون توهان جهڙي پڙهيل ڳڙهيل ۽ آزاد خيال ڇوڪريءَ جي واتان ٻڌي حيرت پئي ٿئيم. اهي سڀ ڳالهيون هاڻ پرائيون ٿي چڪيون آهن.'

”'پڙهيل ڳڙهيل ۽ آزاد خيال هئڻ جو مطلب اهو ناهي، ته عشق ضرور ڪجي .' هوءَ مونتي طنز ڪري هلي وئي . پر مون پنهنجي آس نه توڙي ۽ مسلسل هنجو پيڇو ڪندو رهيس، هنجي بيرخي منهنجي دل جو داغ بنجي ويئي. ڪڏهن ڪڏهن ته دل چوندي هئم ته شوت ڪري ڇڏيانس. ڪيترا ڏينهن سوچڻ ڪانپوءِ هڪ ٻي ترڪيب آزمائڻ جو خيال آيم . موقعو ڳولي هڪ ڏينهن روڪيومانس ۽ ڌمڪي ڏنيمانس ته جيڪڏهن منهنجي پيار جو جواب پيار سان نه ڏيندينءَ ته سڄي يونيورسٽيءَ ۾ بدنام ڪندو سانءِ. هوءَ بنا

جواب ڏيڻ جي هلي وئي ته مونکي ڏاڍا خار لڳا، جيڪي ڇهو هئم اهو ڪرڻ جو ارادو ته ڪونه هئم پر هنجي نترتا منهنجي اندر جي ضدي انسان لاء چئلينج بنجي ويئي ۽ پوءِ مون هر ڪنهنکي ٻڌائڻ شروع ڪيو ته هنجو مونسان Love affair هلندڙ هو . دوستن کي يقين ڏيارڻ جي بهاني هن سان مختلف بهانا ڪري ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪندو هوس ۽ جي هوءَ چڙپ به ڏيندي هئي ته سڀني کي اُبتي ڳالهه ڪري ٻڌائيندو هوس. منهنجي اها ترڪيب ڪامياب ٿي، جڏهن منهنجون ڪيل ڳالهيون مختلف ذريعن سان هن تائين پهتيون، ته هوءَ پريشان ٿي وئي ۽ هڪ ڏينهن مونکي پاڻ مخاطب ڪيائين، 'ادا! (اهو لفظ ٻڌي منهنجي دل ٻڏي وئي) توهانکي پنهنجيون پيٽون هونديون، ڪير انهن لاءِ اهڙيون ڳالهيون ڪري ته توهان ڇا محسوس ڪريو؟ مون آخر توهانجو ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي.'

"'ڏسو رابيل، توهان وري چٽ ۽ جاهل ڇوڪرين وانگر طعنا ڏيڻ لڳيون آهيو، مان توهان ڪان ڪا ناجائز گُهر ڪانه ڪئي آهي، بلڪ پيار جو جواب گهريو اٿم، جيڪڏهن اهو توهانجي وس ۾ ناهي ته پوءِ مان جيڪي به ڪريان ان تي اعتراض ڪرڻ جو حق به توهانکي ناهي.' مون رعب رکڻ خاطر تورو آڪڙ جي چيومانس، نه ته سندس ڳالهه دل سان لڳي هئم .

"'مصيبت ته اها آهي جو هت توهانکي مان جاهل ٿي لڳان، ۽ جيڪڏهن توهانجي لڳايل الزامن مان ڪو به منهنجي خاندان تائين پهتو ته سڀ منهنجي تعليم کي ڏوهاري ٺهرائيندا ۽ پڙهائي ڇڏائي گهر ۾ ويهاري ڇڏيندا. اسان سنڌين ۾ ڇوڪرين کي هوڻ ئي ڪونه پاڙهين. خدا جو واسطو اٿوَ مون غريب جو پيڇو ڇڏيو.' هن التجا ڀرئي انداز ۾ چيو. ڪيس ڪاوڙ بجاءِ نرميءَ سان ڳالهائيندو ڏٺم ته ڪانئس هڪ سوال ڪيم، 'پلا فقط ايترو ٻڌايو توهانجو منهنجي باري ۾ ڪهڙو خيال آهي I seriously want to marry you' اهو سوال ٻڌي پهرين ته تورو گهٻرائجي وئي، شايد اهڙي اميد ڪانه هيس. پر پوءِ خود اعتمادي سان چوڻ لڳي، 'مان وري ڪجهه چوندس ته چوندا جاهل عورتن وانگر طعنا ٿي ڏين. مسٽر هيءَ سنڌ آهي، هتي نياڻيون اهي فيصلا ڪونه ڪنديون آهن، توهان ڪابه ڳالهه ڪرڻ کان پهرين تورو دماغ کان به ڪم وٺندا ڪريو ته ڪهڙي ڳالهه

ڪنهن سان ڪجي؟ بلڪل انگريز بنجڻ جي ڪوشش نه ڪريو.'

"هنجو اهو جواب ٻڌي مونکي سڄي سنڌ جي سماج ۽ روايتن کان نفرت ٿيڻ لڳي ۽ هوءَ وري انهن جي ٺيڪيدار بنجي مونکي نصيحت ڪرڻ ويٺي هئي. نفرت وچان چيم، ' هر ڳالهه ۾ سنڌي تهذيب ۽ سنڌي روايتن کي مذهب بنائڻ سان ڪتي ماڻهو انهن کان به بيزار نه ٿي پون. پيار ۾ ماڻهو مذهب ذات پات جو خيال به ڪونه ڪندا آهن، توهان هروڀرو ڪٽي پاٽڪي پنهنجن خود ساخته اصولن ۾ قيد ڪيو آهي.'

"هوءَ رئنهارڪي ٿي وئي، ڪجهه چوڻ چاهيائين پر لفظ نڙيءَ ۾ وچڙي پيس، اکين ۾ ڳوڙها تري آيس، جنکي لڪائڻ خاطر ٽڪڙي ٽڪڙي اتان هلي وئي. مونکي ندامت ٿيڻ لڳي. ان لمحي مون سوچيو، نيڪ آهي، جيڪڏهن هوءَ ائين ٿي چاهي ته مان ڪيس تنگ ڪرڻ بجاءِ ڪنهن اهڙي عورت کان پيار جي ڀيک پنندس، جنهن پنهنجو وجود اهڙين مجبورين ۾ پاڻ نه ڦاسايو هوندو، ۽ پوءِ مون شائسته سان ناتو جوڙيو.

"اهو چائنڊي به ته روح جا رشتا ائين ڪونه ڇڄندا آهن، مون رابيل کي نظرانداز ڪرڻ شروع ڪيو، شايد لاشعور ۾ اهو خيال هئم ته هنکي نفسياتي شڪست ڏيان، هنجي خود اعتماديءَ کي ڌڪ هڻان. شايد ائين ڪرڻ سان هنکي منهنجي پيار جو قدر پوي. هن پٺرتي ته ڪهڙو اثر ٿيو هو، پاڻ هنکي ڏسي منهنجو وجود ميڻ وانگر ڳرڻ لڳندو هو.

شائسته کي پنهنجو بنائڻ ۾ سڀ کان وڏيڪ مددگار منهنجي ڪار، بنگلو ۽ ٺاٺ باٺ ثابت ٿيا. ٿوري لفٽ ڏنيمانس ته ڳيدوڙي جي ڳڳ وانگر چنبڙي پئي. نيٺ اما بابا جي مخالفت هوندي به ان سان شادي ڪرڻي پيم. اهو به خيال هئم ته پڙهيل ڳڙهيل آهي، ضرور گهر ۾ سليقي سان هلندي ۽ اما جن سان Mix up ٿي ويندي، پر جڏهن کان آئي آهي روز جهيڙو فساد لڳو پيو آهي. ٿوري ڪثر نه ايندس ته چوندي 'میں تو چلی اپنے میکے'_ يار سڀ سمجهن ٿا ته اسانجي پيار جي شادي آهي، جيڪڏهن پيڪن ويندي ته سخت بيعزتي ٿيندي."

مونکي سليم جي بيوقوفيءَ تي ڏاڍي ڪاوڙ آئي، "واه واه

منهنجا هيرو، تو ته ڪمال ڪري ڇڏيو. رابيل جي ڪردار جي ضبوطي ۽ شرافت کي admire ڪرڻ بدران ضد ۾ پنهنجي حياتي به حرام ڪئي اٿئي ۽ هن غريب کي به بدنام ڪيو اٿئي. مون ته ننڪي ڪنهن حد تائين سمجهيو هو انڪري تنهنجي ڳالهين تي اعتبار ڪونه ايندو هئم، پر پيا پڪ تنهنجي ڳالهين کي صحيح سمجهندا هوندا. توکي جي واقعي هن سان محبت هئي، ته شريفانه طريقي سان وڃي سندس مائٽن کان سڱ گهرين ها. پنهنجو پاڻتي اعتماد هجي ها ته پنهنجن مائٽن سان ڳالهه ڪرين ها، ڪين ڪم ظرفيءَ جو ثبوت پيش ڪري ويٺين. هاڻ جڏهن پنهنجي پير تي پاڻ ڪهاڙو هنيو اٿئي ته واڪا به نه ڪر.“ مون هن تي ڇوهه ڇنڊيندي چيو.

ندامت هنجي چهري مان ظاهر هئي. چوڻ لڳو، ”مڃانٿو ته غلطي منهنجي هئي. پر سچ ته هنجي انڪار مون ۾ احساس ڪمتري پيدا ڪري وڌو هو، جنهنکي احساس برتريءَ جو روپ ڏئي هنکي شڪست ڏيڻ چاهيم ته پنهنجون خواهشون، آرزون، توڙي پنهنجو وجود، پنهنجي هستي به هارائي ويٺس. لفظ روح جي درد کي ظاهر ڪري سگهان ها ته تون منهنجي ڪيفيت جو اندازو لڳائي سگهين ها.“ هن ڏکويل آواز ۾ چيو.

هنکي وڌيڪ ڏکوئڻ نٿي چاهيم، سو تسلي ڏيندي چيومانس، ”ويل وقت جي واڳ ورائڻ ته ناممڪن آهي. هاڻ ته ڪجهه به ڪري نٿو سگهجي، انڪري بهتر آهي ته پنهنجي شريڪ زندگيءَ سان نباه ڪرڻ جي ڪوشش ڪري من کي پرچاءِ.“

”نباه ڪرڻ هڪڙي ڌرَ جي وس جي ڳالهه ڪانهي. هوءَ مونکي ۽ منهنجي مائٽن کي الائي ڇا ٿي سمجهي. هر وقت اسانکي اهو احساس ڏيارڻ جي ڪوشش ڪندي آهي، ته اسين ڪنگلاءِ ڇٽ آهيون ۽ پنهنجي مائٽن جي سابقه امارت جا ٻٽاڪ هڻندي آهي. توکي ته خبر آهي اسانجي ڪافي زمين آهي. ڳوٺ جي جاين ڪانسواءِ ڪراچيءَ ۾ پنهنجو بنگلو اٿئون ته به چوندي آهي: ”اها به ڪا ملڪيت آهي، امارات اسانجون، هيتريون حويليون هيون. فلاڻو ڳوٺ سڄو اسانجو هو، هتي اچي ته اسين لٽجي ويا آهيون. ۽ وري جيڪو نقشو هوءَ انهن حويلين جو چٽيندي آهي، اهو ٻڌي سوچيندو آهيان ته ڏسڻ وارا ۽ تاريخ دان ڪوڙ ٿا ڳالهائن ته هندستان ۾ فقط هڪڙو ئي تاج محل

آهي.“

سليم جي اها ڳالهه ٻڌي مونکي بابا جي ٻڌايل هڪ ڳالهه ذهن تي تري آئي، جيڪا هنکي ٻڌايم ته حيران رهجي ويو.

”بابا ڳالهه ڪندو آهي ته: ’ٽيهارو ڪن سال اڳ اسانجي ڳوٺ جي ريلوي اسٽيشن تي هڪ هندستاني بدلي ٿي آيو. سنڌي ته پنهنجي مهماننوازيءَ ڪان مشهور آهن، تن هن پرديسيءَ کي اهو احساس ٿيڻ ڪو نه ڏنو ته هو ڪو غيرن ۾ آهي. اتي ئي هڪ دوست جي اوطاق تي رهائش جو انتظام ٿي ويس. مونسان گهڻي دوستي ٿي ويس ۽ آءٌ اڪثر هنڪان هندستان جي باري ۾ ڳالهيون پڇندو هوس ڇو جو مونکي مختلف ملڪ گهمڻ جو شوق هو. هو اتي جي پين شين جي سارهه ڪندي پنهنجي حويلي ڪونه وساريندو هو. هنجو ڇوڻ هو ته سندس شاندار حويلي شهر ۾ ايتري ته مشهور آهي، جو ڪنهن به سوازيءَ واري کي ڪو نشان پتو ڏيڻ ڪانسواءِ فقط نالو ٻڌائبو ته هو اتي پهچائي ايندو. هو همراه ٽي چار سال اتي رهيو، پوءِ بدلي ٿي واپس پنهنجي وطن هليو ويو. مون ايڊريس وٺي ڇڏيمانس. هڪ ٻه دفعا خط به لکيومانس. ڪجهه عرصي ڪانپوءِ هندستان گهمڻ لاءِ وڃڻ جو موقعو مليم، پر هنکي اطلاع ڏيڻ بنا ويس. سوچيم ته اوچتو ڏسي خوش ٿيندو.

”سندس شهر پهچي اسٽيشن تي ٽانگي واري کي حويليءَ جو نالو ٻڌايم ته واقعي بنا پڇا ڳاڇا ڪرڻ جي سڌو اتي ئي وڃي لاٿئين. هڪ شاهي گيٽ تي حويليءَ جو نالو لکيو پيو هو. اڄ جو ڏينهن هو، صبح جا نو يا ڏهه ٿيا هوندا. حويليءَ مان نڪرندڙ هڪ ماڻهوءَ ڪان پنهنجي دوست جي باري ۾ پڇيم، ته چيائين اندر هليا وڃو، اتي خبر پئجي ويندو. اندر گهڙي جيڪو منظر ڏٺم، اهو آءٌ ڪڏهن به وساري نٿو سگهان. هڪ وڏو اڱڻ لتاڙي ورانڊي ۾ پهتس. ورانڊو تمام ڊگهو هو، تنهن ۾ سؤ کن ڪمرا هئا (اهڙا ڪمرا سنڌ ۾ ڪنهن وڏي ۾ وڏي محل ۾ به ڪونه ڏٺا هئم) ڏاڍو متاثر ٿيس.

”هر ڪمري جي در تي قاتل ڳوڻ يا ڇنل تڏو تنگيل هو ۽ درن اڳيان ميرا گدلا ٻار ۽ اڌ اگهاڙيون زالون وينيون هيون (هندستان جي ان حصي ۾ زالون سڄي بت تي فقط ساڙهي ويڙهيندڙيون آهن بلائوز ڪونه پائن.) ورانڊي ۾ مڪين جا ميڙ هئا. اتي ئي ڪي زالون ڪارن تيل ٽانوَن کي مٽيءَ جي چُلهن تي چاڙهي ڪجهه رڌي رهيون

هيون ۽ دونهين جي ڪري اکيون چنجهيون ڪيو هڪ ٻئي سان ڳالهائي به رهيون هيون. اڱڻ جي وچ ۾ نل (هينڊ پمپ) لڳل هو، اتي پندرهن ويهه زالون ننڍا وڏا ساوا ۽ ڪارا ٿيل مٽ دِلا ۽ گگهيون کنيو ويٺيون هيون. ٻئي پاسي ڪجهه مرد ۽ زالون وهنجي رهيا هئا. ڪن زالن ڪپڙا ٻئي ڏوتا ۽ ڪي ٿانون جا ڍڳ اڳيان رکيو ڦلهيار سان مليي رهيون هيون. زالن مردن جي آوازن ۽ ڪٿي ڪٿي ڪن ٻارن جي روئڻ ۽ رڙين ڪرڻ جي ڪري اندر عجيب ڏم ڇڪر مچيل هو. سمجهيم شايد غلط هنڌ هليو آيو آهيان، منهنجو دوست ته نهايت نفاست پسند هو، اهو هتي ڪيئن رهندو هوندو، پر وري حويليءَ جي نالي جو ڏيان آيم ته يقين ڪرڻو پيم. نيٺ وري هڪ ماڻهوءَ کان پڇيم، هو مونکي وٺي مختلف ڪمرن اڳيان لنگهي هڪ ڪمري ۾ سڌو اندر وٺي ويو. منهنجو دوست ڪمري ۾ هڪ پاسي پيل کٽ تي ويهي چانهن ۾ ڊبل روٽي پسائي کائي رهيو هو. مونکي ڏسي عجيب ڪڪو وڪو ٿي ويو. وات ۽ اکيون غير يقيني انداز ۾ ڦاٽي ويس. سنڌ ۾ نوڪريءَ دوران هنجي لانگ ٻئي لڳندي هئي، اتي ڪڏهن ميرو ڪونه ڏٺومانس، پر ان وقت بت تي فقط هڪ ميري گوڏ ٻڌل هئس. ٿوري دير ۾ پاڻ سنڀالي منهن تي بيوسيءَ جي مرڪ آڻي خير عافيت ڪيائين. هنجي ته جيڪا حالت هئي سا هئي، پر آءٌ پاڻ ڏاڍو شرمندو ٿي پيس، سوچيم ائين بنا اطلاع جي نه اچڻ کپندو هئم. پر جيڪي نه ٿيڻ کپندو هو، سو ته ٿي ويو، سو وڌيڪ سوچڻ بيڪار سمجهي، هنکي چيم ته مونکي شهر جون خاص جايون هلي ڏيکار. هو بنا جواب ڏيڻ جي ڏوتل ڪپڙا ڪڍي ٻاهر نڪتو، مون سمجهيو ته ڪپڙا مٽائي اچهو ٿو اچي، پر هن يار پورا ٻه ڪلاڪ لڳايا، تنهن ڪانپوءِ به آيو ته ائين ٻئي لڳو ڄڻ ڪنهن ماري، پوءِ ڊوڙائي ڪڍيو هجيس (اها ته پوءِ خبر پئي ته ان حويليءَ ۾ عورتن ۽ مردن لاءِ 'بيت الخلائن' جون ٻه قطارون ٺهيل هيون، جتي هر وقت پيڙ لڳي پئي هوندي آهي، هي همراه به فارغ ٿيڻ لاءِ ٻه ڪلاڪ آس ۾ انتظار ڪري وارو وٺي آيو هو). نيٺ تيار ٿي ٻاهر نڪتاسين. سڄو ڏينهن گهمائي ڦيرائي رات جو مونکي هڪ هوٽل ڏيکاري پاڻ حويليءَ هليو ويو. مونکي سندس شاندار حويليءَ ۾ رهڻ جو نڪو شوق هو نه ٿي رهان ها، پر تڏهن به اسان سنڌين ۾ مهمان کي ائين هوٽل

ڏيکارڻ معنيٰ لوڏي ڪيڻ هو. رسمي آچ به ڪانہ ڪيائين، جيتوڻيڪ سنڌ ۾ اسانوٽ تي سال مفت ۾ رهي آيو هو. ٻئي ڏينهن هنکي ٻڌائڻ ڪانسواءِ ٻئي شهر هليو ويس."

سچو قصو سليم ڏاڍي دلچسپيءَ ۽ حيرت سان ٻڌو. هنجي محويت ٽوڙيندي چيومانس، "سو يار، اهڙيون حويليون هر شهر ۾ هونديون آهن. ويچارا هتي اچي واقعي لٽجي ويا آهن، اسان ڇٽن وٽ ڪٿان آيون اهڙيون شاندار حويليون ۽ انهن جي آزاد زندگي."

کلندي چوڻ لڳو، "يار تون تہ جهيڙي وڌائڻ جون ڳالهيون پيو ڪرين. اها ڳالهہ گهر ۾ ڪريان تہ نوڙهہ تي هڪڙو وار بہ نہ بچي. اڳئي گهپي ۽ روز روز جي ڪل ڪل مان تنگ آهيان، ڪا چڱي صلاح ڏي تہ ڇا ڪريان."

"جهيڙي, ٽارڻ جو هڪ طريقو اهو بہ آهي تہ گهر الڳ وٺي رهہ،" مون مشورو ڏنومانس.

پنهنجي مجبوري ٻڌائيندي چيائين، "ماڻهو ڇا چوندا تہ هن عمر ۾ ماءُ پيءَ کي ڇڏي ڌار ٿي ويو. اڃا گهر نديو هجي تہ تنگيءَ جو بهانو ڪري جدا ٿيان، پر هينئر سڀڪو ڏڪون هڻندا تہ هيڏي ساري پنهنجي جاءِ هوندي جوءِ کي وٺي ڌار ٿي ويو. ٻي ڳالهہ تہ هوءَ صبح جو ڪاليج ۾ پڙهائڻ ويندي آهي. ننڍڙو گل رهي ٿي اما وٽ، الڳ ٿياسين تہ ڏکيائي ٿيندي."

سليم جي مسئلي جو ڪوبہ حل منهنجي سمجهہ ۾ ڪونہ آيو. جڏهن هن وٽان آيس تہ بہ هو منجهيل ۽ پريشان هو.

مهيني کن ڪانپوءِ هڪ ڏينهن منهنجي گهر آيو تہ بلڪل بيمار پئي لڳو. پڇيومانس، "ٺيڪ تہ آهين ڪمزور پيو لڳين."

"ڳڻتين بيمار ڪري وڌو آهي. روز روز جي پريشانين ايترو تہ منجهايو آهي جو پانيان تہ مٿهن واهہ ڪري پڄي وڃان،" هن جواب ڏنو.

"ڇو وري ڇا ٿيو. ڪا نئين ڳالهہ ٿي آهي ڇا."

"ها يار، اڄڪلهہ وري هڪ ٻيو مسئلو کڙو ٿيو آهي. تو کي تہ خبر آهي، اما کي اردو ڳالهائڻ ڪانہ اچي، البت سمجهي ويندي آهي. شائستہ اردوءَ ۾ ڳالهائيندي اٿس تہ سنڌيءَ ۾ جواب ڏيندي آهي. هيستائين تہ ڪم هليو پئي، پر هاڻ جيٺن تہ گل ٿورو ڳالهائڻ

جهڙو ٿيو آهي، تہ اسانجي فيملي ڊاڪٽر مشورو ڏنو آهي، تہ ٻار سان ڪابہ هڪ ٻولي ڳالهايو نہ تہ هن جون صلاحيتون Confusion جي ڪري بيڪار ٿي وينديون. شائستہ ضد ڪيو آهي تہ اردو سيکارجيس، ڇو جو پاڻ سنڌي تہ ٿي ڳالهائي سگهي، پر هيڏانهن اسانجو ڪٽنب آهي. ڪير بہ اهو گواره نہ ڪندو، تہ هڪ شائستہ جي ڪري سڀ پنهنجي ٻولي ڇڏي ٻي ڳالهائين. پيا تہ ڪٿي نهيو، پر اما تہ هر حال ۾ سنڌي ڳالهائيندي. گل سچو ڏينهن آهي بہ ان وٽ. سمجھ ۾ نٿو اچي ڇا ڪريان.“ سليم پاڻ Confused هو.

مون حالتن جي نزاڪت جو اندازو لڳائيندي سمجهايومانس، ”توهان ماڻ هڪ ڏرڪي ضد ڇڏڻو پوندو، نہ تہ ٻار سائڪالاجيڪل ڪيس بڻجي ويندو. منهنجي خيال ۾ ٻاچائيءَ ڪي هرو ڀرو ضد نہ ڪرڻ گهرجي، ڪيس اهو سوچڻ گهرجي، تہ ٻار پيءُ جو نسل هلائيندو آهي، گل سنڌي پيءُ جو پٽ آهي، تنهنڪري انکي سنڌي سيکارڻ گهرجي. باقي جي پاڻ ڪوشش ڪري، تہ پڙهيل لکيل آهي، سنڌي سولائيءَ سان سکي سگهي ٿي.“

تڏو ساهہ پريندي چوڻ لڳو، ”هرڪا ڪوشش ڪري چڪو آهيان، پر هنجو چوڻ آهي تہ: ٻار سان مادري زبان ڳالهائڻ گهرجي ۽ گل جي مادري زبان سنڌي ڪانهي.“

”جنم ڏيڻ واريءَ کان وڌيڪ ويجهي وڌيڪ پياري ماءُ تہ هيءَ ڌرتي آهي، جنهنجي مٽيءَ کان پوتر دنيا جي ڪابہ شي ڪانهي. مادريءَ زبان جو اصطلاح انهيءَ ماءُ جي رشتي سان وجود ۾ آيو آهي، مادري زبان جو مقصد آهي ڌرتي ماءُ جي زبان. اسانجي سنڌ جي سر زمين جي ٻولي ٿي اسانجي مادري زبان آهي. انڪري گل کي سنڌي ۽ فقط سنڌي سکڻ گهرجي، ٻيون زبانون وڏو ٿي پاڻهي سکندو ۽ اسان سنڌي ايتري اهليت بہ رکون ٿا، جو ڌاريون زبانون بہ بلڪل انهن جي لهجي ۾ ڳالهايو وڃون، هنن وانگر ڏ ڏ ڪونہ آهيون، جو سالن جا سال هت گذرڻ ڪانپوءِ بہ ڄهڙا ڏيا.“

اهو مشورو ڏيندي مونکي ائين محسوس ٿيو. ڇڻ تہ سليم جو گهر سنڌ جو نقشو هو، جنهن ۾ روز نوان نوان مسئلا کڙا ٿيو سيني جو سڪون تباهہ ڪندا ٿا رهن. سليم واپس ويو تہ بہ آءٌ ڪيتري دير انهيءَ جي باري ۾ سوچيندو رهيس. انهن مسئلن جو واحد سبب

آهي اسانجي مزاج جو جذباتي هئڻ ۽ پنهنجي مقصديت جي باري ۾ غير يقيني ڪيفيت. جيڪڏهن اسين پاڻ اجهل ۽ اڏول بنجي پنهنجي اندر جي آواز کي حق جي ڪسوٽي بنائي انتي پنهنجو هر عمل ۽ هر فيصلو پر کيون، ته ضرور سرها ۽ سوڀاوان ٿي منزل ماڻيون.

هڪ ڏينهن پڪچر ڏسڻ جي موڊ پئي ٿي. سليم سان مليئي به گهڻا ڏينهن ٿي ويا هئا، سوچيم ته گڏ وڃي وٺانس. گهر ويوسانس ته ات ماٺ لڳي پئي هئي ۽ پاڻ گوڙهن خيالن ۾ گم اکيون زمين ۾ کپايو لان ۾ آرام ڪرسيءَ تي ليٽيو پيو هو. جڏهن بلڪ ويجهو پهچي اکيان وڃي بيٺوسانس، تڏهن چرڪجي مون ڏانهن نهاريائين. هلڪي مرڪ سان آجيان ڪندي وهڻ جو اشارو ڪيائين. مون ٻڌايومانس ته فلم جو پروگرام آهي ته ڪنڌ ڌوڻي انڪار ڪيائين.
”نه يار، اڄ موڊ ڪانهي، ٻئي ڪنهن ڏينهن هلنداسين.“ بيزاري سندس منهن مان ظاهر هئي.
ٿورو کلائڻ لاءِ مذاق ۾ چيومانس، ”اڙي مرچوس، ٽڪيٽ جا پئسا مان ڀريندس. تون رڳو تڪليف ڪري مونسان هل.“
پر هن جواب ڪو نه ڏنو.
”ڪهڙين ڳڻتين ۾ آهين؟“
”هڪ ڳڻتي هجي ته ٻڌايانءِ،“ هن اداسيءَ سان جواب ڏنو.
”پر به ـــ؟“
”گذريل هفتي کان شائسته ڪاوڙيل آهي، چوي ٿي ته، ’تنهنجي ماءُ ڇوڪري، جي زبان خراب ڪندي، انڪري آءٌ پنهنجي ماءُ کي ٿي گهرايان. ڪجهه ڏينهن هتي رهي هنکي پاڻ سان هيرائي ته پوءِ انکي ڏيندس، ته ڪٿي وڃينس، وڏو ٿيندو ته پاڻهي سڌري سگهي ويندو. هوڏانهن جڏهن کان اما کي ان ڳالهه جي خبر پئي آهي، روئي روئي اکيون ڪٽي وڃايون اٿس. پوٽي کانسواءِ هڪ پل به نه ٿي رهي سگهي. جڏهن کان ڄائو آهي، نپايو ئي انهيءَ اٿس. مان پاڻ به گل کانسواءِ ڇريو ٿي پوندس. سڄي گهر جي وندر آهي ئي گل، پر هوءَ ضد ڇڏي ئي نٿي. سس صاحب ايندي ته سڄو گهر پاڻ جون ڪون ڪري ڇڏيندي، امان کي ته سندس چلمچي ڏسي اپڙڪا ايندا آهن. سڄو ڏينهن سوئڙيءَ سان سوپاريون ڪترينديون. مٿي ۾ به

سٺور ڪونہ ٿو پوي‌س. هڪ تہ انجو وجود هونئن ئي ناپسنديده، وري جو اچي تي گل کي پاڻ سان وٺي وڃڻ جي ارادي سان، سو سڄو گهر پاڻئي تہ ڪجهو ڪائي وڃينس. منهنجي سمجهہ ۾ نٿو اچي آخر هي مُنجهيل سَٽ سلجهندو ڪيئن.

مونکي هنجي ڪمزوري پسند ڪانہ آئي. اها ڪمزوري تہ هئي جو حق تي هوندي بہ پنهنجو فيصلو نہ ڏئي سگهجي. سمجهايو مانس، ”سليم، اها بہ طرفي پاليسي ڇڏ، عقل کان ڪم وٺ، هڪ طرف پنهنجي جيجل ماءُ اٿئي ۽ جيجل سنڌ جي ٻولي اٿئي. انهنکي راضي ڪندين تہ ٻئي جهان ملند ئي، باقي شائستہ پاڃائي مذهبي توڙي قانوني طور پنهنجي مائٽن سان ناتو توڙي چڪي آهي، انڪري ڪيس ڪوبہ حق ڪونهي، تہ هوءَ انهن جي زبان جي همدرديءَ ۾ توسان لاڳاپا خراب ڪري يا تنهنجي اولاد کي تنهنجي هوندي انهن جي حوالي ڪري. تون گل جو وارث آهين، تو کي هنجي سنڀال ڪرڻي آهي. سندس تعليم تربيت پنهنجي ماحول مطابق ڪندين، تہ مڙس ٿي ليکبين، نہ تہ جيئن رابيل کي وڃائڻ کانپوءِ پڇتايو اٿئي، تيئن پڇتائيندين ۽ دل جي سڪون لاءِ سڪندين.“

هنجي نراڙ تي پيل گهنج مان دل ۽ دماغ جي ڪشمڪش عيان هئي. هڪ طرف گهريلو زندگي ۽ انجون خوشيون هيون، ٻئي طرف جيجل سنڌ پنهنجو حق ڇڪي رهي هئي. هڪ طرف دنياداري هئي، ٻئي طرف روح جا رشتا هئا. ضمير جي پڪار هئي. اهو ڪو معمولي مسئلو ڪونہ هو، هنکي اڪيلائي ۾ سوچڻ جو موقعو ڏيڻ لاءِ جلد واپس هليو آيس.

مونکي سليم جي طبيعت جي خبر هئي انڪري هنتي اعتبار بہ ڪونہ هئم، شل نہ ڪنهن وقت ڪاڏن ذهن تي سوار ٿيس، آغاز ۽ انجام تي سوچڻ بنا، جذباتي فيصلو ڪندي دير نہ ڪندو.

هڪ آچر تي فون ڪري فلم تي هلڻ جو چيائين.

پڇيومانس، ”تون اچين ٿو مون ڏانهن يا آءٌ اچان.“

”پل تون تيار ٿي تہ آءٌ اچي ٿو pick ڪريئين.“ آواز مان موڊ جو اندازو نہ لڳائي سگهيس.

هو آيو تہ بہ خبر ڪانہ پيم تہ خوش هو يا رنج. رواجي رسمي

ڳالهيون ڪندو رهيو، مون به ڪجهه ڪونه پڇيومانس. فلم ڏسي موٽياسين، ته مونکي گهر تي لاٿائين، چانهن پي وڃڻ لاءِ چيومانس ته ڪجهه سوچي ڳاڌيءَ مان لهي پيو. چانهن پيئندي پهرين ته فلم کي discuss ڪندا رهياسين، پر پوءِ ٻي ڪنهن ڳالهه مان ڳالهه ڪڍي پڇيومانس، "تنهنجي سس اڄٽي هئي سا آئي هوندي."

"نه ڪانه آئي،" هن مختصر جواب ڏنو.

"ڇو ـــ؟"

"مون جهلي ڇڏيومانس. شائسته کي چيم ته جي اٿين ٿي ملڻ اچي ته اسانجي آکين تي. باقي گل کي وٺي وڃڻ جو ارادو اٿس ته لکي موڪلينس اسانجي گهر ۾ پير به نه وجهي، هتي سڀ ڇڙيا ويٺا آهن،" هن وراڻيو.

"پوءِ ته ياڃائي ناراض هوندي؟"

"ها، وس پڇيس ها ته مائٽن ۾ هلي وڃي ها، پر سرڪاري نوڪريءَ جي ڪري مجبور آهي. في الحال موڪل ملڻ به مشڪل اٿس، ڪاليج جا امتحان ويجها آهن،" هن تورو مرڪندي چيو.

"ته ڇٻو تون خوش آهين،" مون چيڙيندي چيومانس.

"خوش ته خير ڇا ٿيندس، ها مطمئن ضرور آهيان. فيصلو ڏئي چڪو آهيان، جي نامنظور هوندس ته سڀ ڪجهه ڇڏي هلي ويندي، نه ته گل سان گڏ پاڻ به نئين مان ڳالهائڻ سکندي." توڪ واري انداز ۾ چيائين. وري تورو کلي چوڻ لڳو، "هونئن في الحال تعلقات خراب آهن."

"فڪر نه ڪر، اٿين پنهنجو گهر ڦٽائڻ سولو ڪونهي. هوءَ توکي ڇڏي ڪانه ويندي،" مون هنکي تسلي ڏيڻ چاهي.

"هلي به وڃي ته مونکي پرواه ڪانهي، منهنجي لاءِ هن دنيا ۾ ٻيو ڪوبه جذبو ڪا اهميت نٿو رکي، سواءِ پنهنجي وطن جي محبت ۽ ٻوليءَ جي چاهه جي."

هنجو جذباتي پڻو صحيح راه لڳي چڪو هو.

بيت وايون
وايون، نظم، بيت
وائي
نظم
نظم
غزل
غزل
دوها
غزل
وائي
وائي

شعر

شيخ اياز
قمر شهباز
سروپچندر "شاد"
اِمداد حسيني
سحر بلوچ
پير بخش پياسي
ميرمحمد پيرزادو
منظور قريشي
انور
صدرالدين شيخ
شمشاد مرزا

شيخ اياز

آزاديءَ جي راهه ۾

آزاديءَ جي راهه ۾ ڪُجهه به نه آجايو،
لاَلڻ اتي تو ديرَ سان لايو مَجايو،
سو به نه ڪم آيو، ڪنڊَ ڪِريو جو پَنڌَ ۾.

ڪنڊُ ڪِريو جو پَنڌَ ۾ وڌّي ٿيو وڻُ،
آزاديءَ جي راهه ۾ ڇانوَ ڪري، ٿو ڇڻُ،
وِڪ وِتري (١) ڪَڻُ وَرُ جو مٺو ماڪَ ۾!

هوُ جي مٺا ماڪ ۾ ڇڻُ ڪي اوڇا ٻڙَ،
وَڏِين ڪيڏا وَڙَ، پاندِي ڪيا پنڌَ ۾!

جيهر مر جيهر مر، ڏيئڙا آهي سارو پنڌُ،
ڪنهن جو ڪنهن جو ڪنڊُ، جر ڪي ٿو ان جوت ۾!

ڪنڊُ ڪِريو جو پنڌ ۾ ڇڻ ڪا ڏياٽي،
اڪ جٺن اونداهي نه آ گوندَر (٢) جي گهاٽي، (٣)
وِڪ نه وِهاٽي، پويان ڪنهن جي ماڪ ۾.

آهڪي آهي راهه، آزاديءَ جي پانڌڙا،
جي تو سانگو ساهه، پيرُ نه وجهه تون پَنڌَ ۾.

(١) وِتري — تيز (٢) گوُندر — غم
(٣) گهاٽي — پهاڙي پيچرو، لڪ

آهي موت مِيار، آزاديءَ جي راهه ۾،
اُسهين ته آجو ٿئين پسين پرينءَ پار،
مَرين ته به اَمَرُ ٿئين وڏين ويرو تار،
جئن ڪا سندوءَ ڌار، سدا رَهي سيرَ ۾.

ڏسُ نه ڏِکين ڏَڙَ، وِڪَ اڃا ڪَر وِتري،
مَري پنهنجي پاڻَ سان ويرَن ڪَيا وَڙَ،
اُنهن نه آوءِ گهڙَ، جِن تي اوچِتُ اُپَ جو.

آزاديءَ ڪان اوپرا تون نه اسان جو ياءُ،
تون ڪو پَتِر پَنڌ ۾ اسان اُتر واءُ،
اسان تنڌي آءُ، سانگو لاهي ساهه جو.

هيءَ نه پوتَر پوُن، ڪومَلَ ڪَنولَ هينئڙا!
چِپِنَن چاتي اُپَ جي هِتَ، چِتيون چوليءُن،
سو چا چاٽين تون، مان جنهن چوهي چوهه (۱) ۾!

جي تون ويهي واٽَ تي پَسين ڪو ئي گُلَ،
ءِ ڏين سونهن سڳنڌ جو مَهل وڃائي مُلَ،
اسان ساٿِ نه چُلَ، پَنڌ پري آ پانڌيا!

وَري آچٽي ناهه سا جيڪا وَئي ويرَ،
ڏِسُ هوُ واريءَ ڍيرَ، پَنڌ پري آ پانڌيا!

پنڌ پري آ پانڌيا تارن ڏي به نه تڪِ!
متان لڏي لڪِ، تنهنجي وَڪَ ڍَري ٿيئي!

لڳن پنهنجي لوُنءَ جي آهي پرينءَ پارُ،
جِتي سوُنهن سڳنڌ ۾ تري ٿو سنسارُ،
وِچ نه وِجهه ويچارُ، متان وِڪ ڍري ٿئي!

---

(۱) چوهو - طوفان.

ٻيءَ جو بدلو

آبّا! تنهنجو رَتُ، اُپـــرِي آيـــو واتَ ۾،
ھا، مون هاريو پَٽُ، جان تو ويري، جيئرو.

هيءَ کُهاڙيءَ ڌارَ چَٽُ کا ڪَنَي سِجُّ جي!
آبّا! تُنهنجي رَتُ جا مُون تي پاري بارَ،
تيسين نِنڊَ مَيارَ، جــان تـــو ويري جيئرو.

مـــون تـــي نِنڊَ ميارَ آ آبّا! مُون سوڳنڊُ،
جيسين مان ڪيرائيان تُنهنجي ويريءَ ڪَنڌ،
مون نہ پٽاريو هَنڌُ، هُن سان ساڳيءَ پِڙَ ءَ تي.

آبّا! تُنهنجي نانوَ سان مُنهنجو اوچو ڳاٽُ،
سورهِيہ! تُنهنجي سَجّ جو چوڌاري چمڪاٽُ،
لِڪئي ساڻُ لِلاٽُ، چمڪيو چوڏينهن ءَ چَنڊ جان.

موت نہ هرڪو نانءُ ٿـــو واريءَ تي واري،
مُڙس اُهو جو مَٿهل تـــي مَري، يا ماري،
ڌري، يـــا ڌاري، اُپري ڏونگرَ ڏاڍَ جـــا.

مـــان ڪيئن لوءِ لجائيان تـــو نہ لجائي لـــوءِ،
آبّا! تـــو ڪان پـــوءِ، آهہ ڪهاڙي ڪَچّ ۾.

آءٌ، ڪهاڙي ڪَچّ ۾ ءَ مُون هـــي آٿتُ،
رَت ڪي ڌوئي رَتُ، رت نہ ڌوپي نير سان.

وائي

جهيڙي ۾ جهونجهار، يار ساٿي سڄ آيار، يار!
مون مَن اوهان موهيو.

چنڊ ڪاڪتڻي سيڄ جي آهه کهاڙيءَ ڏار، يار!
مون مَن اوهان موهيو.

ڍوڍو لسيءَ ڍڪ سان، کيہڙيءَ ۾ کيڪار، يار!
مون مَن اوهان موهيو.

ڏيهي مُنهنجي ڏيهه جا ماٺڙو ميگهه ملار يار!
مون مَن اوهان موهيو.

مولهيا مولهيا ماڳ ۾ لکين سات سچار يار!
مون مَن اوهان موهيو.

نيٺ ته وڃهندءُ ڏاڍ جي ڏونگر ۾ ڏکار يار!
مون مَن اوهان موهيو.

نيٺ ته وسندا مينهڙا ٿيندا سيند سُڪار، يار!
مون مَن اوهان موهيو.

وائي

پـــالَ پلايئہِ پاڙا مرڪي تنهنجي مـــاءُ،
موت نہ تنهنجي مات ڙي!

ڪارو گُلُ گلاب جـــو توتي گُوليءَ گهاءُ،
موت نہ تنهنجي ماتِ ڙي!

تـــارن رُنيءَ رات ۾ تنهنجو رَت تـــلاءُ!
مون نہ تنهنجي ماتِ ڙي!

انبائـــيءَ جـــي آنت ســان ٽيندو هيجَ هڳاءُ،
موت نہ تنهنجي ماتِ ڙي!

صديـــن لاءِ سُگنڌَ ســان ايندو تُنهنجو ساءُ،
موت نہ تنهنجي ماتِ ڙي!

ديسُ مَلهائيندءِ مـــوتَ سان منهنجا بـــاغي پـــاءُ!
موت نہ تنهنجي ماتِ ڙي!

قمر شهباز

وايون

جي هوت هلين تون پيرُ پري، مان پيرين پيادي هلندي سانءِ.

ڪو ڀَوُ ناهي ڀَرِ وارن جو، جي ڇم ڇم ڇمڪا ڇير ڪري
مان پيرين پيادي هلندي سانءِ.

اڄ بادل ٻيهي ٻرسيو آ، اڄ سرتا، توريءَ ڪين سَري
مان پيرين پيادي هلندي سانءِ.

جي جاڳ اسانجي واڳَ وٺي، پوءِ ڇا ٿيو جي آ پنڌ پري
مان پيرين پيادي هلندي سانءِ.

هي ڪُوڪ ٽڪسٽي ناهه ڪڏهن، ڀل ڪوئل ڪوئي قيد ڪري
مان پيرين پيادي هلندي سانءِ.

پوءِ جڳ مڳ جڳ مڳ ڏرتي آ، جنهن ويل لهوءَ جي لاٽ ٻري
مان پيرين پيادي هلندي سانءِ.

سَوُ ڪيپَ چڙهن سرواڻن تي، جي طوفانن ۾ تيرُ تري
مان پيرين پيادي هلندي سانءِ.

هيءُ پيچل تنهنجو ٻانهو آ، جو راء جيان سِرُ ڏار ڏري
مان پيرين پيادي هلندي سانءِ.

مون منزل اهڙي ماڻي آ، جت ڏينهن تپي جت رات ٺري
مان پيرين پيادي هلندي سانءِ.

رڙيو راند وچائي ويٺو، سو ئي دلڙيءَ داءُ ڪٿيو
ڏين ڇا ڇاٽين، تنهنجي آئي، مَن تان غم جو بار گهٽيو
سوئي دلڙيءَ داءُ ڪٿيو.

محفل ۾ مانڊاڻ مٿو آ، ڪير ٻچيو ۽ ڪير ڦٿيو
سو ئي دلڙيءَ داءُ ڪٿيو.

سودي ريءَ سنسار سڄو آ، لوڪو هاڻي لوڙهه لٿيو
سو ئي دلڙيءَ داءُ ڪٿيو.

هرسوءِ موتيو مهڪي پيو آ، شايد ڪي منثار مٿيو
سوئي دلڙيءَ داءُ ڪٿيو.
رڙيو راند وچائي ويٺو- رڙيو راند وچائي ويٺو.

ڦٽڪي ڦٽڪي ٽڪجي پيو آ، هارايل انسان الا،
موت منهنجو مهمان الا، اڄ موت منهنجو مهمان!

اونداهيءَ جي انت-تري ۾، گهائل مَنَ جو گيانُ الا،
موت منهنجو مهمان-!

تير جو تِڙڪو ڪونه سُجهي ٿو، اونداهو ايوان الا،
موت منهنجو مهمان-!

پَل جي پاڇي، ڪارڻ ماڻهو، سؤ ري سڀجَ سمان الا،
موت منهنجو مهمان-!

جيون جوالا ٻڄي جرڪيو، شعلن جو شمشان الا،
موت منهنجو مهمان-!

هاءِ حياتي ڏنگ ڏکن جو، سورن جو سامان الا،
موت منهنجو مهمان-!

پريم امر آ، پريم تہ آهي ماڻهوءَ ڪان بہ مهان الا،
موت منهنجو مهمان-!
اڄموتمنهنجومهمان-!

قمر شهباز

نظم

جت رنج رڙي، جت ساھ سڙي ۽ آھ نه ڪو انسان ڪري،
ان ڌرتيءَ تي ڪو ڪيئن رهي- ان ڌرتيءَ تي ڪو ڪيئن رهي.

جت پريت نه ڪو پرياءُ هجي، ۽ گهاءَ مٿان سَوَ گهاءُ هجي،
جت راڳُ نه ڪوئي رنگ هجي، جت چنگ رڳو پيو ڏنگ سهي،
ان ڌرتيءَ تي ڪو ڪيئن رهي-؟

جت واڳونءَ جهڙا واتَ سوين، ۽ ڏائڻ بڻجي ڏاتِ لنوين،
جت ساوڻ آئي ساڻ نه ٿئي، ۽ ڏاوڻ ڏک جو ڪينَ لهي،
ان ڌرتيءَ تي ڪو ڪيئن رهي-؟

هو ڪارا ڪارا بادل ها، جي پريتم جهڙا پاڳل ها،
هو ترسيا ها ۽ برسيا ها، جيئن نينهن وچان ڪو نارُ وهي،
ان ڌرتيءَ تي ڪو ڪيئن رهي-؟

مون اوچا اوچا ڪوٽ ڏٺا، مون گهائل گهائل گهوٽ ڏٺا،
چا چا نه ڏٺو مون دنيا ۾، ڪيئن لويي نوڪيءَ سان ٿو نهي.
ان ڌرتيءَ تي ڪو ڪيئن رهي-؟
ان ڌرتيءَ تي ڪو ڪيئن رهي-؟

بيت

ليڪن لوهه لٿي، هٿن لهن هٿڪڙيون،
ماٺهوڙي جي ماسَ تي، ناهه نه ڪو نهي،
ريڊو روح رهي، شل ڪانڌ نه رهن ڪوٽ ۾!

ڪانڌَ نه رهن ڪوٽ ۾، جانب جيئندا هونِ،
نه ڪي راتيون رونِ، نه ڪي ڏکيا ڏينهڙا!

ڪانڌ نہ رهن ڪوٽ ۾، گيت نہ تين گهائل،
اُنهن لاءِ آيل، بَرَ ۾ باريم باهڙي!

بَرَ ۾ باري باهڙي، ويٺي ورهيہ تيا،
سورهيہ منهنجي سنڌ جا، ڪهڙي پار ويا،
مرڪي ماڳ پيا، سوڍن جي سنبهہ سان!

منهنجو ماڳ نہ پڇ، منزل گهڻو دور،
پريت تہ آهي پوُرُ، وطن تان واري چڙيان!

سروپچندر 'شاد'

واڪ

هرڪو ويٺو سون سهيڙي،
دل جو درد نہ ڪوئي چاڻي.

دولت- پوُنڊ تي ڪِجهہ جان هرڪو ويٺو پنڪ پکيڙي،
دل جو درد نہ ڪوئي چاڻي.

خوُد غرضي ۽ ڪوڙ جا هرڪو گيت ڪِلي پيو ڪيڙي،
دل جو درد نہ ڪوئي چاڻي.

سن- تارن ۾ تڙپن نغما، ڪوئي ڏِسي جي چيڙي،
دل جو درد نہ ڪوئي چاڻي.

گهاءُ بہ گُل گُلابي تيندا، پيار ڪين جي تيڙي،
دل جو درد نہ ڪوئي چاڻي.

لڙڪن جا ٿا موتي جَرڪن، ڪير آهي جو ميڙي،
دل جو درد نہ ڪوئي چاڻي.

اِمداد حسيني

سوچ لوچ

ڪانگَ ڪالهوڪران پٽي منهنجي اڱڻ تي ڪا ميٺي لاتِ لنئيو
ڪير ايندو؟
ڪير ايندو منهنجي گهر قربَ ڪري پيرَ پري
صبح کان هڏڪوئي به هئي، اکِ به پٽي منهنجي ڏڪي
ڪير ايندو؟
ڪير ايندو منهنجي گهر هيرَ جيان اچ گهلندو؟
جيترا نانءَ مونکي ياد هئا
واري واري سان سمورن کي اُچاريم، ليڪن
ڪنهن به نالي تي نه ڪا دل ڌڙڪي
نه وري روح جي پاتال مان ڪا لهرَ اُڀري
ها اُها لهر، جا هن سوچ جي هن لوچ جي هر شهر کي هر ڳوٺ
پاڪر ۾ پري، پاڻ سان گڏ لوڙهي وڃي
هٿڪڙيون زيريون زنجيرون سڀئي ٽوڙي وڃي!

ڪير ايندو؟
آءُ سوچن جي آڪٽ رُج سُج ۾
پير چِلٽا ڪري لوچيندو رهيس
سجُ لٿيو- چنڊ چڙهيو، جڳُ گذريو-
.... اوچتو سڏُ ٿيو- سڏُ پڙاڏو ٿي ويو
جيءُ چئي پڙڪو ڏنم، ڏس ته سهي
تنهنجو نالو ته مونکي ياد ئي ڪونه آيو سپاجها سائين!
چو ته تون مونکي ڪڏهن وسري سگهيو ئي ناهين
نيچ نيچ آئين ۽ جيءُ جيءُ آئين
مون وڏي پيرَ ڇڪهيا، تو ڪٽي پاڪر ۾ پريو
”تو جئي سنڌ چيو، مون به جئي سنڌ چيو“
ها، اهو تون هئين تون، پٽ ڏٺي!

سحر بلوچ

دل ديول

آڏيءَ آڏيءَ نڪ نڪ تي هئي
دل ديول جي در تــي سائين!

عيسيٰ جــهــڙا آبهم جــذبــا
مريمَ جهڙي مڙڪَ ٽڙي هئي
دل ديول جي در تي....

پورنماسي، پوُرَ پــرينءَ جـــا
سُرهي سُرهي هيرَ ڳُهلي هئي
دل ديول جي در تي....

ڪنهبي رَتڙي، سيتل سانجهه
هردي هردي پيــچَ پيني هئي
دل ديول جي در تي....

سارا ڳاڙهـــا ٻيرَ چٽي پيا
رُت رسيلي لاڪَ رَتـــي هئي
دل ديول جي در تي....

چنچل چوري چاجــي ڪارڻ
پل پل، ڪن ڪن دل ڏڙڪي هئي
دل ديول جي در تي....

پير بخش پياسي

مُرڪي ماڻهوءَ جو جي من،
تہ صحرا بڻجي پئي گلشن.

غوّاص هجن سُوجهي جي ڪين،
تار منجهان موتي سمنڊن.

سارنگ سانگين سائو ٿئي ٿر،
جل ٿل بادل بيهي برسن.

نينهن نظارن ۾ ٿي ظاهر،
تنهنجو دوست ٿئي دشمن.

اونده رات جو سينو چيري،
آيري سحر صبح روشن.

پيجل ڏياچ اکيان ٿي ٻولي،
چڏجي جان گهوري قدمن.

پيار سجائي ويچا وساري،
ٿئي نہ ڪنهنجو ڪو دشمن.

پن پن مکڙين ٿهڪ ٿئي،
پونئرا تن مستان آڏرن.

ٿاريءَ ٿاريءَ ٿهڪ ۽ ٽيڙ،
مکڙيون غنچا گل ڪڙن.

’پياسي‘ سر جو داءُ لڳي،
سنڌڙيءَ ساه وجهي چرنن.

سُورن سَوَ سوداءُ ڏنئي،
زخمن ڪيئي گهاءُ ڏنئي.

آڳ پري جا من ۾ پيئي،
مرڳو تنهن پيو تاءُ ڏنئي.

پورن جي دنيا ۾ پلپل،
پنهنجن ڪي پڇتاءُ ڏنئي.

سوڳند سنڌڙيءَ جي ئي خاطر،
هوشوءَ سِرَ جو داءُ ڏنئي.

باگهي ڏيئي سنڌ ڪيئن ماٺي،
دوديءَ جهڙو ياءُ ڏنئي.

نوريءَ نئڙت ناز و نياز،
سمين گيرب گاءُ ڏنئي.

جن جن تو لاءِ گيت چيا تن،
پيار ڪٿي اج ماءُ ڏنئي.

جو بہ ملي هن ڌرتيءَ تي سو،
سانئڻ ڪٿ سرچاءُ ڏنئي.

موتيو سڏ يت گنبذ تان چڙ،
پيري بند پڙلاءُ ڏنئي.

مير محمد پيرزادو

●

پٽ تي پٽي پٽ- راٽي آهي، پٽر پيءَ تيو پاٽي آهي.
گولي خوب گهمنڊ ڪري پٽي، رئنڊڙ ڏس اڄ راٽي آهي.
ڏک تہ ٽٽي ٽو، سا پٽي هوڏي، جيڪا عيبن هاٽي آهي.
ڏير نہ سسئيءَ ڪڏ بہ سڃاتا، اصلئون يارَ اياٽي آهي.
سچ تہ ساٿي ويل وهي ويا، سنڌڙي اڄ ٽي ساٽي آهي.
گوري عيوض ڪاري ڪاهيو، سچ مٿل اڄ مياٽي آهي.
پنهنجن اڇلي پاڻهين سنڌڙي، چر ۾ چاٽي واٽي آهي.
سومل مومل ساڻ وڙهي وئي، ويئي رات وهاٽي آهي.
جيڪا ٻاري، جان ڏئي تو، آگ اها بہ اجهاٽي آهي.
هرڪا سنڌ تي آئي رهي ٽي، ڪوجهي توڙي ڪاٽي آهي.
سورن چاٽي، سورن نپٽي، سورن منجهہ ساماٽي آهي.
سر ڏئي اڄ تو سنڌ مٿان سچ، امر حياتي ماٽي آهي.

منظور قريشي

دوهـا

راتيون جاڳي چنڊ ڪرين ڇو ايڏا تون پڇتاءَ،
پريت پرينءَ جي ڏنا مونکي توکان گهرا گهاءَ.

جهڙي بوءِ بهار بسنت جي تهڙا تنهنجا سواس،
امرت پي اکڙين منجهان پُني من جي پياس.
ڏيو وسائي ڏَسَ ڪٽي اندر جا اتساهہ،
چا لٽي لڪ لڪاءُ ڪرين ناهي نگيءَ جا ناهہ.
جيئن جيئن رات پڇي آهي تيئن آ تڙپيو تن،
ڪينَ سڻي تو سڏ پرين گونگو جهڙو گگن.
اکڙين ۾ آهي پرينءَ جي رنگ رتي پريات،
چپ ائين چڱ مَدَ جا پيالا وار اونداهي رات.

انـور

●

ڪوبہ شڪاري هن بن ۾ جاليندو ڪيئن،
لامون لڪڙيون ڏار پڄي پيا آيا شينهن.
آ سنڌوءَ پنهنجو ڪر موڙيو ۽ ڪچو پڌو،
اڄ ماروئڙن جي مات نہ ٿيندي وسندا مينهن.
مان توکي چا چا سمجهايو هو، سچ چيو هو،
ڪيڏي تـو ڪنٽار ڪئي ايـاڻــي جيئن.
توکي ڪهڙي ڪل تہ مارو منهنجا هن املهہ،
جن جي چاپڙ ۽ پاهو وهندو رهندو راتو ڏينهن.
سانيڪن تـي ٿـر جـا ور ۽ سينڌياڻيون اڄ،
ڳائي ڳيچ، ڳراٽيون پـائي وهـہ نباهن نينهن.
جيئن تو گوڙ ڪري هي بادل تيئن تا جهومن،
اوچا ڳاٽ پڳون ۽ اجرڪ جيئن جـو تيئن.
ســچ سدائين اڀـرو رهندو، سونهن ســدا
دل جـي ديول جرڪائيندي ســورج جيئن.

صدر الدين شيخ

وائـي

ڌرتـي منهنجي جيجل ماءُ،
وک وڏائـــي اوري آءُ.
لڙڪ لهوءَ جا اکين پايان، پوتر مٽي ماٿي لايان،
دل جي ديوي اوري آءُ.
اکيون آليون، سينو گهايل، پيرپٽون ۽ چپ آڇايل،
لڳي آه توکي ڪوسي واءُ.
سيند سنواريل رت ۾ ريٽي، پڇڙا تنهنجا ڦٽڪن ليٽي،
اُپ ۾ اُپريـو ڍڪاءُ.
ويـري تـوتـي واروار، لڇان روئان زارو زار،
هيڏا هـاڃـا توسان ماءُ.

شمشاد مرزا

وائي

مارن مچ مچايو هائي،
من من پريو زهر او سنڌڙي؛
ڇڏيون توکي ٻول.

دل ڇو ديول پانهون پاڪر،
ڦريو ساڳو شهر او سنڌڙي؛
ڇڏيون توکي ٻول.

گيت غزل تنهنجا توکي پرتا،
سڪڻي سوچ جي بحر او سنڌڙي؛
ڇڏيون توکي ٻول.

موهيو من مهراڻ اجايو،
ٽر بر ٽوڙيو سحر او سنڌڙي؛
ڇڏيون توکي ٻول.

ورڄ وڪر هو قهر خدائي،
مارُو هڻڙي قهر او سنڌڙي؛
ڇڏيون توکي ٻول.

سنڌوءَ سوا تون ڪنهنجي ناهين،
بار پيا بـه مهر او سنڌڙي؛
ڇڏيون توکي ٻول.

ماري مومل آهي پل پل،
لال لهوءَ جي نهر او سنڌڙي؛
ڇڏيون توکي ٻول.

هي جياپو آهي جيجان،
وسريا گذريا پهر او سنڌڙي؛
ڇڏيون توکي ٻول.

وقت جو آواز (تقرير)
۴- مارچ ۱۹٦۷

مضمون

شمشير الحيدري
مسعود نوراني

پڙهندڙن جا خط

تنقيد ۽ رايا

پڙهندڙن وٽان

شمشير الحيدري (تقرير)

وقت جو آواز

منهنجا دوستو، بزرگو، ساٿيو، هاريو، مزدور ۽ شاگردو.

مونکي چڱيءَ پر ڄاڻ آهي ته هن طبقاتي ڪشمڪش جي زماني ۾، سڀ طبقا يڪجا نه آهن، ۽ هر ڪنهنجي ملڻ جو ميدان الڳ الڳ آهي، تنهنڪري ڪي طبقا هتي موجود نتا ڏسجن. اڄوڪيءَ ڪچهريءَ ۾، ان ڪري، امر جليل وٽ هارين جو طبقو، مزدورن يا انگ اگهاڙن جو طبقو هلي نه آيو آهي. پر اديب جو زندگيءَ سان مجموعي واسطو آهي، سو ته اوهين سڀ ڄاڻو ٿا. اوهين سڀ ان ڳالهه کي مڃو ٿا ته ادب جو مقصد عوام سان رابطو رکڻ آهي. تنهنڪري سندس پيغام ڪنهن خاص طبقي لاءِ نه هوندو آهي. اديب رڳو عوام ڏانهن منهن ڪري لکندو آهي. جيڪڏهن ڪو خاص طبقو سنڌ جي اديب وٽ نظر ۾ رهيو به آهي ته اهو هاريءَ ۽ پورهيت جو، محنت ڪندڙ ۽ محبت ڪندڙ جو طبقو آهي. تنهن ڪانسواءِ، اسان سنڌي اديبن جي روايت هوندي به غيب تي ايمان آڻڻ واري آهي. حاضر تي اسانجو عقيدو ئي ڪونهي. سنڌي اديب پنهنجي شهر ۾، پنهنجي گهر ۾، پنهنجي ڪمري ۾ ويهي عوام جو عڪس جهٽيندو آهي، ۽ اهڙيءَ طرح عوام لاءِ لکندو آهي. ٻئي طرف، هوندي به انهن طبقن جي حياتي اسان وٽ باقي ٿوري وقت تائين رهڻي آهي. هاري زميندار ٿي ويو آهي، ۽ زميندار جاگيردار ٿيڻو آهي. جاگيردار وزير بنيو آهي، وزير صدر ٿيڻ جي توقع رکي ٿو، ۽ صدر دربدر ٿي ويا آهن. وقت جي اها وڏي اٿل اچڻي آهي، جنهن ۾ هاري ۽ مزدور، شاگرد ۽ استاد، سيني کي لڙهي نڪرڻو آهي. سيني کي عوام مان خواص جو درجو بيشڪ ملڻو آهي. البت اديب ۽ شاعر جي باري ۾ تاريخ جي پهرئين ڏينهن ڪانوني اهو فيصلو نه ٿيو آهي ته سماج ۾ سندس درجو ڪهڙو آهي. جڏهن اها صورتحال هجي، تڏهن ڪنهن ڪان جيڪڏهن ائين پڇجي ته فلاڻي اديب يا شاعر جو ادب ۾ ڪهڙو درجو آهي، ته منهنجي خيال ۾ اها هن دور جي سڀ کان وڏي نالائقي

آهي. جنهن سماج ۾ عوام نہ هجي، ۽ عوام اديب سان حاضر حال نہ هجي، ان سماج ۾ اديب ڪان وڏو بدقسمت ۽ بدبخت ٻيو ڪير ٿيندو؟

طارق اشرف پنهنجيءَ ماهوار 'سهڻي' جي هڪ صفحي تي والتيئر جو هڪ ايمان افروز ڪلمو هڻي ڇڏيو آهي، جنهن جو مقصد راءِ جي اظهار جي آزاديءَ جي ضمانت بابت آهي. مون هڪ ڀيري 'مهراڻ' جي ڪنهن پرچي ۾، ۽ وري 'نئين زندگيءَ' ۾ ائين لکيو هو تہ: جيڪڏهن انسانذات جي سموريءَ تاريخ ۾ انسان جي ڪروڙين نسلن جي ڪا فقط هڪڙي حاصلات ڳڻائڻي هجي، تہ اها ٿيندي راءِ جي اظهار جي آزادي. راءِ جي اظهار جي آزادي جي انهيءَ حاصلات پويان، انسان جي سموري تاريخي جدوجهد آهي، جنهن ۾ بيشمار گمنام انسان، انيڪ جاندار ڪردار، ۽ سوين خيالي ڪردار شامل آهن، جيڪي مجموعي طرح ذهن ۽ خيال جي آزاديءَ جا مجسما رهيا آهن. سائنس تہ ائين ٿي چوي ٿي تہ دنيا جي هر ڪا شي مادو آهي، ۽ ائين بہ چوي ٿي تہ مادو ڪڏهن بہ فنا نٿو ٿئي. مادو پنهنجو روپ مٽائي ٿو. سبق پڙهائيندي اهو مثال سيڪاريو هئائون تہ ميڻ بتي ٻري گئس ٿي وڃي ٿي. اها پل تہ نہ ڏسجي، پر ميڻ بتي جيڪا ظاهري طرح فنا ٿي ويئي، سا اسانجي ئي آسپاس، پنهنجي ٻئي روپ ۾ موجود آهي. پاڻي، مٽي، هر شي جي فنا ۽ بقا جو اهو ئي سلسلو آهي. سو، هيءَ دنيا جيڪا اڄ اسين ڏسون ٿا، سا ضرور گذريل ڪروڙين انسانن جي محنت جو، خيال ۽ تصور جو روپ ئي آهي. اديب جو ٻيو روپ، سندس تخليق آهي. هو پنهنجي جسم ڪي ڳاري ۽ پگهاري، انکي خيالن ۽ لفظن جو جيڪو قالب ڏئي ٿو، اهو ئي سندس ٻيو روپ آهي. ڪير چوندو تہ اديب يا فنڪار مري ٿو؟ هو ڪتابن جي صورت ۾، شعر ۽ افسانې جي صورت ۾، آواز ۽ آلاپ جي صورت ۾ رنگن ۽ مجسمن جي صورت ۾ هتي ئي رهڻو آهي. ڪير آهي جيڪو انهيءَ آواز کي گرفت ۾ آڻي؟ ڪير آهي جيڪو سندس اظهار جي آزاديءَ تي پهرا لڳائي؟ ڪتاب تہ ڪيترائي اڄ بہ اسانجي اديبن جا بندش هيٺ آهن. پر ڪير چوندو تہ انهنجو واس بہ دماغن مان نڪري ويندو؟ تڏهن تہ مون شروع ۾ چيو تہ اديب ۽ فنڪار جو ڪو طبقو ڪونهي. سندس درجبينديءَ جو، سندس

ادبي اهميت جو رکو اهو ئي ماپو آهي ته سندس تخليق انسانن جي ايندڙ نسلن جي ڪيترن ذهني زمانن تائين پهچڻ جي سگهه پاڻ ۾ رکي ٿي. اِتي وري به عوام ڏانهن موٽڻو پوي ٿو، ۽ سندن طبقاتي سمجهه تي پاڙڻو پوي ٿو. تنهنڪري، اديب لاءِ اها ساڃهه ضروري ٿيندي آهي ته هو جنهن عوام لاءِ لکي ٿو، تنهن جي هلي چلي، تنهن جي زبان، تنهن جي مزاج ۽ تنهن جي ذهني دائري کي خيال ۾ رکي. جڏهن ڳالهه امر جليل جي ئي ڪرڻي آهي، ته پوءِ مٿيون بيان انجي تخليق جي امرتا بابت تعارف سمجهي، مونکي پليل نه سمجهندا. مون جيڪي ڪجهه لکيو پڙهيو، منهنجي سامهون امر جليل جا ڪردار تاريخ جي ڪروڙين جاندار ۽ خيالي ڪردارن جي قطار ۾ بيٺل نظر پيئي آيا. سنڌ جي ٻي سماج نگريءَ ۾، اهڙا ئي اُڀرا ڪردار اُڀجن ٿا. گهٽائي دوست چون ٿا ته امر جي ٻولي هٺرادو، مڪالما مصنوعي ۽ ڪردار اُڇاٽل ٿين ٿا. آءٌ چوان ٿو، ته پوءِ به هو مقبول ڇو آهي؟ عوام جي پرانهن ذهني زمانن تائين پهچڻ جي سگهه انهن ۾ ڇو ٿي محسوس ٿئي؟ پڙهندڙن کي اها شناس ڇو ٿي وئي آهي جو جيڪڏهن بنا نالي به سندس تحرير سامهون اچي ته اها سندس ئي ثابت ٿئي؟ اديب يا فنڪار جو طبقو ئي الڳ آهي، سندس تخليق جي پرک جو ماپو به الڳ آهي. مونکي فقط جيڪڏهن ڪو اعتراض آهي ته اهو، ته جٽن مون اڳي بيان ڪيو آهي ته ڪو به اديب يا فنڪار ڪڏهن به نٿو مري، هو سدا حيات آهي، امر آهي — ته پوءِ جليل ئي رڳو پاڻکي امر ڇو ٿو ڪوٺائي؟

[يارهين مئي ١٩٧٤ع تي، پاڪستان ڪائونسل حيدرآباد پاران امر جليل سان ملهايل شام جي موقعي تي اِها تقرير ڪئي وئي.]

مسعود نوراڻي

(پنجين قسط)

٤- مارچ ١٩٦٧ع

يوسف تي ڪمشنر مسرور حسن خان جون اکيون ئي گهٽيون باهيون هيون. يوسف ٽالپر ڪرڪيٽ جو هڪ سٺو رانديگر هو. ١٩٦٧ع ۾ ايم- سي- سي‍ءَ جي ٽيم پاڪستان جي دوري تي آئي. حيدرآباد ۾ هڪ ميچ ڪيڊٽ جو پروگرام ناهيو ويو، پر جيڪا مقامي ٽيم چونڊي وئي، تنهن ۾ مقامي رانديگرن کي گهٽي پاڻي نظرانداز ڪري، ڪراچي ۽ لاهور وغيره جي رانديگرن کي کنيو ويو. انتي يوسف ٽالپر ڪمشنر مسرور حسن خان، جيڪو ڊويزنل ڪرڪيٽ ايسوسئيشن جو صدر به هو، تنهنجي خلاف بيان ڪڍيا ۽ مطالبو ڪيو ته ٽيم ۾ مقامي رانديگرن کي اوليت ڏني وڃي. ظاهر آهي ته يوسف ٽالپر سان مسرور کي ضد ٿي پيو. جنهنجي نتيجي ۾ هو يوسف کي ڇيهو رسائڻ جي پويان هو. ١٩٦٧ع واري تحريڪ اپري ته يوسف به ان ۾ شامل هو. مسرور ان موقعي کي هٿ مان وڃڻ نه ڏنو. نتيجي ۾ يوسف کي گرفتار ڪيو ويو. حالانڪ يوسف ٽالپر اڃان تحريڪ جي اڳواڻن جي لسٽ ۾ شامل نه ٿيو هو.

ساڳئي ڏينهن صبح جي وقت چام ساقي بخارا هوٽل ۾ پيٽ جي آڳ اجهائڻ لاءِ گهڙيو. بيرو آيو ته کيس سنگل سالنهي ۽ ڦلڪا نانَ آڻڻ جو فرمان عطا ڪيائين. ۽ ڪجهه دير ڪانپوءِ چام مانيءَ کي جنبي ويو. هنکي محسوس ٿيو ته ڪير کيس گهوري رهيو آهي. وات هلائيندي هن ڪنڌ ورائي ڏٺو ته واقعي به اڻ واقف شخص هن ڏانهن ڪينه پرور نگاهن سان تڪي رهيا هئا. اڃان هو انهن ٻنهي کي سڃاڻڻ جي ڪوشش ئي ڪري رهيو هو، ته انهن مان هڪڙو ڇٽو اٿي هوٽل مان ٻاهر نڪري ويو. چام ڪلها ڇنڊيندي وات ۾ پيل اڌ ڇپاڙيل گره کي ڇپڻ لڳو. هوٽل جي ٻاهران ڪجهه شور ٿيو. چام ڏٺو ته جيڪو اجنبي ڪجهه دير اڳ هوٽل مان اٿي ويو هو، سو هينئر ڪجهه پوليس وارن سان گڏ هوٽل جي در تي بيٺو هو. ڪجهه

ره گذر پوليس کي هوٽل وٽ بيٺل ڏسي پاڻ به تماشو ڏسڻ لاءِ بيهي رهيا هئا. چام کي شديد خطري جو احساس ٿيو. پر هاڻ ڇا ٿي ٿي سگهيو. پاڻي مٿي کان گذري چڪو هو. حالات کان لاپرواهي ظاهر ڪندي هو ماس واري هڏيءَ مان گوشت کي ڏندن سان ڇنندو ڇباڙيندو رهيو. چام هڏيءَ کي هڪ پاسي اڇل ڏني. هڏيءَ جو ڪرڻ ۽ پوليس وارن جو جهپ ڏيڻ. چام جي ميز کي گهيري ۾ ورتو ويو.

"اسين توکي گرفتار ٿا ڪريون." پوليس سان گڏ آيل صوبيدار چيس. "ڪنهنجي حڪم سان؟" چام مانيءَ مان هٿ ڇڪيندي ۽ مرڪندي چيو. "وارنٽ ڪٿي آهي؟" "اجهو وارنٽ!" صوبيدار کيس وارنٽ ڏيکاريو. وارنٽ پڙهي چام هڪ فلڪ شگاف ٽهڪ ڏنو. "هن ۾ ته چام ساقي لکيل آهي، پر منهنجو نالو ته محمد چام آهي." چام ڳل تي ڪنٽرول ڪندي چيو. "ها، ها! گهڻو بچيو آهين. اٿي اسان سان هل، هاڻ ديگهه نه ڪر." "ديگهه جو ڪهڙو سوال آهي. آءٌ ته هڪ صحيح ڳالهه ٿو ڪيان. آءٌ هتان هڪ انچ به نه سرندس، جيستائين وارنٽ ۾ محمد چام لکيل نه ڏسان." چام پڙ ڪيڏي بيٺو. ڪافي دگهي بحث ڪانپوءِ هڪڙو پوليس جو ماڻهو ويو ۽ وڃي وارنٽ ۾ نالي کي درست ڪري آيو. "هاڻ هل." چام کي وارنٽ ڏيکاريندي صوبيدار چيو. "هلو". چام جواب ڏنو.

چام جيئن ئي پوليس جي نرغي ۾ هوٽل کان ٻاهر نڪتو، ته ٻنيان رڙ ٿي، "صاحب کهاني کا بل تو ديتے جاؤ." چام پويان نهاريو ته ڏٺائين ته هوٽل جو اهو بيرو جنهن کيس ماني آڻي ڏني هئي بيٺو هو. "بل ڏيوس ڙي." چام صوبيدار کي چيو، "نه ته آءٌ نٿو هلان." نيٺ بل به صوبيدار جي کيسيءَ ۾ پيو. چام کي گرفتار ڪري ڊي. آءِ. جي آفيس ۾ آندو ويو. ٿوري دير ڪانپوءِ يوسف ٽالپر کي به ساڳئي ڪمري ۾ آندو ويو. چام، يوسف ٽالپر کي ڏسي نفرت کان پنهنجو ڪنڌ ڦيرائي ڇڏيو. هنکي شڪ هو ته يوسف ٽالپر به سي. آءِ. ڊيءَ جو ماڻهو آهي. پر جڏهن يوسف ٻڌايس ته هو خود ڪمشنر جي عتاب جو اسير آهي، ته چام ڍرو ٿيو. ڪچهري ڪندي هو هڪ ٻئي سان ڪجهه گهرا ٿيا، ته چام يوسف ٽالپر کي چيو، "يار مونوٽ ڪجهه رات وارا پمفليٽ پيل آهن. اهي ڪٿي لڪايون؟" "ڏس هيئن ڪر، پيشاب جي بهاني سان ڪاڪوس ۾ وڃي اهي پمفليٽ

آتي ڦاڙي اڇلائي اڇ." "واه جي ڳالھ ڪيئي." چام خوش ٿيندي چيو. هو اٿيو، پر افسوس هن سان گڏ بہ پوليس وارا بہ هليا ۽ ڪيس اهي پمفليٽ ڦاڙي اڇلائڻ جو موقعو ڪونہ مليو. مايوس ٿي هو وري يوسف ٽالپر وٽ موٽي آيو. نئين موقعو ڏسي جيئن ئي پوليس وارا ڪمري ڪان ٿورو پري ٿيا، چام يڪدم پمفليٽ جو ٿهو ڪڍي ماچيس جي تيلي ٻاري انهنکي باه ڏني. پر مصيبت اها ٿي جو پمفليٽ جهجها هئا، انهن سيني کي باه لڳي تہ آفيس ۾ وڏو مچ ٿي ويو. اها ويڌن ڏسي چام چڪرائجي ويو. پوليس وارا ڊوڙندا آيا. چام يڪدم پنهنجن بوٽن سان باه وسائڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو. مٿان پوليس وارا اچي پهتا، "چا ٿيو؟ ڪيئن باه لڳي؟" هنن حيرت مان پڇيو. "ڪجھ ڪونهي. مون پل ۾ سگريٽ جو ٽوٽو اڇلايو، تہ وڃي پٽ تي پيل پنن تي ڪريو. اسانکي ڳالهين ۾ خبر ئي ڪونہ پئي ۽ باه لڳي وئي." چام پيشانيءَ تان پگهر جا ڦڙا اگهندي ڳالھ ٺاهي. پوليس وارا اڌ سڙيل پمفليٽن جي ڍير تي شڪي نگاهن سان ڏسي بي يقينيءَ جي انداز ۾ ڪنڌ لوڏيندا رهجي ويا.

چام جو واسطو نعپ وارن سان هو. پهريائين نعپ وارن چوٿين مارچ واري واقعي جي مخالفت ڪئي هئي، نتيجي ۾ چام، حسن عليءَ کي ڪامورا شاهيءَ جو ايجنٽ سڏيندو رهيو. هن يوسف لغاريءَ سان حسن عليءَ جي خلاف تحريڪ هلائڻ جون ڳالهيون بہ ڪيون هيون. خود مونسان بہ هن ان زماني ۾ جيڪا گفتگو ڪئي هئي، تنهنجو اختصار ■ي آهي تہ: هن اسانجو ساٿ ڪونہ ڏنو. الٽو پنهنجن بيانن ۽ حرڪتن سان مخالف ڌر جا هٿ مضبوط ڪيا. مون بہ چام کي ڪافي سمجهايو هو، پر بقول حفيظ قريشيءَ جي: سڄي خرابي ڪئپسولن جي هئي.' پوءِ جڏهن نعپ جي مقامي رهنمائن باقر شاه، ڊاڪٽر اعزاز نظير، پروفيسر جمال، محمود الحق عثماني وارن ڏنو تہ چوٿين مارچ واري تحريڪ عوامي رنگ ۾ رنگجي چڪي آهي، تہ ان تحريڪ کي پنهنجي جماعت جي مفاد لاءِ استعمال ڪرڻ لاءِ چام، نديم، عنايت ڪشميري، هدايت ۽ مير ٿيٻي کي موڪليو، تہ شاگردن ۾ گهڙي وڃن ۽ تحرڪ کي سندن ڪوڙن، فضول ۽ مڪروه نظرين ۽ اصولن تي نهڪي ايندڙ رخ ڏانهن موڙي ڇڏين. انهيءَ ڳالھ جا ڪيئين ٺوس ثبوت مليا آهن، تہ اهو پمفليٽ جنهنجي

سبب ڪمشنر هارايل بازي ڪٿي ويو. ۽ جنهنجي ڪري باقي رهيل شاگرد اڳواڻن ۽ ڪارڪن جون گرفتاريون ٿيون ۽ تحريڪ کي ڪاپاري ڌڪ لڳو، اهو پمفليٽ چام وارن لکيو هو. منهنجي نظر ۾ ڏوهه اهو نه آهي ته اهو پمفليٽ جنهن ۾ ايوب خان، موسيٰ خان، حڪومت ۽ ون يونٽ جي خلاف مواد هو، ڇپيو ويو. پر ڏوهه اهو آهي ته اهو پمفليٽ بجاءِ نعپ جي پليٽفارم تان ڇپجڻ جي، شاگردن جي پليٽفارم تان ڇپيو شاگردن کي بي خبريءَ ۾ مارايو ويو. حقيقت ۾ نعپ کي شاگردن جي ڪلهي تي بندوق رکي نه هلائڻ کپندي هئي، جڏهن ته هو شاگردن جي ان تحريڪ سان متفق به نه هئا. بهرحال اهوئي پمفليٽ چام جي گرفتاري جو سبب بڻيو.

قصو مختصر ته ساڳي ڏينهن، يعني ٧- مارچ تي يوسف لغاريءَ وٽ هڪ جيلر آيو ۽ ڪيس اطلاع ڏنو، ته ڪجهه وڪيل هن سان ملڻ آيا آهن. بين شاگردن پهريائين يوسف کي وچڻ کان روڪيو، پر جڏهن يوسف وڪيلن جي باري ۾ ٻڌاين ته ماٺ ٿي ويا. يوسف سپرنٽينڊنٽ جي آفيس ۾ پهتو. پر اتي بجاءِ وڪيلن جي، ايس پي محمد اعظم ۽ سٽي پوليس جو ايس ايڇ او جوڻيجو ويٺا هئا. انهن ڪيس جيل ۾ ئي ڊفينس آف پاڪستان رولز ۾ گرفتار ڪيو. يوسف لغاريءَ کي جيل کان ٻاهر ڪڍيو ويو. جيل جي ٻاهران هڪ پوليس وين بيٺي هئي، يوسف لغاريءَ کي وين ڏانهن آندو ويو. وين جو دروازو کليو، ته يوسف لغاريءَ جون واڇون ٽڙي ويون، اندر يوسف ٽالپر، منور ميمڻ ۽ چام ساڻي هڪ ئي سيٽ تي هڪ ٻئي جي پر ۾ ويٺا هئا. ”اڙي اوهانکي ته الله موڪليو آهي.“ يوسف لغاري خوشيءَ مان رڙ ڪئي. هو ٽپ ڏيئي وين ۾ چڙهي ويو. هڪ ئي جابر جي ظلم جا ستايل مظلوم دوست پاڻ ۾ مليا، ته چنبڙي ويا.

يوسف وارن کي نارا جيل آندو ويو. صلاح الدين بلوچ جيلر هنن جي لاءِ فرشتو ثابت ٿيو. هن يوسف لغاريءَ وارن کي پنهنجي وٽ مطابق سهولت ڏني. رات جو يوسف لغاريءَ پنهنجن ساٿي نواز علي پٺاڻ جو ذڪر ڪيو، هن چيو ته، ”منهنجو ۽ نواز جو پاڻ ۾ معاهدو ٿيل هو ته ٻئي جيل کان اندر يا ٻاهر گڏ هونداسون. پر صد افسوس هو غداري ڪري ويو.“ اچا يوسف پنهنجي گفتگو ختم ئي ڪون ڪئي هئي، ته جيل جي گيٽ کلڻ جو چرڙاٽ ٿيو.

ڪنهن ماڻهوءَ جي ڳائڻ جو آواز سيني جي ڪنن تي پيو. اهو آواز سندن بيرڪ جي ويجهو پوندو ويو. پڻ منٽن ڪانپوءِ بيرڪ جو دروازو کليو، ۽ ڳائيندڙ شخص اندر داخل ٿيو. "ڪٿي آهي يوسف لغاري؟" ڳائڻ صدا هڻي. سيئي دوست نئين آيل مهمان جي آڌر ڀاءُ لاءِ اٿي بيٺا. اهو نئون مهمان نوازعلي پٽو هو. "عاليجاه، آءٌ پنهنجي واعدي مطابق اوهانجي بارگاه ۾ حاضر ٿي ويو آهيان." نواز، يوسف لغاريءَ جي اڳيان نمندي چيو. يوسف لغاري اٿي وڏي هنکي پنهنجي سيني سان لڳائي ڇڏيو.

نواز علي پٽو هڪ نهايت خوش مزاج ۽ زنده دل انسان آهي. هو ڏاڍيون مزيدار ۽ کلائيندڙ ڳالهيون ڪندو هو. نواز ٻڌايو ته ڪيس صبح جو ئي گرفتار ڪيو ويو هو، پر ڪيس صوبيدار چيو ته ڪيس هلي مسعود نوراني ۽ سليم سنجراڻيءَ جا گهر ڏيکاري. نواز علي هاڪار ڪئي ۽ پوءِ هو پوليس کي سڄو ڏينهن رُلائيندو رهيو. ڪڏهن هڪڙي پاڙي ۾ ته ڪڏهن ٻئي ۾. ڪڏهن هڪڙي گهٽيءَ ۾ ته ڪڏهن ٻيءَ ۾. لطيف آباد جا ڪئين يونٽ، پڪو قلعو، تلاءُ نمبر ٣ وارو علائقو گهمائڻ ڪانپوءِ نواز علي پوليس کي مارڪيٽ ۽ هيرآباد جا چڪر هڻائيندي پٺاڻ ڪالونيءَ ڏانهن ٿي وريو، ته پوليس جي صوبيدار تنگ ٿي بان ڪئي ۽ چيو، "بس، هاڻ مون ۾ وڌيڪ سگهه ڪانهي جو اچا به مسعود نورانيءَ ۽ سليم سنجراڻيءَ جي تلاش ڪيان." تنهن تي نواز علي ذهن تي زور ڏيندي چيو، "قبلا، بس هاڻ مونکي ياد اچي ويو آهي، ته مسعود نوراني پٺاڻ ڪالونيءَ ۾ تازو اچي رهيو آهي." پر صوبيدار سندس چار ۾ نه ڦاٿو. چيائين: پلي اتي رهندو هجي. منهنجي گيسي آهي. پوءِ شايد صوبيدار نوازعليءَ کي نارا جيل ڇڏي پاڻ ڪنهن ڇمپي ڪرڻ واري جي تلاش ۾ نڪري ويو هوندو. نواز علي ٻڌايو ته هن سايو ڪري صوبيدار کي رُلايو ۽ اڪثر ڪري متعصبي مهاجر شاگرد اڳواڻن جا گهر ڏيکاريا. صوبيدار هڪڙي پاسي خفي ٿيو، ته مهاجر شاگرد اڳواڻ ٻئي پاسي ڊنا ۽ سندن مائٽن ۾ خوف ۽ هراس پکڙجي ويو.

ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ يوسف وارن کي وري سينٽرل جيل حيدرآباد ڏانهن منتقل ڪيو ويو. جيل ۾ سندن وقت ڪيئن گذريو، اها به هڪ دلچسپ ڪهاڻي آهي. پر انجو ذڪر پوءِ ڪبو،

ڀڄرائين سڪندر عباسيءَ جي خبر لهندا هلون.

سڪندر عباسي حال احوال وٺڻ لاءِ يوسف ٽالپر جي گهر پهتو، ته کيس معلوم ٿيو ته يوسف سندس اچڻ کان اڳ ڪلاڪ اڳم گرفتار ٿي چڪو آهي. سڪندر جا ڪن کڙا ٿيا. هو پنهنجي آفيس ڏانهن ڀڳو. هن سوچيو ته جيترو جلد ٿي سگهي آفيس مان موڪل وٺي ڪجهه ڏينهن لاءِ زمين دوز ٿي وڃجي. هونءَ به سڪندر عباسي پوليس جي نرغي مان نڪري وڃڻ ۽ زمين دوز ٿيڻ جي فن ۾ تاڪ آهي. اهو هن اڳتي هلي ثابت ڪيو. هو آفيس جي هڪڙي دروازي مان داخل ٿيو ته سندس نظر سامهون ٻئي دروازي تي پئي جتان پوليس داخل ٿي رهي هئي. سڪندر تيزيءَ سان پوئتي موڙيو، پر وري ترت ئي اندر ڏانهن ورڻو پيس، ڇو جو ان پاسي کان به پوليس جي وين اچي بيٺي هئي ۽ ان مان پوليس لهي رهي هئي. سڪندر لاءِ ٻيو ڪو چارو ڪونه رهيو. سندس ذهن ڦڙتيءَ سان ڪم ڪرڻ لڳو. پوليس ٻنهي دروازن مان داخل ٿيڻ لڳي، سڪندر جي خوشقسمتيءَ سان ڪنهن به کيس ڪونه سڃاتو. سڪندر ان موقعي کي غنيمت سمجهي نوڪرن جي ڪوارٽرن ڏانهن تڪڙو کسڪڻ لڳو. ڏٺو ان ڪري ڪونه ته متان پوليس کي شڪ پئجي وڃي. سڪندر نوڪرن جي ڪوارٽرن مان نڪرندي هليو ويو.

بلڪل ساڳي وقت تي پوليس کي هوش آيو. هو نوڪرن جي ڪوارٽرن ڏانهن ڀڳا. "ماريو"، "پڪڙيو" جا نعرا بلند ٿيا. سپاهين وڳهون پر پوليس کي سڪندر جي دزَ به ڪانه ملي. هو ڀڄرائين ڪراچي ويو، پوءِ ڪنهن دوست جي صلاح تي ڪوئيٽا هليو ويو. ڪوئيٽا ۾ هڪ دوست کيس ان وقت جي گورنر موسيٰ خان جي ڀاءُ عيسيٰ خان ڏانهن وٺي ويو. سڪندر، عيسيٰ خان سان وڃي مليو ۽ هنکي سربستو حال احوال ڏيڻ کانپوءِ چيائينس ته: جيئن ته مسرور حسن خان شاگردن سان زيادتيون ڪيون آهن، تنهنڪري هو موسيٰ خان کي سمجهائي ته مسرور حسن خان کي ڪا سٺي سبڪت ڏي. ۽ ساڳي وقت شاگردن جي آزاديءَ جو حڪم ڏي. عيسيٰ خان سڪندر کي خاطري ڏني ۽ چيو ته: هو ٻئي ڏينهن تي اچي. ان وچ ۾ هو پنهنجي ڀاءُ موسيٰ خان سان ان سلسلي ۾ فون تي ڳالهائيندو. سڪندر ڏاڍو سرهو ٿيو ۽ اتان سپاهين وڃائيندو هليو

آيو - ٻئي ڏينهن جڏهن هو وڏيون اميدون ۽ آسون کڻي عيسيٰ خان وٽ پهتو، ته عيسيٰ خان هڪ ڪنڌ ۾ وٺي ويو ۽ سُس قُس ڪرڻ واري انداز ۾ چيائين ته: "ديکھو بھئی، جو ايوب خان بولتا، وہی موسیٰ خان بولتا ہے، جو موسیٰ خان بولتا وہی مسرور حسن خان بولتا، جو مسرور حسن خان بولتا، وہی ہم بولتا ہے - تم بھی وہی بولو جو ہم بولتا ہے"- سڪندر حيدرآباد موٽي آيو، پر اڃان به زير زمين هو.

آءٌ ستين مارچ جي صبح جو باقي رهيل ڪونڊرن سان مليو ۽ تحريڪ کي اڳتي وڌائڻ لاءِ حالات پٽاندڙ ڪو پروگرام ٺاهڻ لاءِ يونيورسٽي ڏانهن پي آيس، ته علي اڪبر بروهي واٽ تي مليو. هن مونکي گرفتارين جي باري ۾ تفصيل سان معلومات ڏني ۽ ٻڌايو ته يونيورسٽيءَ ۾ هاڻ رکو پوليس بيٺي آهي ۽ اوڏانهن وڃڻ خطري کان خالي ڪونهي. هن ٻڌايو ته منهنجي، مجيب ۽ ڪجھ ٻين شاگردن لاءِ وارنٽ نڪتل آهن. هنڪان وڌيڪ معلوم ٿيو ته مجيب ۽ رفيق صفيءَ وارا قبل از گرفتاري ضمانت ڪٽائڻ لاءِ سيشن ڪورٽ ڏانهن ويل آهن. آءٌ به سيشن ڪورٽ ڏانهن ويس، جتي مجيب ۽ رفيق صفي مليا. مرحوم محمد ميمڻ جي پڇا ڪئيسون ته ٻڌايو ويو ته هو اڳيئي شاگردن جي ڪيس ۾ سخت مصروف آهي. ان وچ ۾ اسان ڏٺو ته ڪجھ مشڪوڪ قسم جا ماڻهو جيڪي اسانکي سي- آءِ- ڊي جا پي لڳا، ڪورٽ ۾ گهڙي آيا. هنن اسانکي پنهنجي نظر ۾ رکيو. اسانجي هڪ هڪ حرڪت تي هنن جي نگاهه هئي. پر بهرحال اسانکي پڪ هئي ته ڪورٽ ۾ گرفتار ڪونه ٿينداسون، جو اسانکي خبر هئي ته ڪورٽ ۾ ڪنهن به ڏوهاريءَ کي پوليس گرفتار نٿي ڪري سگهي. اڃان اسين ٽيئي پاڻ ۾ صلاح مشورو ڪري رهيا هئاسون ته ڇا ڪجي، ته امان الله عباسي وڪيل ڪورٽ ۾ داخل ٿيو. هن اسانکي سڃاتو ۽ اسانوٽ آيو. هن ٻڌايو ته اسان تي ڊفينس آف پاڪستان رولز ۾ وارنٽ نڪتل آهن، تنهنڪري سيشن مان ضمانت جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. سون مجيب سان صلاح ڪئي ته پنهنجو پاڻکي گرفتاريءَ لاءِ پيش ڪجي يا نڪري هلجي ۽ ڪجھ ڏينهن زمين دوز ٿي وڃجي. نيٺ پوئين ڳالھ تي متفق ٿياسون. ڇو جو اسان سوچيو ته جيل کان ٻاهر رهي ڪجھ نه ڪجھ ڪري

سگهبو. اسانجي جيل وچڻ ڪانپوءِ ڪير هو جو تحريڪ کي سنڀالي سگهي؟ زمين دوز ٿيڻ جو فيصلو ڪري اسان ٽڙي پکڙي وڃڻ لاءِ اٿياسين. سي- آءِ- ڊي وارن شايد اسانجي ارادن کي تاڙي ورتو. ڪجهه سي- آءِ- ڊيءَ وارا جيڪي سادن ڪپڙن ۾ هئا. ڪورٽ کان ٻاهر هليا ويا. شايد پوليس جو بندوبست ڪرڻ ويا هئا. هڪ سي- آءِ- ڊي وارو وري به ڪورٽ ۾ موجود هو. ڪورٽ مان نڪرڻ جا ٣ رستا هئا. اسان وڏي دروازي کي ڇڏي، پاسن وارن دروازن کي منتخب ڪيو. رفيق صفي هڪڙي دروازي کان گوهي ڏني، آءٌ ۽ مجيب ٻئي دروازي مان نڪري وياسين. سي- آءِ- ڊي وارو مُنجهي پيو. ڪنهنجي پويان وڃي! نيٺ هن رفيق صفيءَ کي درگذر ڪري اسانجو پيڇو ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. ايتري دير ۾ اسين ڪورٽ جي ٻاهرين احاطي جي ننڍي ديوار تائين پهچي وياسين. ڪجهه شاگرد اسانکي سهڪندو ڏسي اسانڏانهن وڌيا. مون انهنکي پري کان رڙ ڪري چيو: سي- آءِ- ڊي وارن جي خبر لهو. اها ڳالهه ٻڌي سي- آءِ- ڊي واري کي اڳتي وڌڻ جي همت ڪانه ٿي. مجيب ۽ آءٌ ٻرانگ ورائي، ننڍڙي پٽ کي ٽپي وياسين. آءٌ ٻامبي ٻيڪري واري پاسي ڏانهن وڌيس ته مجيب ٽڏي سڙڪ ڏانهن ڊڪيو. مون پنهنجي پويان ڪئين ڊڪندڙ قدمن جو آواز ٻڌو، مڙي ڏٺم ته قربان پنوهر ۽ اشفاق ميمڻ هئا. انهن ٻنهي منهنجو سٿو سات ڏنو. ڪوٽڙي اسٽيشن تائين مونسان گڏ آيا. اشفاق وڃي ڪراچيءَ جي ٽڪيٽ وٺي آيو. ڇو جو مون ڪراچي وڃڻ جو فيصلو ڪيو هو. مجيب ڪورٽ جي پٽ ٽپڻ مهل مونکي چيو هو ته: آءٌ هن سان ڪراچيءَ ۾ سندس بنگلي تي ملان، جتي آئنده لاءِ سٽاءُ رٿي وينديٍ. گاڏي آئي ته آءٌ هڪ ٿرڊ ڪلاس جي ڊبي ۾ گهڙي ويس. قربان پنهور وارا منهنجي لاءِ هڪ ڪنڊ ۾ سيٽ حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. آءٌ اتي ويهي رهيس. مون پنهنجي عينڪ لاهي ڇڏي. ڇو جو مونکي خبر هئي ته عينڪ لاهڻ سان منهنجو حليو ٿي بدلجي ويندو آهي. هونءَ به اڃان سي- آءِ- ڊي وارا اسانجي شڪلين کان واقف ڪونه هئا، جو اسان اڃان تازو سياست ۾ پير پاتو هو. اشفاق ۽ قربان وارا گاڏي هلڻ تائين مونسان گڏ هئا. گاڏيءَ وسل هڻئي ته موڪلائي لهي ويا.

ڪراچي پهچي، جڪو پهريون ڪم ڪيم اهو مجيب

پيرزادي جي بنگلي جي تلاش. مونوٽ سندس ايڊريس ضرور هئي، پر بنگلي ڳولڻ ۾ ڏاڍي دقت ٿي. نيٺ بنگلو مليو، پر مجيب نه مليو. هڪ نوڪر نڪري آيو، مون هنڪان مجيب جي باري ۾ پڇيو، پر هو ڪو صحيح ڏس نه ڏيئي سگهيو. البت چيائين ته: سندس وڏو ڀاءُ حفيظ پيرزادو ۽ عبدالستار پيرزادو موجود آهن. مون انهن سان ملڻ جي خواهش ظاهر ڪئي. هو مونکي بنگلي ۾ اندر وٺي ويو. مونکي ورانڊي ۾ ويهاري پاڻ حفيظ پيرزادي کي منهنجي اچڻ جو اطلاع ڏيڻ هلڻ ويو. مون هنکي چِٽڪيءَ تي پنهنجو نالو وغيره لکي ڏنو هو. اٽڪل اڌ ڪلاڪ ڪانپوءِ حفيظ پيرزادو ٻاهر نڪري آيو. بنا ڪنهن عليڪ سليڪ جي چيائين، ”اوهان مسعود نوراني آهيو؟ ڇو آيا آهيو!“ ”آءٌ مجيب سان ملڻ آيو آهيان.“ ”ڇو؟“ ”انڪري جو هن مونسان هتي ملڻ جو واعدو ڪيو هو.“ هڪ ڀڳهي ’هون‘ ڪري حفيظ بنگلي جي لان ۾ لهي ويو. ڪجهه دير اتي پسار ڪندو رهيو. وري موٽي مٿي ورانڊي ۾ چڙهي آيو. ”سچوئيشن ڏاڍي خراب آهي. اوهان تي ۽ مجيب تي وارنٽ آهن. ڪجهه ڏينهن لاءِ خاموش ٿي وڃو، نه ته ڏاڍا خراب نتيجا نڪرندا. ايوب خان ۽ موسيٰ خان ٻئي اوهانجي خلاف آهن. اڃا وڌيڪ گرفتاريون ٿينديون. ڊفينس آف پاڪستان رولز هنيا اٿن، احتياط کان ڪم وٺڻ جي ضرورت آهي.“ پيرزادي صاحب ورانڊي ۾ به پسار جاري رکندي چيو. ”سڀ ٺيڪ آهي، پر مجيب ڪٿي آهي؟“ مون ڳالهه کي ٽاريندي چيو، ”مجيب ڪونهي، مجيب هتي آيو ئي ڪونهي. تو کي جيڪڏهن خبر هجي ته پاڻ اسانکي ٻڌاءِ!“ هن الٽو مونکان سوال ڪيو. آءٌ خاموش رهيس. ”مون محمد ميمڻ کان فون تي حال احوال ورتو آهي. هو شاگردن جي ضمانت لاءِ ڪوشش ڪري پيو. جيڪڏهن سيشن ضمانت جي درخواست رد ڪئي ته اسين هتي هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست ڏينداسين.“ حفيظ پيرزادي ٻڌايو، ”بهرحال ڪجهه ٽڏا ٿيو، حالات خراب آهن.“ هن صلاح ڏني. آءٌ هنڪان موڪلائي هليو آيس. بنگلي جي گيٽ تي اهو ساڳيو نوڪر بيٺو هو، جنهن اندر بنگلي ۾ منهنجي رهنمائي ڪئي. ”استاد، ڳالهه ٻڌ، سچ ٻڌاءِ ته، مجيب هتي آيو هو يا نه؟“ هڪ گهڙيءَ لاءِ هو مونڏانهن همدرديءَ ۾ ٻڏل نگاهن سان ڏسندو رهيو، وري هيڏانهن هوڏانهن نهاري آهستي چيائين،

”ها سائين مجيب آيو هو، وڏي صاحب کيس ٻاهر نڪرڻ کان منع ڪئي آهي. ڪنهنڪي ٻه مجيب سان ملڻ نٿو ڏنو وڃي.“ ”اطلاع ڏيڻ جي مهرباني.“ مون هنجي پٺي ٿپڙيندي چيو، ”مجيب سان ملين ته منهنجا سلام ڏجينس.“ آءٌ اتان مايوس موٽي آيس. مجيب سرڪار جي جيل کان ٻچي مائٽن جي قيد خاني ۾ قابو ٿي چڪو هو.

آءٌ اين اي ڊي ڪاليج جي ميٺارام هاسٽل پهتس، جتي عاشق ميمڻ (هينئر انجنيئر) وٽ ڪجهه وقت گذاريم. اتي ئي رفيق صفيءَ سان ملاقات ٿي. هو ٻه روپوش ٿيڻ جي خيال کان ڪراچي آيو هو، پر پوءِ کيس جڏهن خبر پئي ته سندس خلاف وارنٽ ڪونهي، ته پنهنجي اباڻي گهر سکر هليو ويو. شام جو مون ٻه عاشق ميمڻ جو ڪمرو ڇڏي ڏنو. مون محسوس ڪيو ته سي آءِ ڊيءَ کي ڪجهه پڙڪ پئجي وئي آهي. مون ڪجهه مشڪوڪ ماڻهن کي هاسٽل جي ٻاهران ڦرندو ڏٺو هو. اتان نڪري ڏاڍو پريشان ٿيس. ڪو آستانو ۽ ٺڪاڻو ڪونه هو، جتي پناه وٺان. کيسي ۾ ايترو پيسو ڪونه هو، جو ڪنهن هوٽل ۾ گذارو ڪري سگهجي. نيٺ بندر روڊ جي هڪ فٽ پاٿ تي انهيءَ فڪر ۾ غلطان بيٺو هوس، ته منهنجي پر مان لنگهندڙ هڪڙي شخص ڪنهن ٽيڪسيءَ کي هٿ ڏنو، پر ٽيڪسي نه بيٺي. هن خارن ۾ ٽيڪسيءَ واري کي ٻه ٽي گاريون سنڌيءَ ۾ وهائي ڪڍيون. مون ڇرڪ ڀري هن ڏانهن نهاريو. مونکي سندس شڪل ڪجهه سڃاتل لڳي. ساڳئي گهڙيءَ هن ٻه مون ڏانهن ڏٺو. هو مونڏانهن وڌي آيو ۽ چيائين، ”ادا، اوهانکي مون شايد اڳ ۾ حيدرآباد ۾ ڪٿي ڏٺو آهي! منهنجو نالو انور علي شاه آهي، مون هن سال ڪيمسٽريءَ ۾ ايم.ايس سي ڪئي آهي، هتي سائيٽ ۾ نوڪري ڪندو آهيان. اوهان ٻڌائي سگهندؤ ته ڄامشوري واري واقعي جو ڇا ٿيو؟ سنڌي شاگرد ته خيريت سان آهن نه؟ مون ٻڌو آهي ته ڪجهه شاگرد شهيد ٿي ويا آهن! ڇا اهو سچ آهي؟“ هو هڪ ئي وقت ۾ ڪئين سوال ڪري ويو. مون هن سان جڏهن پنهنجو تعارف ڪرايو ته هو مونکي ڇهتي پيو، ”منهنجي گهر هل، اتي هلي رهه.“ هنجي درخواست ۾ قرب جو سمنڊ ڇوليون هڻي رهيو هو. انڌي کي ڇا گهرجي ٻه اکيون. مونکي نه فقط اجهو ٽي مليو، پر هڪ سڄڻ ٻه ملي ويو هو. انور شاه مونکي پنهنجي فليٽ تي وٺي آيو، جتي ٻين

دوستن سان ملاقات ٿي. انهن مان هڪڙي جو نالو غلام محمد ميمڻ
(ايم ايس سي) هالا وارو ياد پوي ٿو، پين جا نالا وسري ويا اٿم. اتي
آءُ تيرهن ڏينهن رهيو پيو هوس. صبح جو بس تي چڙهي شهر ويندو
هوس. انهن تيرهن ڏينهن ۾ ڪراچيءَ جو ڪهڙو ڪاليج هو جتي
آءُ نه ويو هوندس. هر ڪنهن يونين جي نمائندن سان مليس. هنن کي
مسرور حسن خان جي ظلمن جا داستان ٻڌايم ۽ سنڌ جي شاگردن
جي لاءِ مدد طلب ڪيم. پر ڏٺم ته هنن مسرور حسن خان جي نالي
ٻڌڻ سان ئي منهن چپا تي ڪيا. هنن اهو بهانو ڪيو، ته ڪراچيءَ
جا شاگرد خود انتشار جو شڪار آهن. پر مون محسوس ڪيو ته
سنڌي شاگردن جي حمايت نه ڪرڻ جو سبب سندن داخلي انتشار
نه، پر اهو اندروني تعصب، ڪينو ۽ ساز هو، جيڪو هو هندستان مان
پاڻ سان گڏ کڻي آيا هئا. جڏهن ڪراچيءَ جا ٻارنهن شاگرد شهربدر
ڪيا ويا هئا، ته حيدرآباد جي شاگردن وڏي ڪشاده دليءَ سان هنن
کي پنهنجي سيني سان لڳايو هو، سندن مدد ڪئي هئي، سندن مطالبن
جي حمايت ۾ اسٽرائيڪ ڪئي هئي ۽ جلوس ڪڍيا هئا. پر هي
ڪراچيءَ جا شاگرد نام نهاد انقلابي، ڪوڙا ڪميونسٽ، ڪوڙا
مسلمان، ڪوڙا پاڪستاني هيڏي ساري وهلور ۽ خوني واقعي تي
خاموش هئا ۽ مختلف بهانا بنائي مونکي ٽارڻ جي ڪوشش ڪري
رهيا هئا. نيٺ تيرهن ڏينهن جي مسلسل ناڪاميءَ سبب جڏهن مون
ڏٺو ته ڪراچيءَ جي شاگردن مان ڪو ڪڻ تيل ڪونه ٿو نڪري،
ته منهنجي دل کٽي ٿي پئي. ٻئي پاسي منهنجو ڪيسو به آهستي آهستي
خالي ٿيندو ٿي ويو. رڳو حيدرآباد موٽڻ جو ڀاڙو بچيو هو. پنهنجن
محسنن کان امداد وٺڻ گوارا نه ڪيم، جو انهن اڳ ۾ ئي مونتي
ڪافي احسان ڪيا هئا. پاڻ وٽ پناه ڏيئي خود گرفتاريءَ جو خطرو
مٿي تي کنيائون. پيو ته مون وٽ پائڻ لاءِ ڪپڙن جو فقط اهو جوڙو
هو جيڪو تن تي هو. تيرهن ڏينهن مسلسل سا ڳيا ڪپڙا پائڻ ڪري
جيڪا ڪپڙن جي حالت ٿي، سا مونکي ئي خبر آهي. پوءِ الاهي
ڪتان اچي خارش جي بيماري لڳي، جنهن رهيل سهيل ڪثر پوري
ڪري ڇڏي. مٿين مڙنئي سببن جي ڪري آءُ دل تي ڪجهه رهڻن
جا اٿمتجندڙ نشان کڻي حيدرآباد ڏانهن وريس. ڪراچيءَ ۾ سعيد
راشديءَ سان ملاقاتون به ٿيون، پر ڪو به عملي پروگرام نه ٺهي سگهيو.

حيدرآباد ۾ ڪنهن طريقي سان اشفاق ميمڻ ۽ قربان پنوهر سان رابطو قائم ڪيم، اهڙيءَ ريت پڻ شاگردن سان به ملُيس. هنن کي مون ڪنهن حد تائين وري منظم ڪيو. اهڙيءَ ريت جو گهٽ ۾ گهٽ سندن ڪجهه اخباري بيان شايع ٿيڻ لڳا. مون به پنهنجي نالي تي ڪجهه بيان ڪڍيا ۽ شاگردن جي آزادي وغيره جو مطالبو ڪيو. ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ شهر ۾ ٻاهر به نڪرڻ لڳس. پر ڪابه وٺ پڪڙ ڪانه ٿي. مونکي پڪ ٿيڻ لڳي ته سي- آءِ- ڊي وارا مونکي نالي مان ته سڃاڻين ٿا، پر شڪل مان ڪونه ٿا سڃاڻين. آءٌ بنا ڪنهن ڊپ ڊاءَ جي شهر جي گهٽين ۽ رستن جا چڪر هڻڻ لڳس ۽ هڪ دفعو وري شاگردن جو منتشر ٿيل شيرازو گڏ ڪرڻ ۾ مشغول ٿي ويس.

ان قصي کي اتي ڇڏي، آءٌ انهن وڪيلن جو ذڪر ڪيان ٿو جن قانوني محاذ تي پنهنجي جان جو کي ۾ وجهي شاگردن جي مدد ڪئي ۽ پاڻ ملهايو. حقيقت ۾ اهي وڪيل به ٤- مارچ جي سورمن ۾ شامل ٿين ٿا. ڇو جو شاگرد گهٽائي ۾ هئا ۽ انهنکي هڪ ٻئي جو سهارو ۽ آٿت هئي، پر انهن چند آڱرين تي ڳڻڻ جيترن وڪيلن کي ايوب شاهيءَ جي عروج جي زماني ۾ ڪنهنجو آسرو هو! ان لحاظ کان انهن وڪيلن جي همت ۽ استقلال ۽ قربانين کي وسارڻ هڪ عظيم گناه ٿيندو. هنن واقعي ٤- مارچ ۾ هڪ تاريخي ڪردار ادا ڪيو هو.

٥- مارچ ١٩٦٧ع جي صبح جو مرحوم محمد ميمڻ وڪيل (شل هنتي هميشه رحمت وسي) حيدرآباد بار روم ۾ گهڙي آيو. سندس مُنهون پڪوڙيل هيون. هنجي ڇڙهيل ساه ۽ اکين جي ڳاڙهاڻ سان ظاهر هو ته هو تمام غصي ۽ جوش جي حالت ۾ آهي. پر بار روم ۾ ويٺل ٻيا وڪيل سندس حالت کان بي خبر حسب معمول ڪچهريءَ ۾ مشغول هئا. محمد ميمڻ بار روم جي وچ ۾ اچي بيٺو.

"اسانجي ٻچن کي ماريو اٿن." هن پوري قوت سان دانهن ڪندي چيو. بار روم ۾ خاموشي ڇانئجي وئي. ڪنيل ڪوپ وچي ساسرن سان لڳا. سيني جو ڌيان محمد ميمڻ مرحوم ڏانهن ڇڪجي ويو. "اسانجي ٻچن کي ڪٽيو اٿن." محمد ميمڻ وري ورجايو. هن دفعي

سندس آواز ۾ ڪجهه وڌيڪ تڙپ هئي. هو پويان مڙيو ۽ آسمان ڏانهن ٻئي ٻانهون مٿي ڪندي دردناڪ آواز ۾ ٽيون دفعو چيائين، ”اسانجي ٻچن کي ماريو اٿن.“ ائين چئي هو ٻئي هٿ مُنهن تي رکي اوڇنگارون ڏيئي روئڻ لڳو. سندس سڏڪا بار روم جي فضا ۾ پکڙجي ويا. وڪيل ڪيس وڪوڙي ويا. ”ڇا ڳالهه آهي؟ ڇا ٿيو! ڪنهن اسانجي ٻچن کي ماريو آهي؟“ هر طرف کان تجسس آميز سوالن جي بارش ٿيڻ لڳي. اوچتو محمد ميمڻ پنهنجو ڳوڙهن ۾ ٻڏل چهرو مٿي ڪيو ۽ خلا ۾ نهاريندي، پرعزم نموني ۾ چيائين، ”اسانجي گهر ۾ اچي اسانجي ٻچن کي ماريو اٿن. اسين سندن مقابلو ڪنداسين.“ سندس چهري جا گهنج ڪجهه وڌيڪ گهرا ٿي ويا هئا.

مرحوم ميمڻ، وڪيلن کي سچي حقيقت ٻڌائي ته ڪيئن ڊ. ڪمشنر شاگردن سان ڦهر ڪري ڇڏيا آهن. چونڪا ته اها ڳالهه ٻڌي اٽڪل ١٠٧ وڪيلن جو هڪ ڪٽڪ سيشن ڪورٽ ۾ ڪاهي پيو. شاگردن جي ضمانت تي رهائي لاءِ سؤ وڪيلن ضمانت جي درخواست تي صحيح ڪئي. جن مان مرحوم محمد ميمڻ، رسول بخش پليجو، حميد سنڌي، امان الله عباسي، غلام حيدر ميمڻ ۽ محمد عثمان ابڙي وڪيلن جا نالا قابلِ ذڪر آهن. ايف. آءِ. آر نه هئڻ سبب ٧- تاريخ شنوائيءَ لاءِ رکي وئي. محسن عباسي انوقت حيدرآباد جو ڊي. پي. پي هو.

ان ساڳئي ڏينهن تي مرحوم محمد ميمڻ جي چوڻ تي امان الله عباسي فرسٽ ايڪسٽرا جوائنٽ سول جج ۽ فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ اويس صاحب جي عدالت ۾ ملٽري اسپتال تي تلاشيءَ جا وارنٽ ڪڍڻ جي درخواست ڏني. اويس صاحب هڪ انصاف پسند دلير جج هو. هن يڪدم تلاشيءَ جا وارنٽ ڪڍيا. اها ڳالهه عام هئي ته ڪئين شاگرد مارجي ويا آهن ۽ ڪيترن جا لاشا ملٽري اسپتال ۾ پهچايا ويا آهن. اهو ئي سبب هو جو ان اسپتال جي تلاشيءَ جا وارنٽ ڪڍايا ويا هئا. امان الله عباسي ڪجهه شاگردن کي ساڻ ڪري ملٽري اسپتال ويو. اسپتال وارن کين لکي ڏنو ته، ’اسانوٽ نه ته ڪو لاش آيو آهي ۽ نه ئي ڪو شاگرد زخمي ٿي آيو آهي.‘

٧- تاريخ سيشن جج آغا حيدر عليءَ جي ڪورٽ ۾ ضمانت جي درخواست تي محمد ميمڻ بحث ڪيو ۽ پنهنجا دلائل پيش ڪيا.

٨- تاريخ درخواست جو فيصلو ٿيو. ٢٠٧ شاگردن کي ضمانت تي آزاد ڪرڻ جو حڪم نامو جاري ڪيو ويو. شاگردن تي ٣٠٧/٣٤ ١٤٩، ١٤٨، ١٤٧، پ پ ڪ جا قلم لڳل هئا. ڪين ٽن ڪانوني ڏهن هزارن جي ضمانت تي آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو هو. ضمانت جي رقم لکها رپئين تائين پهچي وئي. هاڻ مسئلو اهو اچي پيدا ٿيو، ته ايترن لکن جي ضمانت ڪٿان ڪير . شاگردن جا ٽولا پڪڙجي ويا. ڪيترن ميرن پيرن وڏيرن ۽ زميندارن ڏانهن ويا، ته رڳو هلي ضامن پئو، پر هاءِ ڙي سنڌي وڏيرا، پير ۽ ميرا! هو ڪن پڪڙي چوڻ لڳا، ”نه بابا، اسين انهنجا ضامن ڪيئن ٿا پئجي سگهون، جنهن سان ايوب خان جي دشمني هجي.“ اشفاق ميمڻ، مخدوم طالب المولي ڏانهن به ويو، پر هن صاحب ملاقات ڪرڻ ڪان ئي انڪار ڪري ڇڏيو. عبدالحميد جتوئي ايم اين اي، جنهنجو پٽ لياقت جتوئي جيل ۾ هو، اهو پنهنجي پٽ ۽ ڪجهه بين دوستن جي ضمانت ڪرائي هليو ٿي ويو، ته اشفاق ميمڻ مٿان پهچي ويو. اشفاق ميمڻ هنکي درخواست ڪئي، ته بين جي به ضمانت ڪٽي، پر هن صاحب گهٽي دلچسپي ڪانه ڏيکاري. نيٺ مٿان ڪامل راڄپر پهچي ويو، جنهنجي اپيل تي جتوئي صاحب پنهنجا سڀ ڪاغذ سنڌس حوالي ڪري ڇڏيا. پر تنهن هوندي به فقط ڏهن شاگردن جي ضمانت ٿي سگهي. اهڙي آڏي وقت ۾ محمد عرس سمون (ٽنڊي ولي محمد وارو) محمد صديق ميمڻ مرحوم (الحجاز گڊز ٽرانسپورٽ وارو) ۽ حاجي نجم الدين سريوال شاگردن لاءِ رحمت جا فرشتا بنجي آيا. محمد عرس سمون صاحب ١٢ شاگردن جو ضامن پيو. محمد صديق ميمڻ مرحوم ٠ ڇٽن جو ضامن پيو ۽ باقي رهيلن جو ضامن حاجي نجم الدين سريوال پيو. انهن ٽنهي صاحبن کي جس هجي. اهڙي آمرانه دور ۾ صاحب جائداد هئڻ جي باوجود، مسرور حسن خان جي مخالفت جي پرواه نه ڪري شاگردن جو ضامن پوڻ هڪ بي انتها بهادري ۽ حب الوطنيءَ جو ثبوت هو. مرحوم صديق ميمڻ جي باري ۾ چوندا ته جڏهن ڪجهه شاگرد هن وٽ پهتا ۽ سچو حال سربستو ڪري ٻڌايائونس، ته بي اختيار اُٿيو ۽ پنهنجي سڄي ملڪيت جا ڪاغذ ڪڍي آڻي شاگردن جي اڳيان رکيائين. ”ڪٿو، اهي اٿوَ منهنجي سڄي ملڪيت جا ڪاغذ. جيترا به شاگرد آزاد ٿي سگهن وڃي ڪرايو.“

ڪاغذي ڪارروائي پوري ڪري جڏهن وڪيل ۽ شاگردن جا مائٽ ۽ دوست سينٽرل جيل تي پهتا، ته هڪ ٻي مصيبت درپيش آئي. ڪيترن شاگردن جيل جي رجسٽر ۾ پنهنجن والدين جا غلط نالا لکرايا هئا. ڪامل راڄپر ۽ حميد سنڌيءَ ڏُک ڊوڙ ڪري اهي، نالا صحيح ڪرايا. ان ڏينهن ١٥٧ شاگرد آزاد ٿي سگهيا. حميد سنڌي رات جو دير تائين جيل ۾ ويٺو هو. جڏهن سڀ شاگرد آزاد ٿيا ته پوءِ ٻاهر نڪتو. رات جو دير تائين سندن آزاديءَ جو سلسلو جاري رهيو. جيل تي مائٽن، دوستن ۽ ٻين شاگردن جو هڪ لشڪر گڏ ٿي ويو هو. جيئن جيئن شاگرد آزاد ٿيندا ٿي ويا سندن عزيز ۽ مائٽ کين پنهنجن پنهنجن ڳوٺن ڏانهن وٺي وڃڻ لاءِ روانا ٿيندا ٿي ويا. نيٺ ميدان صاف ٿي ويو. ان سبب ڪري شاگردن جو حيدرآباد وارو محاذ ڪمزور ٿي ويو. پر آزاد ٿيل شاگرد جڏهن پنهنجي ڳوٺن ۾ پهتا ۽ اتي ڪچهرين ۾ ايوب شاهيءَ جي تشدد آميز واقعات جو ذڪر ڪيو، ته ڇوڏاري ايوب خان جي خلاف نفرت جا مچ ٻري پيا. ماڻهن ۾ سنڌ جي مظلوميت جو احساس جاڳي پيو. اهڙيءَ ريت جيئي سنڌ جي تحريڪ جو سلسلو آيري پيو.

٩- تاريخ تي باقي ٥٠ ڄڻا آزاد ٿي ويا. ١١- تاريخ جي 'عبرت' ۾ ممتاز ڪاليج خيرپور جي شاگردن طرفان هڪ بيان ڇپيو، جنهن ۾ چيو ويو هو ته: جيستائين سڀ شاگرد آزاد نه ٿيندا، هو ڪلاسن ۾ نه ويندا. ١٢- مارچ تي وائس چانسلر جي اپيل اخبارن ۾ شايع ٿي، جنهن ۾ شاگردن جي مائٽن کي اپيل ڪئي وئي ته مائٽ پنهنجي ٻارن کي سمجهائين ۽ کين مظاهرا ڪرڻ کان روڪين. ان وچ ۾ يونيورسٽيءَ تي انڊس رينجرز ۽ پوليس جو قبضو جاري هو. ڪوبه ماڻهو 'پاس' (Pass) ڪانسواءِ اندر داخل ٿي نٿي سگهيو. ايتريقدر جو استادن کي به پاس ڏيکارڻي پوندي هئي. (هلندڙ)

گذارش

ماهوار 'سهڻيءَ' ڏانهن خطَ لکندڙن کي گذارش ڪجي ٿي، ته خط پنهنجي هڪ پاسي لکن، حاشيو ڇڏين، پنهنجو نالو ۽ پوري ايڊريس ضرور لکن. جيڪڏهن خط تي نالو ڄاڻائڻ نه چاهين ته اِهو لکي موڪلين (سندن نالو نه ڄاڻائبو) بنا نالي يا ايڊريس وارو خط نه ڇپبو. — ادارو

تنقيد ۽ رايا

مان اوهانجي هن حق لاءِ سدائين وڙهندس،
ته اوهين مون سان اختلاف راءِ ڪري سگهو.
—— والٽيئر.

■ تون پنهنجن ايڊيٽوريلن جي رنگ ڍنگ سبب زبردست مڙس ماڻهو ٿي پيو آهين، ايتريقدر جو چڱا چوڪا مڙس تنهنجي آڏو چامڙا پيا لڳن. تون جيڪي ڪجهه چوڻ چاهين ٿو، لکڻ چاهين ٿو، لکين ٿو. پنهنجن خيالن جي اظهار ۾ ڪڏهن به مبهم نظر نٿو اچين. اهڙي ارهه زورائيءَ لاءِ جگر گهرجي. مان سمجهان ٿو، تو ڪنهن جوڳي جو جگر پنهنجي هنياءَ ۾ وجهي ڇڏيو آهي. مان جتي تنهنجي صاف گوئيءَ جو اعتراف ڪريان ٿو، اُتي تنهنجي سياسي خيالن ۽ نظرين سان اختلاف به ڪريان ٿو. سيپٽمبر واري ايڊيٽوريل ۾ تو بنگله ديش جي وجود ۾ اچڻ جي پڳ مُلن جي مٿي تي رکي ڇڏي آهي. بنگله ديش باضابطه، مڪمل، ۽ ڀرپور سياسي تحريڪ سبب وجود ۾ آيو آهي. بنگله ديش جي وجود لاءِ بنگالين ٢١ سال جدوجهد ڪئي آهي. هنن ١٩٥١ع کان ٽيگور جي ڪويتائن ۾ رت جو ريٽو رنگ ملائڻ شروع ڪيو، ۽ ١٩٧١ع ۾ دنيا ڏٺو ته بنگله ديش جي ندين ۾ پاڻيءَ بدران رت وهي رهيو هو. ١٩٧١ع ۾ بنگله ديش جي ڌرتيءَ مان جيڪي سِلا اُڀريا، انهن ۾ وطن پرست جوڌن جي رت جي لالاڻ هئي. پيارا، ٺڳ مُلن جي ڪهڙي مجال آهي جو ڪنهن ملڪ کي وجود ۾ آڻي سگهن. بنگله ديش لاءِ بنگال جي اديب، شاگرد، هاري، مزدور، پورهيت، ڊاڪٽر، انجنيئر، ڪلارڪ، ڀنگي ۽ حجم ملي جُلي ڪم ڪيو آهي. هنن پنهنجي رت جو پنهنجي ديس کي نذرانو ڏنو آهي. بنگالين پنهنجي بيمثال قربانيءَ سان ١٩٦٧ع واري انڊونيشيا ۾ ڪميونسٽن جي قتل عام کي ٻئي نمبر جي حيثيت ۾ ڌڪي ڇڏيو آهي. بينگالين جي تهذيب ۽ تمدن کي مغربي پاڪستان جا سفيد فام ڪارا حقارت جي نظر سان ڏسندا هئا. مغربي پاڪستان جي ايشيائي سامراجين غريب ۽ ڏتڙيل بنگاليءَ کي واپار ۽ ڪارخانن جي چار ۾ ڦاسائي سندس جان، مال، ۽ ملڪ جا مالڪ ٿي ويٺا. مغربي پاڪستان جا سامراجي ٽِتون، دولت ۽ طاقت جي

زور تي بنگال کي ڪالونيءَ طور استعمال ڪندا هئا، ۽ ان ڪڌائيءَ لاءِ ڪنهن به قسم جو شرم محسوس نه ڪندا هئا. انساني آتش‌فشان جڏهن ڦاٽندو آهي، تڏهن صدين جي ظلم ۽ ستم کي ساڙي رک ڪري ڇڏيندو آهي. بنگال پرندڙ جبل هو، نيٺ ڦاٽو. بکئي بنگاليءَ اقتصادي، معاشي، صنعتي ، ۽ ثقافتي غلاميءَ جا زنجير لحظي ۾ لاهي ڇڏيا . آزاديءَ جي عيوض بنگال پنهنجا ڪونڌر ڪُهايا آهن. پر تو بنگال جي سياسي جدوجهد ۽ آزاديءَ جي جنگ جو سمورو اعزاز منافق ملان کي ڏيئي ڇڏيو. ان ڪانپوءِ، تو سياسي پارٽين جو پڙهندڙن سان تعارف ڪرايو آهي. انجي ڪهڙي ضرورت هئي، مان نه سمجهي سگهيو آهيان. اهڙا تعارف اخبارن ۽ مختلف رسالن ۾ اڪثر ڪري شايع ٿيندا رهيا آهن. ها، ان تعارف ۾ جيڪڏهن هر هڪ پارٽيءَ جو سنڌ ۾ ڪردار بيان ڪيو وڃي ها، ۽ آخر ۾ ان پارٽيءَ جو سنڌ لاءِ هاجيڪار هئڻ جو دليل ڏنو وڃي ها، ته مان سمجهان ٿو اهو تعارف پڙهندڙن لاءِ ڪارآمد ٿئي ها. پارٽين جو ذڪر نڪتو آهي، ته مان به ڪجهه عرض ڪندس. هڪ ڏائڻ کي ٻه پُٽَ ڄاوا. جنهن ڏينهن هو دنيا ۾ آيا، تنهن ڏينهن شيطان دنيا مان موڪل ورتي. ٻئي جڏهن وڏا ٿيا ، ته هڪ ياهُ چوٽي رکائي ۽ پاڻکي جن سنگهي سڏايو . ٻئي ڏاڙهي رکائي، ۽ پاڻکي جماعت اسلامي سڏايو. ١٩٤٧ع ڪانپوءِ هڪ ياهُ پاڪستان هليو آيو. ٻيو هندستان ۾ رهجي ويو . ٻنهي جو ڪم ۽ ڪردار ساڳيو. رت لاءِ اُڃ ساڳي . پيارا طارق ، جيستائين سنڌ مان جماعت اسلامي جا تِرا تِتا ڪيو، سندس پاڙ تِتا پٽيو، تيستائين سنڌ پرمار جو شڪار ٿيندي رهندي. اسلام جي نالي ۾ سنڌ عقوبتون سٺيون آهن، ظلم براشت ڪيا آهن . اسلام جي نالي ۾ جماعت اسلاميءَ کي سنڌ ۾ برداشت ڪرڻ اسانجي جهالت ۽ سياسي شعور جي عدم موجودگي آهي. سنڌ جي حقن لاءِ، سنڌ جي بچاءَ لاءِ، سنڌ جي آئيندي لاءِ نهايت ضروري آهي، ته اسين جماعت اسلاميءَ کي سياسي طرح اهڙو نيست ۽ نابود ڪري ڇڏيون، جو ان جماعت جي مڙهه مقام جو به پتو پئجي نه سگهي . اها جماعت هوشوءَ جي دشمن آهي، هيموڻَ جي دشمن آهي. اها جماعت دودي سومري جي دشمن آهي، عبدالرزاق سومري جي دشمن آهي. اها جماعت سنڌ جي هرهڪ وطن پرست جوڌي سرويچ جي دشمن آهي . تنهنڪري، هڪ

پڙهندڙ ۽ هڪ دوست جي حيثيت ۾، مان توکي عرض ڪريان ٿو، تہ تنهنجي ايڊيٽوريل ۾ هر دفعي سنڌ جي ازلي دشمن سان سياسي جنگ جوٽڻ جو ذڪر ضرور هئڻ گهرجي. هينئر مونکي 'احمد سليم' جي خط جي باري ۾ ڪجهہ چوڻو آهي. هن چوٽ ۾ منهنجي مٿان الزام رکي، (تہ مان پنهنجي هر ڪهاڻيءَ ۾ پنجابي عورت کي رنڊي ڏيکاريندو آهيان.) مونکي نصيحت ڪئي آهي. ان سلسلي ۾ ڪجهہ چوڻو اٿم. مان بنيادي ۽ نظرياتي طرح سنڌ جي ترقي پسند اديبن جي گروهہ جو هڪ ساٿي آهيان. مونکي خبر آهي تہ ٻن قومن جي سياسي ڪشمڪش ۾، هڪبئي جي عورتن کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ سان ڪجهہ هٿ حاصل نہ ٿيندو آهي. ١٩٧٠ع ۾ ذليل آمريڪي سامراجين ويتنام جي عظيم رهبر هوچي منهہ کي بدنام ڪرڻ لاءِ گارين سان ڀريل هڪ فحش ڪتاب Diary of Ho Chi Minh's daughter ڇپرايو هو. ڪو نتيجو نہ نڪتو. اٽلندو آمريڪا کي خوب گاريون مليون. احمد سليم کي گهربو هو تہ هو پنهنجي الزام سان گڏ منهنجين ڪهاڻين جا حوالا بہ ڏئي ها. مان سمجهان ٿو، منهنجي هڪ ڪهاڻي احمد سليم جي ذهن ۾ ويهجي ويئي آهي، جنهن ۾ مرڪزي ڪردار هڪ پنجابڻ وئشا جو آهي. اها ڪهاڻي ١٩٦٨ع ۾ 'هڪ لاش ۽ راتين جا رولاڪ'، جي عنوان سان 'روح رهاڻ' رسالي جي سالنامي ۾ شايع ٿي ٿي هئي. اها ڪهاڻي ايوبي آمريت جي ڪامورن کي پسند نہ آئي، ۽ هنن ان ڪهاڻيءَ جي ڪري روح رهاڻ جي سالنامي تي بندش وجهي ڇڏي هئي. ان ڪهاڻيءَ جي پنجابڻ وئشا کي انسانيت جي اعليٰ قدرن مطابق پيش ڪيو ويو آهي. مونکي خبر آهي تہ هڪ پنجابڻ کي گهٽ وڌ ڳالهائي، مان سنڌ جي ناسور تي پهو رکي نہ سگهندس. پنجابي جاگيردار، سرمائيدار ۽ رٽائرڊ فوجيءَ سنڌ سان جيڪي ويل وهايا آهن، جيڪي ڪلور ڪيا آهن. سي هڪ عورت کي گارين ڏيڻ سان ختم ٿي نٿا سگهن. پنجابي ڪاموري سنڌين سان جيڪي نا انصافيون ۽ حق تلفيون ڪيون آهن، انهن جو عيوض هڪ عورت جي عزت ناهي. پنجابي عدليہ ۽ پوليس سنڌين تي جيڪي ظلم ڪيا آهن، تنجو بدلو هڪ معصوم ۽ مظلوم عورت کان هرگز ونئي نٿو سگهجي. مان پنهنجي ذهن ۾ هر مسئلي تي بلڪل واضح آهيان. منهنجا نظريا مبهم ناهن. اسن پرمار، قرمار ۽ 'وڏي پاءُ'

جي وڏي چڪ کان مڪمل آزادي چاهيون ٿا. اهو منهنجين ڪهاڻين جو موضوع آهي، مقصد آهي. منهنجو ادب، منهنجيون ڪهاڻيون سنڌ لاءِ آهن. مان ادب ۾ سياسي مقصديت جو قائل آهيان. مان سنڌ جي ويرين خلاف لکندس- سنڌ کي ڪالونيءَ طور استعمال ڪندڙ ديسي سامراجين خلاف لکندس. مان جڏهن ويٽنام ۾ سامراجي طاقتن جي ظلم خلاف آواز اٿاريان ٿو ، مان جڏهن ڏکڻ آفريڪا ۾ سامراجي طاقتن جي ڏاڍاين خلاف آواز اٿاريان ٿو، اريٽيريا ۽ فلسطين ۾ سامراجي خونين ۽ ڦورن خلاف آواز اٿاريان ٿو، ته پوءِ پنهنجي سنڌ ملڪ ۾ ديسي سامراجين جي بيپناهه دولت، هوس ، ۽ نندين ۽ ڏتڙيل قومن کي ڪائي وجهڻ واري نيت ۽ منصوبي خلاف آواز ڇونه اٿاريان، ڇو نه لکان! مان روحاني ۽ نظرياتي طور سنڌ ملڪ جي مٽيءَ سان ٻڌل آهيان. سنڌ ديس جي ڌرتيءَ سان منهنجو وچن آهي. جيجل سنڌ جي لوليءَ واريءَ ٻوليءَ سان منهنجو قول آهي. اياز جي هڪ سٽ دل تي تري آئي اٿم، 'گيت به مون وٽ تنهنجا ماتا، بيت به تنهنجا پانيان.، مون وٽ پنهنجو ڪجهه به ڪونهي. منهنجي هڪ هڪ سٽ، هڪ هڪ لفظ سنڌ لاءِ آهي. منهنجو ظاهر، منهنجو باطن ، منهنجو ساهه ماهه، منهنجو جيءُ، منهنجي جان ، منهنجو موت ، منهنجي زندگي سنڌ لاءِ آهي. جيجل سنڌ لاءِ منهنجو جنون، جيڪڏهن منهنجو ڏوهه آهي، ته پوءِ ان ڏوهه لاءِ موت جي سزا قبول ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. شل احمد سليم ۽ سندس پنجاب جا ترقي پسند ساٿي سنڌ لاءِ اسانجي چري چاهت کي سمجهي سگهن. هينئر مونکي پنهنجن قربائتن پڙهندڙن لاءِ ڪجهه چوڻو آهي. هنن کي منهنجيون ڪهاڻيون پسند آهن، ان لاءِ مان سندن ٿورائتو آهيان. منهنجي لاءِ سڀ کان وڏو انعام اهوئي آهي، جو منهنجيون ڪچيون ڦڪيون ڪهاڻيون 'آگهيو ڪاٺو ڪچ' جي مثل قبول ڪيون ويون آهن. ڪي گهڻگهريا دوست ۽ ساٿي تعريف جي ايڏي اپٽار ڪندا آهن، جو مان مري وڃڻ جي تمنا ڪري ويهندو آهيان. ان قسم جا ڪجهه خط سيپٽمبر جي 'سهڻيءَ' ۾ ڇپيا اٿئي، ۽ 'نسيم ٿيبو' جو طويل خط مونکي ڏياري موڪليو اٿئي، اهو سندن قرب آهي ، ورنه ايڏي ساراهه جي لائق ناهيان. بهرحال مان سندن شڪر گذار آهيان.

— آهر جليل ، ڪراچي

■ هن دفعي 'سھڻيءَ' ۾ پڻ مواد سان گڏو گڏ خطن جي صفحن ۾ طارق اشرف جو لکيل احمد سليم ڏانهن خط ۽ احمد سليم جو طارق ڏانهن لکيل خط پڙهيم. پاڻ اهو اهڙي هڪ انڌياري وقت جو احوال آهي، جيڪو ايترو ته تازو آهي جو رکو تصور ڪرڻ جي ضرورت آهي. انوقت ۾ اسانتي ڪيئي فرض عائد پئي ٿيا، جن مان ڪن ساٿين کي فرض پورا ڪيا ڪي رهيا، بهرحال ائين ٿيندو آهي. اها تاريخ جي ڏارا آهي، ڪيترن کي ساڻ ڪٽي هلي ڪيترن کي ڦٽي ڪري ڇڏي، سا سندس مرضي آهي . ان عرصي ۾ پين سان گڏو گڏ اسانجو اهو فرض پڻ هو ته جيئن ته پريس بلڪل دشمنيءَ وارو رول پئي ادا ڪيو، تنهنڪري حقيقت پسندن ۽ مجموعي طور سڀني ماڻهن اڳيان صحيح صحيح روئيداد پيش ڪيون ، ته جيئن هو صاحب به ڪنهن صحيح فيصلي تي پهچي سگهن. ڪيترن دوستن ۽ ساٿين، ڪيترن ئي طريقن سان اهو ڪم سر انجام ڏنو. پر توهانجو احمد سليم ڏانهن لکيل هي خط هڪ وقتائتو آواز هو، جو حقيقت ۽ انصاف لاءِ پڪار هو. جتوڻيڪ توهان پنهنجو فرض پورو ڪري جس لهڻي، پر احمد سليم هڪ ٻي قوم سان واسطو رکندڙ جيڪي ڪجهه لکيو آهي، ان بابت ڪجهه لکڻ ضروري ٿو سمجهان. مان جڏهن اياز جي لکيل خطن جي مجموعي 'جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي' جي صفحي ٤١ تي لکيل لاڪ ووڊ هوٽل ڪوهه مري ١٥- آگسٽ جي ٻي پهرا ۾ هينيان اکر پڙهيا: ''قيس نين بدل برسي 'ڪير چوندو ته پنجابيءَ شاعريءَ ۾ ترقيءَ جون صلاحيتون نه آهن، جيتريون اردوءَ ۾. مون نيڻن جي بادل سان تشبيه اردو، سنڌي، بنگالي، هندي، انگريزي ۽ فرينچ شاعريءَ ۾ پڙهي آهي . پر انهيءَ پنجابي سٽ جهڙي انوکي شاعرائي ادا ٻيءَ ڪنهن به ٻوليءَ ۾ نه آهي. انجي باوجود، جڏهن مونسان مريءَ ۾ به پنجاب جا چوٽيءَ جا اردو شاعر مليا ۽ جنڪي مون هوٽل ۾ رات جي مانيءَ تي مدعو ڪيو هو، ته انهن پنجابيءَ زبان کان نفرت ته نه، پر بي اعتنائي ضرور ڏيکاري. اسان مختلف موضوعن تي ڳالهايو، جن ۾ پنجابي زبان جو مسئلو به شامل هو. مون هنن کي چيو ته: ''توڙي صاف شفاف پاڻيءَ جو چشمو دور هجي، ته به پياسو انسان ڪنهن گنديءَ ناليءَ مان پياس بجهائي چپ ڪري ته نه وهندو. پنجابي زبان کي جيڪڏهن جديد تشڪيل ڏيڻ لاءِ ڪافي عرصو لڳندو، ته انجي

معنيٰ اها ته نه آهي، ته اها ٻولي جنهنجون ٻاڙون عوام جي روح ۾ آهن، جنهن ۾ اوهانجا ڳوڙها ۽ ٽهڪ آهن، نظرانداز ڪري سگهجي ٿي.' هنن وٽ ڪوئي جواب نه هو. شايد انهن سمجهيو ته وارث شاه، شاه لطيف وانگيان ڪوئي وارث نه ڇڏيو آ." گاف هوٽل پوربن ١٩ آگسٽ، صفحو ٤٧ پڙها ٻي. 'ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي': "بس ڇڻ ته اڏامندي ٿي ويئي. موڙ وٽ اوچتو بريڪ لڳڻ جو آواز ٿيو ۽ بس بيهجي ويئي. مون وچين‌ءَ سيٽ تان اٿي ڏٺو ته بس جي سامهون ٽنل قاتل ڪپڙن ۾ هڪ سفيد ريش پهاڙي نظر آيو، جو ڳويا اڳڙين ۾ ويڙهيل وارث شاه جو ويڳاڻو روح ٿي لڳو. ڊرائيور هنکي اردوءَ ۾ ڳار ڏيئي گيئر ڦيرايو، ۽ بس هلڻ لڳي." 'پٿونر پري آڪاس' شعرن جو مجموعو صفحو ١٤٤: "ڪٿان آئي آهين ڪٽورا ڪٽي، قريب اچ ته تنهنجي اکين ڪي چمي، پيان ڳيت سان زندگيءَ جي چڪي، هلي آءُ اي هير پنجاب جي." پڙهندو هوس ته مونکي عجب لڳندو هو ته، اسانکي ته ٻڌايو ويو هو ته اسان اڄ تائين پنجاب جي چنبن ۾ اٿن پيڙبا رهيا آهيون، جيئن سرنهن جا داڻا گهاڻي ۾ پيڙبا آهن (تازو ون يونٽ وارو عرصو انجو مثال آهي) ته اسانکي ته مجموعي طور تي پنجاب سان اختلاف پيدا ٿيو هو ۽ اياز جا مٿيان لکيل ٽڪرا پڙهي مان سمجهي نه سگهندو هوس ته اياز جهڙو حقيقت پسند انسان ۽ سياسي رهبر شاعر اهڙي هڪ غاصب خطي کي ڇو ٿو ايترو سڪ سان ياد ڪري. پر بقول شاه عبداللطيف ڀٽائي 'سچ صبحائي جا ڪري سائي ساميءَ روءِ.' سو اياز اهو ڪجهه ڇيو هو، جنهنجي سمجهڻ لاءِ احمد سليم جو هي خط پڙهڻ ضروري آهي. احمد سليم سندس خط ۾ قوميت جي باري ۾، پنجاب جي اردوءَ بازن جي باري ۾ ۽ مفاد پرستن نامنهاد پروگريسو جي باري ۾ جيڪا واضع تشريح لکي آهي، انجي باري ۾ جيڪي به ساراهه جا اکر لکڻ چاهيان ٿو، سي ٿيچ سمان پيا لڳن. هن صاحب جيڪا حقيقت پسندي ۽ سچائي ڏيکاري آهي ته: 'پنجاب جي رجعت پرست سياست جي جواب ۾ سنڌ جو ترقي پسند ۽ باشعور قوم پرست طبقو، جي پنجاب جي مخالفت ڪري ته هيءَ هڪ افسوس ناڪ ڳالهه آهي. پر پوءِ به اسان غير مشروط طور تي سنڌ ۽ سنڌيءَ جي حمايت ڪندا رهنداسين.' انکي پڙهي هوند هر حقيقت پسند ۽ صحيح سوچ رکندڙ قوم پرست ماڻهوءَ

ڪي سليمرلاءِ احترام ضرور ٿيندو. باقي جيڪو لکيس اٿس ته، ' فيض هتان جو ٿي ڪري خط اردوءَ ۾ ٿو لکي'ءَ مٿس افسوس جو اظهار ڪيو اٿس، ان لاءِ عرض آهي ته ادا، جيڪڏهن فيض صاحب ائين نه ڪري ها، ته اڄ ثقافتي مشيرڪيئن هجي ها؟ اهو ئي ته ڪارڻ آهي جنهن ڪان فيض صاحب جند ڇڏائي آهي ، ورنه اياز جو صحيح قوم پرست ۽ صحيح سوچ رکندڙ ڪانسواءِ ٻيو ڪهڙو ڏوهه آهي . جو سندس اٽڪل سيٺي ڪتاب بندش هيٺ آهن. ڪوٺي ۽ ڪري جي پرک آهي، تاريخ جي ڪسوٽيءَ تي!

— مير محمد پيرزادو، سڪرنڊ، سنڌ

■ مان 'سهڻيءَ' جي خوشامد ڪونه ٿو ڪريان، بلڪ هڪ صحيح ڳالهه پيو چوان. پڙهندڙ به خود اها ڳالهه تسليم ڪندا. 'روح رهاڻ' بند ٿيو ته اهو سمجهيوسين ته اسانجي گهر جو ڀاتي اسان ڪان جدا ٿي ويو. پر هينئر ته 'سهڻي' ڪي پڙهندي روح رهاڻ جي ياد وسري وڃي. سيپٽمبر واري سهڻي ۾ طارق اشرف جي ڪهاڻي 'قبر لٽ' واقعي اردوبازن ۽ انهن جي چمچن جي ظلم جي صحيح عڪاسي ڪري ٿي. ۽ مجيم ته شيخ اياز جي شعرن ۾ سنڌ جي دشمنن لاءِ للڪار سمايل آهي. يقين سان چوانٿو ته 'شهيد عبدالرزاق سومري' جو رت سنڌين ڪي سجاڳ ڪندو. اسين سنڌ جي ڀلائي خاطر پنهنجو سر به قربان ڪرڻ لاءِ تيار آهيون، آخر غير سنڌين ڪي ايئن چوڻو پوندو ته: سنڌ فقط سنڌين جي لاءِ آهي.

— اشوڪ ڪمار زرگر، ڪنڊ ڪوٺ، سنڌ

■ 'سهڻيءَ' جو انتظار عيد جي چنڊ وانگر هوندو آهي. مان سڀ سنڌي رسالا وڏي شوق سان پڙهندو آهيان، پر سڀني ڪان سهڻي وڌيڪ پسند ايندي آهي. محترم طارق اشرف ته سٽل سور جا ڳاٽي ڇڏيا آهن. ڪهاڻي 'قبر لٽ' حق جي ترجماني ڪئي آهي. ادا سائين، 'پنهنجي طرفان' پڙهي ڏاڍي خوشي ٿي، ته سنڌ جا سپوت چپ نه آهن، جيڪا سچي ڳالهه آهي ، ڪٿي ڪنهن لاءِ ڪيتري به ڪڙي هجي، انهيءَ جذبي ڪي ڏسي دل ڏاڍو خوش ٿي .

— ارشاد علي تونيم ، يارو ديرو، لاڙڪاڻو سنڌ

■ ياڻ سيپٽمبر وارو پرچو نظر مان گذريو ، واقعي 'سهڻيءَ' جو اهو پرچو سهڻو هو . ادل، خدا ڪندو ته اسانجون سڀ اميدون

ڪڏهن نہ ڪڏهن ضرور ساپ پونديون. لکڻيون تہ سڀ سون، پر خاص ڪري احمد سليم صاحب جو نڪيل خط پنهنجو مٽ پاڻ هو، پڙهي ايتري تہ خوشي ٿي جو بيان ئي ڪونہ ٿو ڪري سگهان. ادل، شال پنجاب جا سڀ سپوت ساڳي سڌ رکن، تہ هوند پاڪستان جا سڀ صوبا امن ۽ شانتيءَ سان گذارين. سلام آهي ان زمين تي، جنهن سليم جهڙا حق پرست پيدا ڪيا آهن. خدا ڪري تہ سنڌ ۾ رهندڙ سمورا پنجابي بہ ساڳئي جستجو لاءِ رڌل رهن تہ هوند سنڌ جو وار بہ ونگو ڪونہ ٿي سگهي. پر افسوس جو سنڌ ۾ رهندڙ پنجابين (خاص ڪري لاڙڪاڻي ۾) جي اڪثريت سنڌين لاءِ پويون ڏينهن آهي. ڪلهہ ڪلا سنڌين جي خلاف زهر پيا اوڳاڇين. هن وقت تائين ڪنهن بہ پنجابيءَ پنهنجي اولاد کي سنڌيءَ ۾ تعليم ڪانہ ڏني آهي. شهري تہ نهبو، پر آيل فوجين بہ بازارن ۾ سنڌين خلاف بحث ڪيا. پر چوي ڪير، خبر نہ آهي تہ ڪهڙو عظيم گناهہ ڪيو آهي سنڌين. اهڙيون حالتون ڏسي يقين ڪونہ ٿو اچي تہ سليم جهڙو انسان بہ پنجابي ٿي سگهي ٿو! هنوقت تائين هڪ اڌ اهڙي لاڙڪاڻي ۾ رهندڙ پنجابيءَ سان واسطو پيو آهي، جنهن سنڌين جي حمايت ۾ ڳالهايو هجي. ڪن استادن (پنجابين) ليڪچر دوران ائين چيو تہ، "جو سندهي جيئي سندهہ کا نعرا لگائين گي، انهين هم ديکهين گي." مان تہ ائين چوندس، پنجابين جي انهيءَ رويي، اردو وارن جو مٿو ڦيرائي ڇڏيو آهي.

— ميمڻ امان الله راهي، لاڙڪاڻو.

■ 'سهڻيءَ' جو سالن کان سهيڙيندڙ آهيان، ليڪن افسوس سان چوڻو ٿو پويم تہ هي پهريون ئي دفعو آهي جو 'سهڻيءَ' جي 'حضور' ۾ ڪجهہ پيش ڪري رهيو آهيان. توهانجو 'پنهنجي طرفان' سهڻي جي جان آهي ۽ خاص طرح گذريل ٻن مهينن وارا تہ بي بها آهن. ڏسڻ ۾ ائين ٿو اچي تہ شايد توهانجي قلم ۾ مٿس بدران سنڌوءَ جي شهيدن جو خون پريل آهي ۽ تنهن جي بدولت توهانجي 'پنهنجي طرفان' ۾ ايڏو اثر آهي. اهڙن پر اثرائتن 'پنهنجي طرفان' لکڻ لاءِ ترهان ڪيرون لهڻيون. هن مهيني جي 'سهڻي' ورتم ۽ هينئر پڙهي ختم ڪئي اٿم. بنا وڌاءَ جي چوڻو ٿو پويم تہ سهڻي اڳي کان اڳري آهي. سهڻي سنڌ جو آواز آهي. سهڻي اسان سنڌين جي دل جي ڌڙڪن آهي. سهڻي اسانجو مذهب آهي، طارق جي ڪهاڻي 'ڦر لٽ' ڪهاڻي

تہ نہ آهي، بلڪ هڪ مڪڙَ جي سوانح حيات آهي. محترم رسول بخش پليجي جو 'نظريہ اسلامستان' اسلام جي نيڪيدارن جي منهن تي هڪ ڀرپور چماٽ آهي . مسعود نوراني جو قسط وار مضمون سهڻي جي من مهڻي صورت تي 'ٺڪو' (سون وارو) آهي. مضمون جو هر هڪ لفظ حقيقت تي مبني آهي. جنهن ۾ تيرَ جيترو بہ وڌاءُ نہ آهي. مضمون پڙهڻ بعد رت وڌي وڃي ٿو. هن مهل تائين تہ آءٌ مسعود کي فقط هڪ جوشيلو مقرر ۽ رهبر سمجهندو هوس پر سندس لکيل مضمون پڙهڻ کانپوءِ خبر پئي تہ هو ٻين ڳالهين سان گڏ هڪ سٺو ليکڪ بہ آهي. آءٌ موصوف کي صلاح ڏيندس تہ جيڪر اِهو مضمون ڪنهن ننڍڙي ڪتاب جي صورت ۾ شايع ڪرائي تہ هٿون هٿ کپي وڃي. حيدرآباد کان پاءُ 'داس وشن' توهانکي لکيو آهي، تہ ايترو 'چٽو ۽ ٺڪو سچ نہ لکو.' ان لاءِ پاءُ داس وشن کي ايترو عرض ڪندس تہ پاءُ ڪڏهن سچ بہ مٺو ٿيندو آهي ڇا؟ سچ تہ هميشہ ٺڪو ٿيندو آهي. ۽ جيستائين 'چٽي' جو تعلق آهي تہ سچ چٽبو ئي انهيءَ کي آهي جيڪو چٽو هجي، جيستائين چٽو نہ هوندو اهو ڪوڙ ئي سمجهبو ويندو. — اياز احمد ميمڻ، ميرپور خاص.

■ گذريل مهيني ۽ هن مهيني جي 'سهڻي' پڙهيم، بيحد وڻيون . 'پنهنجي طرفان' توهان ايترو تہ صاف ۽ واضع ٿا لکو جو ڏَڏُ مغزن جا بہ ڪاپاٽ کلي پوندا، پر افسوس آهي صدر پٽي تي ڪو اثر نٿو پوي. جيتوڻيڪ پاڻ اعليٰ سياسي ۽ انقلابي ڄاڻ رکي ٿو. انجو مطلب اهو ٿيو تہ صدر پٽو ڄاڻي واڻي سنڌي عوام کي نظر انداز ٿو ڪري. توهانجو هڪ هڪ لکيل لفظ گوليءَ وانگر اچي ٿو دماغ ۾ لڳي. در محمد اوستي پارن تي الائجي اثر ڇو ڪونہ ٿو ٿئي. آغا سليم جي ڪهاڻي 'خواب جي منزل' بيحد وڻي. ڪبس هر مهيني سهڻيءَ لاءِ هڪ ڪهاڻي لکڻ کپي. پر انجي برعڪس سڄي سال ۾ بہ ڪهاڻيون مس ٿو لکي. عبدالحليم بروهي جون مختصر ڪهاڻين ۾ نواڻ آهي ۽ سنڌي ادب ۾ اهڙين ڪهاڻين جي ڏاڍي ضرورت آهي. نئون شاعر 'انور' مستقبل جو عظيم شاعر ٿيندو، سندس همت افزائي ڪرڻ سنڌي قوم جو فرض آهي. سندس شاعري جا لفظ تيرَ بنجيو پڙهندڙن جي دل ۾ تاڇين. هڪ هڪ لفظ ۽ سِٽَ سِٽَ ٽانڊن جيان پيا ٻرڪن. آمر جليل جو مضمون 'مان پڇان مان پران ....' تي کهڙي راءِ ڏيان،

اهو ئي هميشه وانگر پاڻ ملهايو اٿس. ۽ پڙهندڙن جا خط به رکيو خط ڪونهن، پر پنهنجي جاءِ هڪ الڳ ادب جي حيثيت ٿا رکن، جنهن ۾ سنڌين جي دلين جي مجموعي طرح عڪاسي ٿيل آهي. هفتيوار 'سنڌ سجاڳ' ضرور نڪرڻ کپي، ته جيئن 'اخبارِ جهان' جي هڪ هٿي ختم ٿئي. سنڌي شاگردن ۽ قومي ڪارڪنن ۽ اڳواڻن جي گرفتاري قابلِ مذمت آهي. صدر ڀٽو پاڪستاني صدر سڏائڻ جي شوق ۾ پنهنجي قوم سان ڪلم ڪلا ظلم پيو ڪري. نواب مظفر، عثمان ڪينيڊي، محمود الحق عثماني ته جيل ۾ پنهنجن ٻچڙن افعالن جي ڪري پيا، هنن بي گناهن جو خون ڪيو. پر جي-ايم سيد کي ڪهڙي خوشيءَ ۾ گرفتار ڪيو اٿن؟ ڪهاڻي 'قرلت' مهاجرن کي چڱو خوار ڪيو آهي. مضمونن منجهان 'نظريه اسلامستان' ڏاڍو ڪلايو ۽ مسعود نورانيءَ جو مضمون '٤- مارچ ١٩٦٧ع' به بيحد دلچسپ هجڻ سان گڏ سنڌي شاگردن جي جدوجهد جا تاريخي ورق آهن. مضمون جي پوئين ٽڪري يعني ناشتو ۽ چٽن واري ٽڪري ڏاڍو ڪلايو. طارق جي نالي، احمد سليم جي خط پنجابين جي باري ۾ اسانجي دلين مان غلطفهميون ميساري ڇڏيون آهن. هونئن ان خط پڙهڻ کان اڳ مان پنجابين کي ظالم قوم سمجهندي هيس، جيڪي ٣٠ لک بنگالين جي خون جا واحد ذميدار آهن. ۽ مظلوم قومن کي آمرڻ نٿا ڏين. پر احمد سليم جي خط دل جي ڪدورت ۽ پنجابين لاءِ نفرت بلڪل ختم ڪري ڇڏي آهي. — **نسيم ٽيپو**، شڪارپور، سنڌ

■ سيپٽمبر جي 'سهڻي' وقت کان اڳ ئي ملي وئي. هن ڀيري سهڻي واقعي قابلِ ديد هئي. شايد ٤- مارچ جي رهيل مصاحبن هنجي واقعات ۾ وڌيڪ پراسراريت مهيا ڪئي. اهڙيءَ طرح اوهانجو لکيل ايڊيٽوريل سچ جي وات هئي. واقعي پوليس، محب وطن ۽ غيور سنڌين کي جيل جي ڪوٺڙين ۾ بند ڪري ڇڏيو. اهي فقط پناهگيرن کي خوش ڪرڻ لڳا، پنهنجي قوم جي ٻچن جي ڪنڌ تي ڪاتي ڦيرائي! لاڙڪاڻي ۾ پڻ سنڌي شاگرد ۽ رهنما هٿا ويا، پر پناهگير شرپسندن کي ڪجهه به نه چيو ويو. يقين ڪريو ته اهو واحد شهر 'لاڙڪاڻو' آهي جتي ڪنهن به شرپسند پناهگير کي ٻڌو نه ويو آهي. سهڻي جي حاليه ذاتي صفحي کي به جيڪر نه پڙهيو ويو ته پوءِ سنڌين جو دٻيل آواز هڪ وقت ڦاٽ ڪائيندو. سهڻي جي شماري ۾ 'شهيد عبدالرزاق

سومري' جي تصوير پيئي صفحي تي ڏيڻ بدران جيڪر سرورق تي ڏني وڃي ها ته يادگار بڻجي وڃي ها. وڏي عرصي ڪانپوءِ اوهانجي ڪهاڻي 'قرلٽ' سهڻي ڪي نئون جذبو ڏنو آهي. رشيد ڀٽي جي جيل واري ڊائري جو ورق ۽ سليم احمد (پنجاب ديش) واري جو خط اهميت ڀريا آهن. 'نظريہ اسلامستان' اسلام پرست نڳن جي لاءِ عبرت آهي. واقعي اهي پيٽر جا سوالات هئا_ يا هڪ غير مذهب شخص جا اسلام جي ٺيڪيدارن جي نڙيءَ تي نهن هئا! حصئہ شعر ۾ هن ڀيري سمورا سهڻي جا پراڻا ۽ ٻانهہ ٻيلي شاعر هئا. جنجي تخيلات جا انمول موتي هئا، جن ۾ دوست چانڊيو، راز ناٿن شاهي، انور، قمر شهباز ۽ امداد حسينيءَ جا انيڪ خيال موجود هئا. هن ڀيري غير سنڌي اخبارن مان اقتباسات به ڪونہ هئا! آخر ۾ سهڻيءَ جي موجوده پاليسي ڏسي هاڻي سنڌين جي دلين ۾ ضرور سوچ ۽ فڪر جو جذبو اجاگر ٿيندو. خدا ڪري اوهين پنهنجي پيرن تي مضبوط رهو.

— سيما ممتاز عباسي، لاڙڪاڻو.

هن پرچي جا ڪجھ ليکڪ

فهميده ميمڻ، انگريزي ادب ۾ ايم-اي ڪيل اٿس. هلال پاڪستان (ڪراچي) ۾، عورتن جي پرچي جي انچارج آهي. ڪجھ ڪهاڻيون مختلف رسالن ۾ ڇپيون اٿس. سهڻيءَ ۾ سندس هيءَ پهرين ڪهاڻي آهي.

سروپچندر 'شاد'، گهڻي وقت کان شاعري ڪري پيو. سنڌيءَ جي سڀني سٺن رسالن ۾ سندس شعر ڇپيا آهن. گورنمنٽ ڪاليج ٽنڊي محمد خان ۾، انگريزيءَ جو ليڪچرار آهي. سهڻيءَ ۾ سندس شعر پهريون ڀيرو، سيپٽمبر ١٩٧٢ع ۾ ڇپيو هو.

صدرالدين شيخ، شڪارپور ۾ رهي ٿو. نئون شاعر آهي، هيءَ سندس پهرين وائي آهي. انجنيئرنگ ڪاليج، ڄام شوري ۾ پڙهي ٿو.

شمشاد مرزا، ڪجھ وقت کان شاعري ڪري پئي. سندس تعلق نون سنڌين مان آهي. پنجابي ۽ سنڌيءَ ۾ شاعري ڪندي آهي. هن وقت سکر ۾ رهي ٿي ۽ انگريزي ادب ۾ ايم-اي ڪري رهي آهي.

سنڌين لاءِ سهوليت

ڻي پاڻن، حيدرآباد شهر ۾ سئي گيس جي گهرو ۽ ڪمرشل
نگ لاءِ 'انڊس گئس' جي منظور ڪيل **سنڌي ڪانٽريڪٽر**
ءِ ن خدمتون حاصل ڪري سگهن ٿا.

انهيءَ کان علاوه برنرس وغيره جي سروس لاءِ پڻ اسانجون
ـمتون حاصل ڪريو.

لکپڙهه لاءِ، يا روبرو ملو:

پروگريسو ٽريڊرس

ڪانٽريڪٽر ۽ انجنيئر

۲۵ـ ے- سيالن جو پاڙو،
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد، سنڌ

هڻيءَ جي نون خريدارن لاءِ خاص رعايت

هوار 'سهڻي' جي نون خريدارن لاءِ فقط هڪ مهيني (آڪٽوبر) لاءِ
اص رعايت ڪئي وئي آهي. ماهوار سهڻيءَ جو گذريل پرچي کان سال
چندو -/۲۰ رپيا ٿي ويو آهي، پر فقط هڪ مهيني لاءِ نون خريدارن
ان سال لاءِ چندو -/۱۵ رپيا ونبو. آڪٽوبر ۾ ئي خريدار ٿي،
رپئين جي بچت ڪريو، ۽ گهر ويٺي سهڻي حاصل ڪريو.

ماهوار

سُهڻي

الهندو ڪچو، حيدرآباد، سنڌ

- 'سنڌ سجاڳ' مخزن سنڌ جي سجاڳيءَ لاءِ ڪيجي ٿي.
- 'سنڌ سجاڳ' مخزن جو ڪنهن به سياسي پارٽيءَ سان تعلق نه هوندو
- 'سنڌ سجاڳ' مخزن ذريعي سنڌ فقط سنڌ جي حقن لاءِ جدوجهد ڪبي

هفتيوار سنڌ سجاڳ مخزن

طارق اشرف ۽ مسعود نوراني جي زير ادارت شايع ٿيندي.

قاضي فيض محمد، عبدالحليم بروهي، نظير شيخ،
خمر محمد قريشي، منور احمد ميمڻ ۽
احمد سليم (ڪنوينر پنجابي ادبي سنگت، لاهور)
. هن مخزن جا مستقل صلاحڪار هوندا

سنڌي اديبن، شاگردن ۽ سنڌي قوم پرستن کي گهرجي ته
سهڻي پبليڪيشن جي سهاري هيٺ تمام جلد شايع ٿيندڙ هفتيوار
'سنڌ سجاڳ' جي مالي مدد ڪري پنهنجي قوم پرستيءَ
جو ثبوت ڏين.

جيڪڏهن هڪ سنڌي هڪ رپيو به مدد طور ڏي،
ته هوند هڪ ڪروڙ رپيا گڏ ٿي سگهن ٿا.

اوهانجو هڪ رپيو قوم جي قسمت بدلائي سگهي ٿو.

جلد کان جلد هفتيوار 'سنڌ سجاڳ' جي مالي
مدد ڪري جلد کان جلد پنهنجا حق وٺو-

امداد هيٺين ايڊريس تي مني آرڊر، چيڪ يا روبرو پيش ڪري
رسيد وٺي سگهو ٿا.

سنڌ سجاڳ
معرفت ماهوار سهڻي
الهندو ڪچو، حيدرآباد، سنڌ.

● 'سنڌ سجاڳ' مخزن سنڌ جي سجاڳيءَ لاءِ ڪڍجي ٿي.

● 'سنڌ سجاڳ' مخزن جوڪنهن بہ سياسي پارٽيءَ سان تعلق نہ هوندو

● 'سنڌ سجاڳ' مخزن ذريعي سنڌ ۽ فقط سنڌ جي حقن لاءِ جدوجهد ڪبي

هفتيوار سنڌ سجاڳ مخزن

طارق اشرف ۽ مسعود نوراني جي زير ادارت شايع ٿيندي.

قاضي فيض محمد، عبدالحليم بروهي، نظير شيخ،
خمير محمد قريشي، منور احمد ميمڻ، ۽
احمد سليم (ڪنوينر پنجابي ادبي سنگت، لاهور)
هن مخزن جا مستقل ساٿي هوندا.

سنڌي اديبن، شاگردن ۽ سنڌي قوم پرستن کي گهرجي تہ
ٽي پبليڪيشن جي سهاري هيٺ تمام جلد شايع ٿيندڙ هفتيوار
'سنڌ سجاڳ' جي مالي مدد ڪري پنهنجي قوم پرستيءَ
جو ثبوت ڏين.

جيڪڏهن هڪ سنڌي هڪ رپيو بہ مدد طور ڏي،
تہ هوند هڪ ڪروڙ رپيا گڏ ٿي سگهن ٿا.

اوهانجو هڪ رپيو قوم جي قسمت بدلائي سگهي ٿو.

جلد کان جلد هفتيوار 'سنڌ سجاڳ' جي مالي
مدد ڪري جلد کان جلد پنهنجا حق وٺو -

امداد هيٺين ايڊريس تي مني آرڊر، چيڪ يا روبرو پيش ڪري
رسيد وٺي سگهو ٿا.

سنڌ سجاڳ
معرفت ماهوار سهڻي
الهندو ڪيچو، حيدرآباد، سنڌ.

پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڄُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاٺو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪٽي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَ نَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَ نَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، جاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن:
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻپڙهيل کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ بين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ ڪان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)